
ناول
پيار درياھ
اسحاق انصاري
ناول
پيار درياھ
اسحاق انصاري
پوپٽ

# پيار درياهه

(ناول)

## اسحاق انصاري

پوپٽ پبلشنگ هائوس – خيرپور، سنڌ
2016ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**POPAT BOOK NO: 99**

**پيار درياهہ**

**(ناول)**

ناولنِگار: **اسحاق انصاري**

ڇاپو پهريون: 2016ع

تعداد: هڪ هزار

ٽائيٽل ڊزائين: سعيد منگي

لي آئوٽ: آصف نظاماڻي

ڪمپوزنگ: عرفان ڀٽو

ڇپيندڙ: پوپٽ پرنٽنگ پريس، خيرپور، فون: 0243-552913

ڇپائيندڙ: پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور - سنڌ.

ملهہ: **250/-** روپيہ

**PYAAR'U DARYAAH'U**

**(Novel)**

By: **Ishaque Ansari**
First Edition: 2016
Quantity: 1000 Copies
Title Design: Saeed Mangi
Lay 'out: Asif Nizamani
Composing: Irfan Bhutto
Printed by: Popat Printing Press, Khairpur Ph: 0243-552913
Published by: Popat Publishing House, Khairpur – Sindh.
Price: **Rs. 250/-**

# ارپنا

انهن محبتن جي نانءُ

جيڪي

پوريون هونديون بہ

اڻپوريون رهجي ويون.

**ـ اسحاق انصاري**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”**پيار درياھ**“ اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب نامياري ليکڪ، ڪهاڻيڪار، سفرناما نگار ۽ ناول نگار **اسحاق انصاري** جو لکيل ناول آهي.

اسحاق انصاريءَ جي لکڻيءَ ۾ بي ساختگي، نفاست ۽ رواني موجود هوندي آهي، جنهن جي ڪري پڙهندڙ تي سندس لکڻيءَ جي گرفت آخر تائين برقرار رهندي آهي. سندس پهرين ناول ”خالي بينچ“ وانگر اسحاق انصاريءَ جي هن ناول ”پيار درياھ“ جو موضوع بہ ”پيارُ“ ئي آهي.

هي ڪتاب **پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور** پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پوپٽ پبلشنگ، هائوس جي سرواڻ قربان منگيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# پبلشر نوٽ

اسحاق انصاريءَ جي لکيل پهرين ناول ”خالي بينچ“ پڙهندڙن ۾ ايتري مقبوليت حاصل ڪئي جو ان ناول جا هڪٻئي پٺيان ٽي ڇاپا شايع ٿيا ۽ هٿوهٿ وڪامي بہ ويا. اسحاق انصاريءَ جي لکڻيءَ ۾ بي ساختگي، نفاست ۽ رواني موجود هوندي آهي، جنهن جي ڪري پڙهندڙ تي سندس لکڻيءَ جي گرفت آخر تائين برقرار رهندي آهي.

”خالي بينچ“ وانگر اسحاق انصاريءَ جي هن ناول ”پيار درياهہ“ جو موضوع بہ ”پيارُ“ ئي آهي. اسان کي پڪ آهي تہ سندس هي ناول پڻ پڙهندڙن، خاص ڪري نوجوانن ۾ سندس پهرين ناول وانگر مقبول ٿيندو ۽ هن ناول جا بہ هڪ کان وڌيڪ ڇاپا سامهون ايندا. اها بہ پڪ اٿئون تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ناول جي حوالي سان جيڪا ڏکر واري صورتحال آهي، انهيءَ صورتحال ۾ هي ناول ٿڌڙي هير جي جهوٽي جو احساس ڏياريندو.

**قربان منگي**

**چيئرمين**

**پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور**

# پنهنجي پاران

منهنجي زندگي سدائين سفر ۾ رهي آهي ڪڏهن اها من اندر جي سفرن ۾ تہ ڪڏهن مختلف ماڳن، مڪانن ۽ ملڪن جي ڊوڙ لتاڙيندي گذري آهي. منهنجي زندگيءَ جو خوبصورت حصو 1990 کان وٺي 1995 تائين چيڪوسلوواڪيا ۾ گذريو جتي مان پي ايچ ڊي ڪري رهيو هيس. اهو ملڪ بہ مون کي پنهنجو پنهنجو لڳو تہ ماڻهو بہ، هونئن بہ مان سنڌوءَ جي چيڪي مٽيءَ مان جڙيل هيس تہ هو وري ڊينيوب ۽ ولتاوا جي لٽ سان لتيل هيا. اتان جي زندگيءَ جي واقعن، مشاهدن، سکن، ڏکن، دوستين (دشمنيون تہ اسان ڪيون ئي نہ)، پيارن، مهڻن، ماڻن، نازن،اندازن، مرڪن، ٺهڪن، رشتن ۽ ناتن جو هڪ قرض منهنجي مٿان هو تہ مان انهن جي باري ۾ لکان. لکڻ ڪاڻ تہ مان اتان جي ڊائري بہ لکي پئي سگهيس، آتم ڪٿا جو هڪ ڀاڱو ڪري بہ لکي پئي سگهيس، يا سفرنامو بہ ڪري پيو سگهان. پر مون سوچيو تہ انهن سيني طريقن سان تہ کھڙي وقت بہ، ڪڏهن بہ ۽ کھڙي نموني بہ لکي سگهان ٿو. پر مون چاهيو پئي تہ انهن سيني کي امر بہ بڻايان. ان لاءِ مون وٽ ايتريون تہ ڳالهيون هيون، راز ۽ نياز هيا، مورتون ۽ صورتون هيون جو اهي منهنجي آڏو ڪنهن ناول جو قصو يا ڪردار ٿي نچيا پيا. تنهن جي ڪري اهو ضروري هو تہ انهن کي ڪنهن ناول جي صورت ۾ آڻيان. ان ڪري مون هن ناول جي صورت ۾ اهي مشاهدا ۽ تجربا توهان جي آڏو آندا آهن. هر تخليق ۾ ليکڪ پاڻ موجود هوندو آهي پر ان جو مطلب اهو نہ هوندو آهي تہ سئو سيڪڙو اهي تجربا يا مشاهدا سندس ئي هوندا آهن پر ليکڪ ان ۾ پنهنجي من اندر جي

ڪيفيتن، واقعن ۽ ڪردارن کي بہ افسانوي انداز ۾ تحرير ڪندو آھي. سو ھن ناول ۾ حقيقت ۽ افساني (تخليق) جو مرڪب ملندو.

منھنجي لکڻين ۾ ۽ زندگيءَ ۾ بہ رومانس ۽ پيار جي پالوٽ پسي سگھجي ٿي. مان مختلف ھنڌن تي اھو چوندو رھندو آھيان تہ زندھ رھڻ لاءِ دل ۾ ھڪ ڇيت ھر وقت ڇپندي رھڻ کپي. شڪر آھي جو منھنجي دل ۾ ڇيت ڇپندي رھي ٿي ۽ ان ڪري جيئرو بہ آھيان.

جيئرو رھڻ ئي ھڪ وڏو ڏکيو ڪم آھي پر لاپائتي ۽ سھڻي نموني جيئرو رھڻ ھر ماڻھوءَ جو ڪم ناھي. خوشين جا ٽانگر ڪڏھن بہ اوھان جي اڱڻ تي پاڻ مرادو اچي ڪونہ اپرندا. خوشبوئن جا پوپٽ ڪڏھن بہ اوھان جي ارد گرد نہ اڏمندا. نہ وري رنگن جي انڊلٺ اوھان جي اندر جي آسمان تي پاڻ مرادو نمودار ٿيندي. ائين ئي رشتن ۾ بہ آھي ڪڏھن بہ پيار جا رشتا پاڻ اچي اوھان جي دلين جا در ڪونہ کڙڪائيندا. جي کڙڪائن بہ صحي پر انھن کي نڀائڻ لاءِ ماڻھوءَ کي پاڻ اھڙو ٻجھڻو پوندو آھي. سو صحيح نموني جيئڻ لاءِ ماڻھوءَ کي پنھنجي سر ڪوششون وٺڻيون پونديون آھن. رنگن کي، منظرن کي پسڻ لاءِ جھنگن جھرن، سمنڊن، صحرائن، عمارتن ۽ ماڻھن جي جھنگن، فضائن ۾ ڄاڻي واڻي گھمڻو ۽ رلڻو پوندو آھي.

اھڙي ريت پيار کي پسڻ لاءِ ماڻھن جي اندر جا جھان جھاڳڻا پون ٿا. انھن جي جھانن کي پنھنجي اندر جي جھان ۾ سموئڻو پئي ٿو. ٻن مان ھڪ ٿيڻو پئي ٿو تڏھن ئي پيار جا ڪجھ پل پائي سگھجن ٿا.

ھا! حاصل تڏھن ئي ڪري سگھجي ٿو جڏھن انھن محبتن تي ڪائناتون قربان ڪجن. پر اھو ڏکيو ڪم آھي، اسان چاھيون ٿا تہ ڪجھ وڃائڻ کان بغير سڀ ڪجھ حاصل ڪري وٺون اھو سڀ ناممڪن آھي. وڃائڻ ئي اصل پائڻ آھي. جنھن اھو سمجھي ورتو ان گھڻو ڪجھ حاصل ڪري ورتو.

سونهن، سچ، ڪوڙ، پيار ۽ عشق جيان حاصل يا حاصلات بہ رليٽو ٽرم آهي. هر هڪ وٽ انهن جي لاءِ پنهنجيون پنهنجيون وصفون، ماپا ۽ ماڻا آهن. ان ڪري ڪنهن کي اها حاصلات لڳندي آهي تہ ڪنهن کي اهو وڃائڻ لڳندو آهي.

پنهنجي هر لکڻيءَ جيان هي ناول مون ڪنهن آفيشل اسائنٽميٽ جيان نہ لکيو آهي. 1995 کان وٺي، 16 سال اهو روڳ اندر ۾ پاليندو رهيس. پنهنجو پاڻ اوڳر ڪندو رهيس، تان جو هڪ وقت اهو آيو جو منهنجي اندر مان ڪنهن لاوا جيان لفظ نڪرندا ويا ۽ ڪمپيوٽر جي اسڪرين تي لکبا ويا، لکبا ويا ۽ لکبا ئي ويا.

هن ناول لکڻ وقت، ڪڏهن مرڪيو بہ آهيان تہ کليو بہ آهيان. رُنو بہ آهيان تہ ڏکويل بہ ٿيو آهيان. چو جو هي ناول مون لکيو ناهي پر اوڳاڇيو آهي. ان ڪري ان ۾ جيڪي بہ جذبا آهن اهي پنهنجي پوري سچائيءَ سان بيان ٿيل آهن. ان ڪري مون کي يقين آهي منهنجي پڙهندڙ وٽ بہ اهي جذبا، لفظن وسيلي اهو ئي ماڻُ ماڻيندا جيڪو ماڻُ انهن جو مون وٽ آهي.

ڪڏهن ڪڏهن ڪي دوست پڇندا آهن تہ مان سدائين سونهن، پيار، عشق ۽ جذبن تي ئي چو لکيو آهي. منهنجو کين اهو جواب هوندو آهي جنهن ماڻهوءَ وٽ جيڪو وکر هوندو تہ اهو ئي وڪڻندو نہ! شل منهن جو هي وکر اوهان وٽ قبوليت ماڻي.

**اسحاق انصاري**

ڪراچي

6 ڊسمبر 2016

# ناول

البانيا جي عائده، ورڪشاپ شروع ٿيڻ جي ٻن ڏينهن کانپوءِ پهتي هئي. جڏهن عائده ڪلاس ۾ آئي تہ سڀ ڪان پهرين هن جي رس ڀريل چپن ۽ وڏين اکين آيانَ جي توجهہ ڇڪائي هئي. انهن اوچاين جي آڏو عائده جو ننڍو قد لڪي ويو هيو. عائده جڻ هائيڪو هئي. خوبصورت اکيون، رسيلا چپ ۽ منڙو بدن .

ورڪشاپ جو شيڊيول ڏاڍو مصروف هيو. صبح جو ساڍي اٺين ڪان وٺي شام تائين ڊيموگرافيءَ جا دُڪا هنن جي اندر ۾ اوتيا ويندا هيا. انڪري ڪلاس ۾ ڇوڪرن ڇوڪرين جي پاڻ ۾ ميل ملاقات گهٽ هئي، سندن وچ ۾ هڪ وڇوٽي ۽ ڏاريائپ هئي.

پهريائين ٽي ڏينهن تہ ايئن ئي گذري ويا. هونئن بہ آيان اڇل ڏئي دوستي رکڻ وارن مان نہ هيو. هُنکي واقفيت وڌائڻ ۾ وقت کپي. ٽئين ڏينهن ڪلاس کانپوءِ هنن سيني کي محل جي ويجهو ان ٻيلي ۾ بار بي ڪيو پارٽي ڏني وئي، جيڪو آيان کي ڪمري مان نظر ايندو هو ۽ جتي هو جاگنگ ڪرڻ ويندو هو

اتي هڪ وڏو مچ ٻاريو ويو. مچ جي چوڌاري ويٺلن جي چهري تي پونڌڙ باهہ جي گهٽ وڌ روشني ۽ شيڊ، سهڻو منظر پيش ڪري رهيا هئا. مچ  تي گوشت بہ گرل ٿيندو رهيو. ان سان گڏ بيئر ۽ وائين پيڻ جو دور بہ هلندو رهيو. جڏهن امرت رس جا ڍڪ اندر جي اونهاين ۾ اوتبا ويا تہ تهڪن ۽ مختلف ملڪن جي لوڪ گيتن جون کهکشائون چوڏس ڦهلبيون ويون. ڏاريائپ ۽ ناهہ نوهہ وارا پردا ڪري پيا. پاڻ ۾ ڳالهائڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو پروفيسر بہ ساڻن فري ٿي ڳالهائي رهيا هيا. هڪ ٻئي سان چرچا ڀوڳ بہ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيائون. ڇوڪرن ۾ جيڪڏهن  تهڪن ۽ چرچن ۾ آيان اڳرو هيو تہ ڇوڪرين ۾ وري

عائده جا ٺهڪ سيني تي حاوي هيا. جيئن جيئن مچ جون ڪانيون سڙي ٽانڊا ٿينديون پئي ويون تيئن تيئن هُنن جي اندر جي آڳ ۾ گرمجوشي وڌندي پئي وئي. باهہ جي چٽنگن جيان آيان جا ٺهڪ بہ وڻن جي ٽارين کي ڇهڻ لڳا تہ سڀ هن ڏانهن متوجہ ٿيا. سڀ کان پهريائين بلغاريا جو زدراوڪو ۽ بيلورشيا جو دميتري آيان جي ويجهو آيا ۽ هو پروفيسرن کان ٿورو پرڀرو وڃي ڪچهري ڪرڻ لڳا. هڪٻئي کي لطيفا بہ ٻڌائي رهيا هيا تہ پنهنجا پنهنجا تجربا بہ ٻڌائي رهيا هيا. ڇوڪرن جون ڳالهيون ۽ ٺهڪ ڇوڪرين جي من اندر کي بہ ڇهڻ لڳا هئا. سڀ کان پهريائين رومانيا جي ديلا آئي ۽ پوءِ آيان جي ٺهڪن جي ستار سان عائده جي ٺهڪن جي ٿاپ بہ شامل ٿي وئي. ان کان علاوه رومانيا جي ڊائنا بہ هنن وٽ هلي آئي. پر ان وقت سيني ڇوڪرين مان عائده ئي وڏيڪ انجواءِ ڪري رهي هئي.هن وٽ مزاح جي حِس ٻين کان سرس هئي. ان ڏينهن عائده کي ڪارو ريمپر پاتل هيو ۽ آيان پنهنجو پاڻ کي هنجي اکين ۾ گرل ٿيندي محسوس ڪيو هيو.

ان ئي رات هنن سيني پنهنجن تعارف سان گڏ وڏن ۽ ڏکين نالن کي سنهنجو ڪري نئون روپ ڏنو هيو. جيئن روزي، ديلا، تيلا، ديانا پر عائده پنهنجي مختصر جسم جيان عائده ئي رهجي وئي. آيان جي من اندر ۾ عائده جي مختصر نالي جا ڪئين روپ سرجڻ لڳا هئا.

آيان بيچينيءَ سان انتظار ڪري رهيو هو. هن سامهون ڀت تي لڳل گهڙيال ۾ ڏسي، فلائيٽ شيڊيول واري بورڊ تي نظر ڊوڙائي،

| Flight | Fl.Number | From | Estmited time | Remarks |
| --- | --- | --- | --- | --- |
| Ok | 501 | Tirana | 10.00 | Delayed |

پراگ ايئر پورٽ جي Arrival لائونج ۾ آيان فلائيٽ ليٽ هجڻ ڪري هُنَ پاسي سان رکيل بينچن تي ويٺي پنهنجيون يادگيريون سنڀاليون تہ پنهنجي منهن ئي مرڪي ويٺو.

هن کي وري ياد آيو تہ ہ سال اڳ چارلس يونيورسٽيءَ طرفان ڪيل ورڪشاپ ۾ حصو وٺڻ لاءِ پراگ آيو هو. کين پراگ کان تقريبن چاليهہ ڪلو ميٽر پري هڪ ننڍي ڳوٺ ”زهرادڪي“ ۾ رهايو ويوهو. جنهن جي چوڌاري سايون سايون ڀنيون هيون، پري پري ڪٿي گهر هيا ۽ مٿان نيرو آسمان. ڪيس اهو لينڊ اسڪيپ سهڻو لڳي رهيو هو. بس کين اوائلي رينيسنس (Renaissance) آرڪيٽيڪچر واري شاندار محل (Castle) وٽ ڇڏيو. اهو محل ڪنهن پراڻي نواب جو هيو ۽ ڪميونسٽ انقلاب کان پوءِ حڪومت چارلس يونيورسٽيءَ جي حوالي ڪيو هيو جيڪو يونيورسٽيءَ جي ڪانفرنسن، ورڪشاپن ۽ ميٽنگن لاءِ استعمال ٿيندو هيو. محل هڪ ننڍي ٽڪريءَ تي وڻن جي جهڳٽي ۾ گهيريل هيو، ان جي چوڌاري لوهي گرل لڳل هئي .بس جي بيهڻ شرط سڀ پنهنجو پنهنجو سامان بيگن ۾ لڳل ڦيٿن ذريعي ريڙهيندا، هڪ شاهي گيٽ مان اندر داخل ٿيا تہ وڏي آڳر هنن جي آجيان ڪئي، جنهن جي وچ تي پٿر جو خوبصورت ڦوهارو ۽ چوڌاري وڪٽورين اسٽائيل جون بينچون لڳل هيون. سامهون هڪ خوبصورت

عمارت هئي، جنهن جو ڪاٺ وارو وڏو دروازو اڪري،  ونگن واري وراندي ۾ پهتا. دخل تان ڪمري جي چاٻي وٺڻ دوران، آيان پنهنجن ساٿين جو جائزو ورتو. هنن جي گهڻائي ڪائنئس ننڍي عمر جي هئي.

ڪيس ڪمرو پهرين فلور تي مليو. ڪمرن کي قديم ۽ جديد طرز تي سينگاريو ويو هيو. آيان ڪمري ۾ داخل ٿي سوٽ ڪيس کي الماريءَ ۾ رکي ڪمري جو پردو هٽايو ته سندس منهن تي مُرڪ اچي وئي، ڪمريَ جي  ڇاريءَ واري پردي مان دريءَ کان ٻاهر ٻيلي جا سر سبز وڻ نظر اچي رهيا هيا. ڪيس اهو سمورو ماحول ڏاڍو رومينٽڪ ۽ ڪنهن لوڪ ڪهاڻيءَ جي منظر نگاريءَ جهڙو لڳي رهيو هيو. هُن خوش ٿي سوچيو ته: ”ورڪشاپ لاءِ آيو آهيان يا ڪنهن شهزاديءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ سوئمبر ۾ حصو وٺڻ پهتو آهيان“.

آيان جڏهن ڪلاس ۾ پهتو تہ ڪلاس ۾ ڪرسيون ”U“ شيپ ۾ رکيل هيون، هرڪو پنهن جي نيم پليٽ پڙهندو ان هنڌ ويهندو ويو. آيان هڪ لائين جي آخري ڪنڊ واري ڪرسيءَ تي پنهنجا فائيل رکيا. سندس پر ۾ ليٿونيا جو ڇوڪرو ويٺل هو.

جيستائين ڪوآرڊينيٽر اچي هن هم ڪلاسين تي نظر ڊوڙائي.

گروپ جو جينڊر ريشو (Gender Ratio) 1:4 هيو. جن ۾ گهڻائي ايسٽ بلاڪ جي ڇوڪرين جي هئي. آيان سميت رڳو پنج مرد هيا.

آيان کي يورپ جي ايسٽ بلاڪ جو عورتاڻو حسن سدائين موهيندو رهيو آهي. يورپ جي ان حصي جي عورتن جا قد پائينز جي وڻ جيان ڊگها، اکيون پوريون جڻ بادلن سان ڀريل آسمان يا وري سمنڊ جهڙيون نيريون، وار ماکيءَ رنگا، ناسي يا سونهري. خاص ڳالهہ تہ نوي سيڪڙو سپني وصفين سهٽيون، باقي ڏهہ سيڪڙو شڪل ۾ موچاريون لڳن پر انهن جا بت بہ وينس جون سڪون لاهين. هنن وٽ عورتاڻي نفاست ۽ نزاڪت ملي ٿي، جيڪا ٻين يوروپين عورتن وٽ گهٽ آهي.

ڪوآرڊينيٽر، جي اچڻ سان سندس خيالن جو سلسلو ٽٽي ويو. سڀ کان پهريائين هر ڪنهن پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ اهو بہ چيو ويو تہ هرڪو پنهنجو نڪ نيم بہ ٻڌائي ۽ ان کان علاوه پنهن جي لاءِ ڪا علامت بہ ٻڌائي جنهن سان ڪيس سڃاتو وڃي.

تعارف ڪرائڻ دوران پتو پيو تہ بلغاريا مان هڪ ڇوڪرو ۽ وڏن ڪارن وران واري هڪ ڇوڪري، اسپين مان گھنڊيدار وارن واريون بہ ڇوڪريون، يوڪرائين مان اڏڙوٽ عمر جون بہ مايون، جن کي ڏسي آيان خوش بہ ٿيو تہ گھٽ ۾ گھٽ هنن نوجوانن ۾ ڪو هن جي عمر کان وڏو بہ آهي. ان کان علاوه، رومانيا جون ٽي ڇوڪريون، ايسٽونيا جي، هِڪَ ڇوڪري مولدوويا جي هِڪَ ڇوڪري، بيلو رشيا جو هڪ ڇوڪرو، لتويا جي هڪ ڇوڪري، ليٿونيا جو ڇوڪرو ۽ ڇوڪري، چائنا جو هڪ ڇوڪرو جيڪو جرمنيءَ ۾ پي ايچ ڊي ڪري رهيو هو، انڊونيشيا جو هڪ ڇوڪرو ۽ ٻيون چيڪ جون ڇوڪريون هيون.

آيان پنهن جي لاءِ نڪ نيم ”ڪاشي“ ۽ سمبل ٻانهون ٻڌڻ جو ٻڌايو ۽ ان جي باري ۾ هنن کي ٻڌايائين تہ سندس ڌرتي امن ۽ پيار جي ڌرتي آهي ۽ ٻانهون ٻڌڻ اهنسا ۽ ٻي کي عزت ڏيڻ جي علامت آهي. ٻين سيني بہ پنهنجو پنهنجو تعارف ڪرايو پر لنچ تائين سيني کان هڪ ٻئي جون علامتون وسري ويون رڳو ياد رهجي ويون آيان جو ٻانهون ٻڌڻ ۽ ڊيلا جي فلائنگ ڪِس، ان کان پوءِ سڀ هُن کي ٻانهون ٻڌي ڪيڪار يندا هيا.

ڪوآرڊينٽر پوري ورڪشاپ جي باري ۾ تفصيل ٻڌايا. جنهن کان پوءِ ليڪچرس جو سلسلو شروع ٿي ويو.

آيان کي ڪلاس ۽ رهائش، ڪينٽين ۽ ڳوٺ وڻڻ لڳو هو. پر جيئن تہ هو بہ ڪُڏ ڏئي دوستي رکڻ وارو نہ هو، ٻيو تہ هو پنهنجو پاڻ کي هنن جي هم عمر بہ نہ پئي سمجهيو، سواءِ يوڪرائين جي ٻن ماين جي جيڪي عمر ۾ هن کان بہ وڏيون هيون. پر هو خوش ضرور هو تہ سندس هم ڪلاسي ڇوڪريون سهڻيون ضرور هيون. کيس اهڙي ماحول ۾ حسين ماڻهن جو ساٿ مزو ڏئي رهيو هو.

پارٽيءَ جي ڪري صبح جو ڊائننگ هال جو ماحول مختلف هو. هر ڪو ڇهڪي رهيو هيو. ڊاريائپ جون ديوارون ڪري پيون هيون، سڀ پاڻ ۾ گهلي ملي ويا هيا.

آيان جيئن ئي هال ۾ داخل ٿيو تہ عائده ڪيس سڏ ڪري پنهنجي ٽيبل تي ويهڻ لاءِ چيو. دريءَ مان ايندڙ روشني عائده جي اکين ڪي وڏيڪ اجرو ڪري رهي هئي ۽ هن جو چهرو تازي سورج مکيءَ جيان ٻهڪي رهيو هيو. آيان پاڻ ڪي سورج مکيءَ جي ٻنيءَ ۾ بيٺل محسوس ڪيو هو.

پارٽيءَ کان پوءِ ڪلاس جو ماحول بہ دوستاڻو ٿي ويو هو. سڀني شاگردن، خاص ڪري عائده ۽ آيان جا ليڪچر دوران شاگردي اسٽائيل وارا ڪمينٽس، چنين جي صورت ۾ شروع ٿي ويا. سندن اکيون بہ داستان گو بڻجي ويو هيون.

شام جو جاگنگ ڪرڻ کانپوءِ، آيان وهنجي سهنجي ڪپڙا پائي هيٺ لٿو تہ جيئن دميتري ۽ ييٽي سان گڏ پب وڃي سگهي تہ ڦوهاري وٽ ڪيس عائده ملي وئي، جنهن ڪائنس پڇيو تہ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي، جواب ۾ هن ڪيس پب جو ٻڌايو ۽ ڪيس بہ هلڻ جي دعوت ڏني، جيڪا هن قبول ڪئي. اهو ان نںڍڙي ڳوٺ جو ننڍڙو پر خوبصورت پب هو اتي اڇن ميز پوشن واريون پنج ٽيبلون هيون ۽ ديوارن تي ڪاٺ جا مختلف ڊيڪوريشن پِيس لڳل هيا. روشني بہ هلڪي

هلڪي هئي. ٻه ٽيبلون ته اتان جي مستقل گراهڪن لاءِ ڄڻ مخصوص هيون پر ٽين ٽيبل به هاڻي هنن لاءِ مخصوص ٿي وئي هئي.

پب ۾ هنن جي ڪچهري هلندي رهي، هو گهڻي دير تائين اتي ويٺا رهيا، ڇو جو اڳلو ڏينهن ڇنڇر هجڻ ڪري هنن کي موڪل هئي. باقي منجهند جو هنن کي بس ذريعي پراگ ويڃڻو هو. جتي يونيورسٽيءَ ۾ ڪين پريڪٽيڪلز ڪرڻا هيا. ان ڪري آيان، فهد کي به فون ڪري زهرا ڪي اچڻ کان منع ڪيو هيو.

منجهند جو بس پهتي ته هر ڪو ان ۾ وڃي ويٺو. اسٽوڊنٽس بس تيزيءَ سان رستي جي ٻنهي پاسن کان لڳل پائينز جي ڏگهن وڻن کي پوئتي ڇڏيندي پئي وئي. عائده، آيان کان اڳ واري سيٽ تي چيڪ چوڪري ليونا سان ويٺي هئي. بس ۾ ٿهڪ گونجي رهيا هيا. ٿوري دير ڪانپوءِ عائده بس بيهارڻ لاءِ چيو ڇو جو ڪيس الٽي پئي آئي. آيان به هُن سان گڏ لٿو ۽ الٽي اچڻ جو سبب پڇيو ته عائده وراڻيو ته ڪيس بس جي سفر ۾ اها تڪليف ٿيندي آهي. ان تي مرڪندي آيان ڪيس چيو ته: يا الٽي اچڻ جو ڪو ٻيو سبب آهي؟ هوءَ کلي ويئي.

آيان بس ۾ اچي سڀني کي خوشخبري ٻڌائي. عائده جي بس ۾ داخل ٿيڻ شرط سڀني تاڙيون وڄائي ڪيس مبارڪ ڏني. عائده کي ڪا ڳالھ سمجھ ۾ نه آئي. ڊرائيور روزيءَ کي ننڍو ويهاڻو ڏنو. روزي ۽ ليونا عائده کي ليٽڻ لاءِ ويهاڻو ڏنو. عائده حيرانيءَ مان هنن کي ڏٺو ۽ پڇيو ته هي سڀ ڇاهي؟ هنن ڪيس چيو

”اسان کي سڀ خبر آهي ته تون ڳورهاري آهين“.

عائده هڪدم ڪاوڙمان آيان کي ڏٺو جيڪو کلي رهيو هو ۽ پوءِ هوءَ پاڻ به کلي پئي ۽ سڃي بس کي حقيقت ٻڌائي ته اها تڪليف ڪيس بس جي سفر ڪري ٿيندي آهي.

پراگ ۾ آيان، يونيورسٽيءَ طرفان ڏنل هاسٽل ۾ رهڻ بجاءِ فهد جي فليٽ تي رهيو. هُن جي عائده سميت ٻين شاگردن سان ملاقات صرف پريڪٽيڪلز مهل ٿيندي هئي. آيان شام جو پراگ جي ٻين دوستن ۽ فهد سان گڏ پراڻن ٽاڪن تي وقت گذاري پراڻي زماني کي ياد ڪندو هيو. ويڪ اينڊ تي هو ۽ فهد گڏجي

ڪڏهن اولڊ ٽائون اسڪوائر تي، تہ ڪڏهن چارلس برج تي، تہ ڪڏهن واتسلاو اسڪوائر تي واتسلاو جي مجسمي جي چانور ويهي پرسان گذرندڙ حسن جا پيگ اکين وسيلي اندر ۾ اوتيندا هيا تہ ڪڏهن وري ولتاوا جي پر وارين گهٽين ۾ گهمندا هيا. انهن ڏينهن ۾ هو ٻئي ڄڻا وري پنهن جي پراڻي زماني وارين موجن ۾ پهچي ويا هيا، جڏهن آيان ڏهہ سال اڳ اتي Ph.D ڪرڻ آيو هيو.

آچر جي شام جو بس واپس زهرادڪي اچڻي هئي ۽ بس اسٽاپ تائين فهد، هن  کي ڇڏڻ آيو. هُو بس ۾ سامان رکي ٻاهر ان خيال کان بيهي رهيو تہ جيستائين سڀ اچن ۽ بس رواني ٿئي تيستائين فهد سان ڪچهري ٿي وڃي. ڪجهہ دير ۾ عائده ٻين ڇوڪرين سان گڏجي بس وٽ پهتي ۽ آيان کي ڏسي هن طرف وڌي آئي ۽ آيان کان پڇيائين:

”توهان ڪٿي هيئو؟ توهان کي ڏاڍو مِس ڪيوسين“.

”بس پراڻن دوستن سان هياسين“.

”يا پراڻين گرل فرينڊز سان؟“.

”نہ ايئن نہ هيو“.

”اهو سچ هجي تہ سٺو. اسان کي بہ دوستن جيان گڏ رکو ها“.

عائده لمڪو ڏيندي واپس ويندي چيو.

آيان جي من ۾ ڇٽنگائي تيليون ٻرڻ لڳيون. فهد ڪيس ڪک ۾ ٿونٽ هڻي اک ڀڳي.

آهستي آهستي سڀ پهچندا ويا ۽ بس ڀرجڻ لڳي، آيان کان فهد موڪلايو تہ هو بہ بس ۾ وڃي ويٺو.

بس ۾ عائده، آيان جي ڀرمان لنگهندي چيو:

“What I said, I mean it”

آيان جي من جي ڪليسا جا گهنڊ وڄڻ لڳا. ان سان گڏ ڪيس لڳو تہ پراگ جي سيني گرجائن جا گهنڊ بہ گونجڻ لڳا هئا.

آهستي آهستي هنن جو هڪ گروپ ٺهجي ويو هو ۽ ان گروپ ۾ آيان کان علاوه بيلورشيا جو دميتري، ليتويا جو پيٽي(جنهن کي اهو نالو سنگت ڏنو هو ان ڪري جو هو ڊگهو هو ان کان علاوه سندس رشين نالي جي معني بہ هئي "جبلن ۾ رهندڙ شخص")، بلغاريا جو زدراوڪو بلغاريا جي ئي روزي، رومانيا جون ڊائنا، ديلا ۽ ديتلينا ۽ البانيا جي عائده شامل هئي.

دميتريءَ جي انگلش، "ييس، نو" تائين محدود هوندي هئي، پر کيس گهڻا لطيفا ياد هوندا هيا. جن جو ترجمو پيٽي ڪري ٻڌايندو هيو. پيٽي ڪمپيوٽر جو ماهر ۽ انگلش ميوزڪ جو شوقين هيو. بلغاريا جو زدراوڪو سٺو اسپورٽسمين ۽ اسڪنگ جو انسٽرڪٽر هيو. هو لاابالي طبيعت جو هو. سندس دلچسپي ڊائنا ۾ هوندي هئي. ڊائنا هڪ ڊگهي ۽ سلم ڇوڪري هئي. هن جا سونهري وار وڏا ۽ اکيون نيريون هيون، جن تي سونهري فريم واري عينڪ هوندي هئي. سندس چپ لپ اسٽڪ کان بغير بہ ڳاڙها هوندا هيا. روزي خاموش طبيعت هوندي هئي. هن جي بلغارين نالي جي معني گلاب هئي، جنهن ڪري هوءَ سيني لاءِ روزي هئي، هن جا ڪارا ڊگها وار هن جي چيلهہ تي جهومندا هيا. ديلا ٿوري ٿلهي هوندي هئي، پر

سندس نقش معصوم ٻار جهڙا هوندا هيا ۽ ديتلينا سنهي سڪڙي پر سندس ڪمپني مزو ڏيندڙ هئي.

ان گروپ ۾ آيان جي دلچسپيءَ جو محور ڊائنا هئي ۽ ديلا جي نظرن ۾ وري آيان نچندو رهندو هيو. گروپ جو لوگو هو: ”هيئر وي آر“.

بور ليڪچرن ۽ بحثن مان واندا ٿي سڀ گڏجي ان ننڍي ڳوٺ جي سر سبز پيچرن تي واڪ ڪندا هيا، تہ ڪڏهن سائيڪلن تي نيري ڍنڍ تي ويندا هيا تہ ڪڏهن ڳوٺ جي ويجهي ننڍي شهر ۾ چڪر ڏيندا هيا. پر جيئن ئي سج لڙندو هيو، ڳوٺ ۽ محل تي رومينٽڪ اوندهہ پکڙبي هئي، تہ اهو ٽولو اتان جي ننڍي پر خوبصورت پب ۾ گڏ ٿيندو هيو. ڇوڪرا بيئر جي بوتلون خالي ڪندا هيا تہ ڇوڪريون وري ريڊ وائين جا چسڪا پريندي ڳل ڳاڙها ڪنديون هيون. پب کان واپسيءَ تي خاموش ماحول ۾ ٽڏ جي ڪري، هو ڪيلاش قبيلي جي ڊانس جيان هڪٻئي جي ڪلهن تي هٿ رکي، وات مان ٻاڦ اوڳاڇيندا، گانا ڳائيندا، پنهنجي محل ڏانهن واپس ورندا هيا ۽ شاهي ڪاريڊورس ۾ الوپ ٿي ويندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن عائده ۽ آيان محل جي اڱڻ ۾ رکيل وڪٽورين بينچ تي ويهي ڳالهيون ڪندا هيا. اهڙي ئي هڪ ڪچهريءَ ۾ عائده آيان کي ٻڌايو هيو تہ هن جو البينين دوست ڪيس ڇڏي ويو هو جنهن ڪري عائده ڏاڍي ڊسترب هئي. ان وچ ۾ ڪيس هن ورڪشاپ جي انويٽيشن اچي وئي، پر هُن نہ پئي اچڻ چاهيو. سندس والدين زوريءَ موڪليو هيس تہ جيئن هنجو من وندري پئي. عائده آيان سان ڳالهيون شيئر ڪرڻ ڪانپوءِ پاڻ کي تازو توانو محسوس ڪندي هئي.

ان ڏينهن سج چمڪي رهيو هيو. عائده ۽ آيان ڪلاس ختم ٿيڻ ڪانپوءِ سائيڪلون ڪٽي ڳوٺ جي ڍنڍ ڏانهن نڪري ويا هيا. عائده ڪي ڪاري نيڪر ۽ بسنتي رنگ جي ٽي شرٽ پهريل هئي ۽ آيان ڪي وائيٽ نيڪر ۽ گري ٽي شرٽ پهريل هئي. رستي جي ٻنهي طرفن ڪان حد نظر تائين سايون سايون ٻنيون هيون ۽ نيرو آسمان. ڪناري جي ٻنهي طرفن ڪان ڍگها ڍگها وڻ هيا. آيان ڪي ماحول، جان ڪانسٽيبل جي ڪنهن لينڊ اسڪيپ پينٽنگ جيان لڳي رهيو هو. هو جڏهن ڍنڍ تي پهتا تہ سج لهي رهيو هيو. عائده ۽ آيان ڪناري تي سائيڪليون بيهاري پاڻيءَ ۾ اندر تائين ٺهيل ڪاٺ جي پليٽ فارم تي ويٺا. هنن ڪان علاوه اتي ڳوٺ جو هڪ نوجوان جوڙو بہ ويٺو هيو. جن لهندڙ سج ڪي ڏسي چمي ڏني ۽ تيستائين هڪ ٻئي سان چهٽيل رهيا، جيستائين سج لهي نہ ويو. آيان ۽ عائده هڪ ٻئي ڪي ڏسي مرڪي پيا هيا. هو گهڻي دير تائين اتي ويٺا رهيا، ٻئي خاموش هيا نيٺ آيان ڪانئنس پڇيو:

”ايتري خاموش ڇو آهين؟“.

”حقيقت ۾ خاموش ناهيان. منهنجي ذهن ۽ دل ۾ هڪ ئي وقت الائي ڪيتريون ڳالهيون هُري رهيون آهن پر زبان تي نہ ٿيون اچن. پر اهو توکي ضرور ٻڌايان تہ تنهن جي ويجهي ويهڻ سان مون کي تحفظ جو احساس ٿئي ٿو جيڪو مان وڃائي چڪي هيس. تون ئي مونکي نئين سِر جيئڻ جو اتساهہ ڏنو“.

”ٿينڪس فار ڪامپليمينٽس“.

”نہ ٿينڪس جي ضرورت ناهي،مون مان زندگيءَ جو موهہ نڪري ويو هو. هڪ شخص منهنجن ٿهڪن جي آڌو ڊيم ٻڌي ڇڏيو هو. منهنجي خود اعتماديءَ جي ٻيڙيءَ ۾ سوراخ ٿي پيا هيا. پر تون منهنجي لاءِ ريسڪيو ٻڻجي آيو آهين“.

”اهڙي ڪهڙي ڳالهہ ٿي هئي؟!!“.

”ڪجهہ ڏينهن توکي اڳ ٻڌايو هيم تہ منهنجو البانيا ۾ هڪ دوست هوندو هيو. اسان اسڪول جي زماني کان دوست هياسين. اسان جي گهر وارن کي بہ ڪو اعتراض نہ هوندو هو. هڪٻئي جي گهر ايندا ويندا هياسين. اونهاري جون موڪلون بہ گڏ گهاريندا هياسين. اسڪنگ تي بہ گڏ ويندا هياسين. تہ وري بيچ تي بہ گڏ. نہ رڳو البانيا ۾ پر ٻين ملڪن ۾ بہ گڏ گهمڻ ويندا هياسين“.

”پر تون تہ رومانيا ۾ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهين ٿي، ۽ هو؟“.

”هو البانيا ۾ ئي انجنيئرنگ پڙهندو هو پر تڏهن بہ اسان جو ملڻ عام جام ٿيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هو رومانيا ايندو هو نہ تہ عام طور تي موڪلن ۾ آءٌ البانيا ويندي هيس. باقي فون تي تہ روز ڳالهائڻ ٿيندو هو“.

”توهان جو تہ تمام سٺو جوڙو لڳندو هوندو“.

”ها سڄاڻو سڀ ايئن چوندا هيا. نہ رڳو سڄاڻو پر جيڪي اسان ٻنهين کي گڏ ڏسندا هيا، اهي بہ تعريف ڪندا هيا“.

”پوءِ......“

آيان جي ڳالهہ کي اڻ ٻڌو ڪري هوءَ پنهن جي ئي ڌن ۾ ڳالهائيندي وئي:

”هو ڊگهو هو. هن جا وار سونهري ۽ گهنڊيدار، بدن ورزشي...... هو سٺو تارو بہ هو. ان کان علاوهہ هو فوٽبال جو بہ سٺو رانديگر هوندو هو. مطلب تہ هڪ

آئيڊيل ڇوڪري واريون سڀ خوبيون هيون ان ۾. پر بس الائي ڇا من ۾ اچي ويئس جو مون کان منهن موڙيندو ويو. پهريائين تہ مون کي رومانيا ۾ ٽيليفون ڪرڻ گهٽائي ڇڏيائين..... پنهنجو پاڻ کي دلاسو ڏيندي رهيس تہ ائين ٽي ويندو آهي. پوءِ وري جڏهن مان اونهاري جي موڪلن ۾ گهر ويس تہ روز ملندڙ ماڻهو مون سان ملڻ ۾ وقفو وجهڻ لڳو. ڪڏهن هڪ ڏينهن تہ ڪڏهن ٻہ ڏينهن“.

”تون هن کان سبب نہ پڇيو؟“.

”پڇيومانس تہ هو لنوائڻ لڳو تہ اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ناهي ٿورو مصروف آهي، پرمون کي سندس رويي مان سڀ ڪجهہ صاف ظاهر پئي ٿيو“.

عائده جي اکين مان ڳوڙها وهندا رهيا. هن وري پنهن جي ڳالهہ جاري رکندي چيو:

”منهنجي تہ دنيا ئي بدلجي وئي هئي، هر وقت ڳلي ۾ جڻ ڳوڙهو محسوس ٿيندو هو. اکين مان هر وقت ڳوڙها وهندا رهندا هيا“.

هو سڏڪن ۾ پئجي وئي. آيان هن جي هٿ کي وٺي پنهن جي هٿ ۾ سوگهو ڪري ڇڏيو. عائده کيس ٻڌايو:

”هڪ ڏينهن تہ مان هڪڙي پارٽيءَ ۾ بيهوش ٿي ويس. ڇو جو ان پارٽيءَ ۾ هو بہ آيو هو پر ڪنهن ٻي ڇوڪريءَ سان ۽ مون وٽان گذرڻ مهل مون کي نظرانداز ڪندو هو اڳتي وڌي ويو تہ منهنجو متو ڦري ويو ۽ وجي پٽ تي ڪريس“.

هوءَ اوڇنگارن ۾ پئجي وئي.

”مان پنهن جي دوست کي چريائپ جي حد تائين چاهيندي هيس، خير ان لاءِ ”دوست“ لفظ تہ نہ پر ”محبوب“ چوڻ کپي. پر هن جنهن نموني مون کي دوکو ڏنو ۽ مون کي ڇڏي وجي ڪنهن ٻي سان مليو تہ منهنجو محبوب تہ نہ رهيو نہ“.....

آيان خاموشيءَ سان عائده کي ٻڌندو رهيو ۽ هُن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ سوگهو ئي رکيو.

”نيٺ خبر پئي تہ ڇا جي ڪري توکي ڇڏي ويو؟“.

”ها، پر اهو توکي پوءِ ٻڌائيندس“.

هن روئيندي، آيان جي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي ڇڏيون.

آيان ۽ عائده گھڻو وقت گڏ گهارڻ لڳا هيا. سندن اهو معمول ٿي ويو هيو تہ ڏهين وڳي واري چانهہ هجي يا شام واري  ڪافي، هو ٻئي اڳڻ ۾ ڪيفي جي رڪيل امبريلا هيٺيان ويهي پيئندا هيا. عائده سگريٽ بہ پف ڪندي رهندي هئي. منجهند جي ۽ رات جي ماني بہ هڪ ئي ٽيبل تي ويهي کائيندا هيا. ان کان علاوهہ ڪمپيوٽر ليب ۾ بہ گڏ هوندا هيا تہ وري ٽيبل ٽينس بہ گڏجي کيڏندا هيا. مڪس ڊبل ۾ بہ هوءَ سندس پارٽنر هوندي هئي. ان کان علاوهہ ٻيلي ۾ جاگنگ تي گڏ ويندا هيا، عائده تہ جاگنگ نہ ڪندي هئي پر هو ڪنهن وڻ هيٺيان ويهي، آيان جي ورڻ جو انتظار ڪندي هئي. شام جو وري ڦوهاري وٽ ڪچهري ڪندي نظر ايندا هيا. سندن ان وڌندڙ قربت کي ٻين بہ محسوس ڪيو هيو خاص ڪري ديلا، جيڪا ڪنهن ٻي ڇٽيءَ هيٺيان ويهي کين تڪيندي رهندي هئي.

رات جي مانيءَ کانپوءِ پب تي بہ گڏجي ويندا هيا. ان ڏينهن سندن گروپ جي هڪ ميمبر ييٽيءَ جي سالگرهہ هئي. سڀ کان پهريائين تہ ديلا جو آندل

ڪيڪ ڪٽيو ويو. ان کان پوءِ ڪيس تحفا ڏنا ويا. پوءِ ٽيو ڊرنڪس جو دور شروع. سڀ کان پھريائين ييٽيءَ وڏي نڪاءَ سان شيمپين جي بوتل کولي. ييٽيءَ جي صحت جي نالي سان سڀني اٿي بيھي ٽوسٽ ڪيو.

اتان جي پارٽيءَ جي دستور موجب جيڪو بہ مھمان ايندو آھي تہ پاڻ سان گڏ تحفو ۽ پيڻ لاءِ ڪا بوتل بہ کڻي ايندو آھي. سو ان ڏينھن بہ ھنن واري واري سان مختلف ڊرنڪس پئي گھرايون. جيڪي پيئڻيون بہ سڀني کي ھيون. جنھن ڪري ستت ئي سڀ ھمراھ مزي ۾ اچي ويا.

جڏھن دميتريءَ جو وارو آيو تہ ھن پنھنجي ٿيلھي مان بيلورشيا مان آندل وودڪا ڪڍي تہ سڀني ھڪدم رڙ ڪئي ”اوھ نو“.

ڪنھن بہ ان وقت وودڪا پيڻ نہ پئي چاھي پر دميتريءَ جو ضد ھو تہ اسان وٽ ڪا بہ تقريب تيستائين مڪمل نہ مڃي ويندي آھي، جيستائين ان ۾ وودڪا شامل نہ ھجي. انڪري پيٽي تہ ضرور پوندي.

ٻين سميت،عائده بہ گھٽو پيتو ھيو. ھن جو چھرو ڳاڙھو ٿي ويو ھو ۽ ھر ھر وڏا ساھ کڻي رھي ھئي. دميتريءَ رشين اسٽائيل ۾ نرڙ تي گلاس رکي ڊانس ڪري، مدھوشيءَ ۾ پنھنجي ھوش وند ھجڻ جو ثبوت ڏنو. عائده، آيان کي ٻڌايو ھو تہ ھوءَ گھٽ پيئندي آھي پر جيڪڏھن ڪيس ڪنھن ڏينھن گھٽو پيئڻو بہ پوندو آھي تہ اھا پڪ ڪري پيئندي آھي تہ ڪيس سنڀالڻ وارو ڪو موجود آھي. شيمپين ۽ وودڪا جا جام چاڙھڻ کان پوءِ عائده جي اکين ۾ خمار اچي ويا ھيا. ھُن کي مونجھ پئي ٿي ۽ ھوءَ ٻاھر نڪري وئي.

جڏھن گھڻي دير تاين ھوءَ واپس نہ آئي تہ آيان بہ ھن جي ڪڍ ريسٽورنٽ مان ٻاھر نڪري ويو. ھوءَ گيٽ کان ٻاھر کليل ھوا ۾ پيٽ کي ٽيڪ ڏئي، وڏا وڏا ساھ کڻي رھي ھئي. ٿوري دير اڳ ڪا برسات بہ پئي ھئي، جو ھوا گھميل ھئي ۽ رستا بہ آلا ھيا.

”ٺيڪ تہ آھين نہ؟“ آيان ھن کان پڇيو.

”ھا. ٺيڪ آھيان پر ڪجھ مونجھ پئي محسوس ڪيم ان ڪري ٻاھر نڪري آيس تہ جيئن ڪليل ھوا ۾ ڪجھ دير رھان“.

”پوءِ ھاڻي ڪيئن آھين؟“

عائده ھُن جي ڳلي ۾ ٻانھن وجھي پٺ کي ٽيڪ ڏيندي چيو:

”ٺيڪ آھي پر لڳي ٿو تہ گھڻو پي وئي آھيان. منھنجو خيال رکجان“.

ٿوري دير ڪان پوءِ عائده بھتر محسوس ڪرڻ لڳي ۽ ھو ٻئي اندر ھليا آيا.

ٿوري دير ۾ ئي ھنن کي اتان اٿڻو پيو جو گھڻي وقت گذري وڃڻ ڪري ٻيا سڀ ھمراھ وڃي چڪا ھيا. سواءِ ھنن جي گروپ جي. پب وارن بہ ٽيبل تي ڪرسيون اونڌيون ڪري رکڻ شروع ڪيون ھيون. ھي سڀ اٿيا ۽ پنھنجي محل طرف اچڻ لڳا.

ھو سڀئي ھڪٻئي جي ڪلھن تي ھٿ رکي ڪڏھن ڪھڙي ملڪ جو تہ ڪڏھن ڪھڙي ملڪ جو لوڪ گيت ڳائي رھيا ھيا. جيڪو سڀني کي سمجھ ۾ نہ ايندي بہ سڀ ان سان سُر ملائي رھيا ھيا. ٿوري دير ۾ عائده جي رفتار ڍري ٿي وئي تہ آيان بہ ساڻس گڏ ھلڻ لڳو. ڪيس عائده چيو:

”منھنجو خيال رک“.

عائده پنھنجو ڪنڌ آيان جي ڪلھي تي ڍرڪائي ڇڏيو ۽ ھن جي ٻانھن جو وراڪو عائده جي چيلھ کي ڏنل ھيو.

”مون کي مزو تہ اچي ٿو پر گڏو گڏ ڪڏھن ڪڏھن مٿي کي ڦيراٽي بہ اچي ٿي“.

”ڪا ڳالھ ناھي ٿوري دير ۾ سڀ ٺيڪ ٿي ويندو“.

”ھا. ٺيڪ ٿي ويندو. پر سڀڪجھ نہ“.

”سڀ ڪجھ ٺيڪ ٿي ويندو“.

عائده نشي واري حالت ۾ ٿوري وڏي آواز سان چيو

”چيم نہ سڀڪجھ صحيح نہ ٿيندو. ھو وري واپس مون وٽ نہ ايندو“.

آيان سمجهي ويو تہ هوءَ پنهن جي البينين دوست جي باري ۾ ڳالهائي رهي هئي.

هن جي آهستي هلڻ جي ڪري هو ٻين ساٿين کان گهڻو پوئتي رهجي ويا هيا.سندن ڳالهائڻ جو آواز بہ آهستي آهستي پري ٿيندو پئي ويو.

عائده، آهستي آهستي آيان سان وڌيڪ چهٽندي وئي. هن آيان جي ڪلهي کي چميو پوءِ هن جا چپ، ڪنڌ، ڇاتي ۽ ڇپن تائين پهتا. عائده جي مست ساهن، ماحول ۾ برسات جي خوشبوءِ رسيلن ڇپن جي گرمي ۽ نرميءَ آيان کي بہ مست ڪري ڇڏيو. هو بہ عائده جي ڇپن، ڳلن، ڪنڌ ۽ ڪنن کي چمندو رهيو. هنن جي مٿان وڻن مان ٿِمندڙ برسات جون ڪڻيون ڪرنديون رهيون. ايئن ڪين ڳچ عرصو گذري ويو. سندن ساٿي اوجهل ٿي چڪا هيا. عائده وڌيڪ مدهوش ٿي چڪي هئي.

هو جڏهن محل وٽ پهتا تہ عائده اهڙي حالت ۾ ڪمري ۾ وڃڻ نہ پئي چاهيو ۽ آيان کي چيائين:

”ڪجهہ دير هتي ويهون ٿا“.

۽ هو ٻئي ڇٽا فائونٽين پرسان وڪٽورين بينچ کي اڳهڻ کان پوءِ ويٺا.

ٿوري دير کان پوءِ عائده ، آيان جي جهوليءَ ۾ مٿو رکي ليٽي پئي ۽ کيس چيو:

”اڄ توکان ڌار ٿيڻ تي دل ئي نہ ٿي چاهي“.

”پوءِ نہ ٿي نہ“.

”ها رات هتي ئي ٿا گذاريون“.

”جيڪڏهن ٻيهر برسات نہ پئي تہ“.

”پيار بہ برسات جيان آهي، جتي ضرورت آهي، اتي ماڻهو هڪ ڦڙي لاءِ بہ سڪندا ٿا وتن..... تہ ڪٿي وري پئي ٿي وسي“.

وچ وچ ۾ عائده ۽ هو هڪٻئي جي ڇپن مان امرت رس بہ پيئندا رهيا.

اڪيون ٻوٽڻ سان عائده کي ننڊ اچي وئي. هو ڪافي دير ائين ئي ٻي سُڌ، آيان جي جهوليءَ ۾ سمهيل رهي.

اوچتو ننڍ مان سجاڳ ٿيڻ ڪان پوءِ، پڙڪوڏئي اٿي ويٺي ۽ چوڻ لڳي:
”مونکي غلط نہ سمجهجانءِ“.
هن جي سهڻين اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا. آيان بہ اٿي ويٺو.
” آءُ توکي غلط ڇو سمجهندس؟“.
عائده وري چيو:
”مونکي الائي ڇا ٿي ويو هيو؟ مونکي خراب نہ سمجهہ“.
” آءُ توکي خراب نہ ٿو سمجهان“.
آيان هُن کي ڀاڪر ۾ ڀرڻ لڳو تہ عائده تيزيءَ سان چيو:
”اڄ تہ هلون“.
هو ٻئي ڪاريڊور ۾ ڏار ٿي ويا، عائده ندامت ڀريل قدمن سان وڃي رهي هئي. هو حيرانيءَ مان ڪيس ڏسندو رهيو.
هُن کي عائده سمجهہ ۾ نہ آئي.

صبح جو عائده جو رويو ئي بدليل هيو. هن جي چهري تي گهري اداسي ڇانيل هئي، اکيون ڏرا ڏئي ويون هيس. آيان، حيرانيءَ مان کيس ڏٺو. هنن ٻنهي ٽيبل تي ويهي ناشتو گڏ ڪيو پر عائده رڳو ڪافي پيئي ۽ سندن وچ ۾ ڪا گفتگو نہ ٿي. آيان هڪ ٻہ دفعو ڪوشش ڪئي پر عائده جي مختصر جوابن هن کي چپ رهڻ تي مجبور ڪيو.

ان ڪانپوءِ عائده جا ٿهڪ الائي ڪهڙين گفائن ۾ گم ٿي ويا. هنن ٻنهي جو پاڻ ۾ ڳالهائڻ بند ٿي ويو. عائده پب تي وڃڻ بہ ڇڏي ڏنو هيو. گروپ جا ميمبر آيان کان ئي هن جي ان رويي جي باري ۾ پڇڻ لڳا. آيان لاءِ اهو خوبصورت ماحول ۽ جڳهہ ڪنهن پوائنٽي فلم جو سيٽ بڻجي ويو. اکين اکين ورا نياپا بند ٿي ويا، ٻسي ٻسي ٿي وئي زندگي.

آيان کي مزو نہ پئي آيو ۽ هن ڪيترا ڀيرا ان ڪورس کي ختم ڪري فهد وٽ وڃڻ چاهيو ۽ کيس فون بہ ڪئي هئي پر هُن کيس سمجهايو هو تہ اهو ڪورس ۽ موقعو آيان جي ڪيريئر لاءِ بهتر آهي. فهد اها حالت ڏسي هڪ رات اچي هُن وٽ رهيو هو ٻئي پب ۾ ڪچهري ڪرڻ کان پوءِ اچي آڳر واري بينچ تي وينا هيا. فهد کي پنهن جي اداس هجڻ جو سبب ٻڌائيندي هو ڍنڍڪرون ڏئي رنو هو.

آيان، ٽي ڏينهن گذرڻ کان پوءِ، هڪ سونهري شام جو من جي مونجهہ مٽائڻ لاءِ اڪيلو ئي اڪيلو جاگنگ ڪرڻ ٻيلي ڏانهن هليو ويو. تازي گهميل هوا ۽ سج جي روشني جهڙتي جڏهن هو واپس وريو تہ عائده ٻاهر فائونٽين جي ڀرسان بينچ تي ڪاري مني اسڪرٽ ۽ ڳاڙهي بلائوزر ۾ سگريٽ جي دونهين ۾ گم ويٺي

هئي. آيان بہ هن جي پرسان اچي ويٺو. ٻنهي هڪٻئي کي رسمي مرڪ سان وش ڪيو. صدين جي وقفي کان پوءِ آيان هُن کان پڇيو:

”ڇا ڳالهہ آهي؟“.

”ڪجهہ بہ نہ“.

عائده بغير ڪنهن تاثر جي جواب ڏنو.

”ڪجهہ تہ آهي، جو تون ايترو خاموش ۽ سنجيده ٿي رهين؟“

”سبب جي تو کي خبر آهي؟“.

عائده رکو جواب ڏنو.

آيان، عائده جي پير ۾ رکيل پاڪيٽ مان سگريٽ ڪڍيو تہ عائده حيرت مان کيس نهاريو ڇو جو هُن کي خبر هئي تہ آيان سگريٽ نہ ڇڪيندو آهي.

آيان سگريٽ کي ڇپن ۾ سوگهو ڪندي چيو:

”جيستائين منهنجو تعلق آهي تہ مون کي ڪا خبر ناهي“

”ها، هر ڏوهي ايئن چوندو آهي“.

”ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي مون؟!“ آيان حيرت مان هن کان پڇيو.

عائده طنزيہ مرڪ سان چيو ”جي، اصل ڏوهي تہ مان آهيان“.

”تون ڇا ان رات واري ڳالهہ تي ڪرين ڇا؟ “.

”ها، بس مون کي ان ڏينهن الائي ڇا ٿي ويو هيو“.

ايئن چوڻ سان عائده جي اکين مان ڳوڙها وهڻ شروع ٿي ويا ۽ هُنَ سگريٽ اجهائي ڇڏيو.

پل جي خاموشيءَ کان پوءِ عائده وري هن کان پڇيو:

”سچ ٻڌاءِ، ان ڏينهن ڇا ٿيو هو؟“.

”ڪجهہ بہ تہ نہ“ آيان حيرانيءَ مان جواب ڏنو.

آيان ڏانهن اداس نگاهن سان نهاريندي عائده چيو:

”آءُ اجان تائين ڪنواري رهي آهيان. منهنجو بواءِ فرينڊ بہ مون کي انڪري ڇڏي ويو هيو جو مون کيس سنجوڳ ڪرڻ نہ ڏنو هيو“.

”تہ ان ڳالھہ جو مون سان ڪھڙو تعلق آھي“.

”مونکي ان ڏينھن جي ڪا بہ خبر ناھي منھنجي دل توسان سنجوڳ پئي ڪرڻ چاھيو پر مونکي ڪجھہ بہ ياد ناھي“.

آيان ھُن کي يقين ڏياريندي چيو:

”يقين رک ان ڏينھن ڪجھہ بہ نہ ٿيو ھو تون اجان تائين ڪنواري آھين“.

آيان جھٽ رکي وري چيو:

”تون ڪنواري آھين. سواءِ چمين جي ڪجھہ بہ نہ ٿيو ھو. اھي بہ تون شروع ڪيون ھيون ۽ مان فرشتو ناھيان“.

”بس آءٌ عجيب ڇوڪري آھيان. تون سمجھندو ھوندين تہ يوروپين ھجڻ ناتي سيڪس منھنجي لاءِ مسئلو نہ ھجڻ کپي پر منھنجي خواھش آھي تہ پھريون ڀيرو پنھنجي مڙس سان سيڪس ڪيان. ھونئن بہ البانيا جا ڇوڪرا ڪنواري ڇوڪري پسند ڪندا آھن“.

”عائده گھٽ ۾ گھٽ مونکان پڇين تہ ھا. اھڙي ڪا بہ ڳالھہ ناھي. ٿڪ گم ٿي ويا ٿي. تون پريشان آھين تہ مونکي ھر ڏسا ۾ خزان ٿي ڀاسجي“.

ھو ٻئي خاموش ٿي ويا. عائده جي اکين مان ڳوڙھا وھندا رھيا. آيان سندس پشم جھڙو ھٿ پنھنجن ٻنھي ھٿن جي وچ ۾ رکيو.

آيان وري ڳالھائڻ شروع ڪيو:

”تنھنجو ايئن سنجيده رھڻ مونکي پشيمانيءَ جو احساس ڏياري ٿو. من ڏکوئي ڇڏي ٿو. منھنجي ڪري ھڪ ٿڪن سان ڀرپور آسمان جھڙي خوبصورت ڇوڪري اداس رھي، اھو احساس ھن خوبصورت محل کي ڀوائتو ۽ ليپا جي وڻن کي بدصورت بڻائي ٿو ڇڏي“.

وري ھنن ٻنھي جي وچ ۾ خاموشي ويھي رھي.

آيان ھُن کي ڏسڻ کان لنوائيندي چيو:

”تون جي ايئن رھندينءَ تہ آءُ ھي ورڪشاپ ڇڏي ھليو ويندس. توکي اداس ڏسي نہ ٿو سگھان“.

عائده جي چھري تي ھڪدم حيرت ظاھر ٿي ۽ آيان جي اکين ۾ گھوريندي پڇيو:

”سچ ٻڌاءِ تون واقعي بہ ايئن ڪندين؟“.

”ھا، مون وٽ ورڪشاپ کان وڌيڪ تنھنجن احساسن جي اھميت آھي“.

”صرف ان ڪري ھليو ويندين جو آءُ اداس آھيان؟“.

عائده پنھنجو ٻيو ھٿ ھن جي ھٿ مٿان رکندي چيو:

”ھا بلڪل“

عائده وري جڻ يقين ڪرڻ لاءِ آيان کان پڇيو:

”واقعي بہ ھي سڀ ڪجھ صرف مون لاءِ ڇڏي وڃين سگھين ٿو؟“.

”ھا، مون وٽ تنھنجي اھميت آھي، تنھنجن احساسن جي اھميت آھي، انڪري ھتان ھليو وڃڻ مون لاءِ ڪو وڏو مسئلو ناھي بس تون خوش رھ“.

آيان کي ڳلي ۾ ڳوڙھو محسوس ٿيو ۽ سندس اکين ۾ آلاڻ اچي وئي.

عائده آيان جي اکين ۾ نھاريندي چانڊوڪيءَ جھڙي مرڪ سان چيو:

”پر مان تنھجي گرل فرينڊ تہ ناھيان، جو تون اھو سڀ ڪجھ ڪندين؟“.

”ناھين، پر آءُ ڪنھن کي اداس ڏسي نہ سگھندو آھيان ۽ اداسيءَ جو سبب بہ آءُ ھجان تہ اھو مون لاءِ عذاب آھي نسورو عذاب“.

آيان جي اکين مان ڳوڙھا وھڻ لڳا.

عائده حيرت مان آيان جي وھندڙ ڳوڙھن کي ڏسندي رھي ۽ پوءِ ھن جي ھٿ کي چمندي چيو:

”مان پھريون ڀيرو ڪنھن مرد کي روئندي ڏسي رھي آھيان، مون کي وڌيڪ ڳترا ڳترا نہ ڪر. I believe you“.

عائده آيان جي ڪلهي تي ڪنڌ لاڙي ڇڏيو.

مٿان فرسٽ فلور تان دري کولي هنن جا ساٿي گهڻا پيرا ڪين سڏي چڪا هيا. اڄ، ڪلاسين پنهنجي طرفان پارٽي رکي هئي ۽ سيپٽمبر هوندي بہ ان پارٽيءَ جو نالو هنن ”ويلنٽائين پارٽي“ رکيو هو جو هنن کي يقين هو تہ ويلنٽائين تي وري ڪونہ ملي سگهندا. پر ان کان اڳ ۾ عائده بہ شايد آيان جيان پارٽيءَ ۾ وڃڻ نہ پئي چاهيو. پر هاڻي جڏهن وري دوستن ڪين سڏ ڪيو تہ هنن هڪٻئي کي ڏٺو ۽ اکين ئي اکين ۾ هڪ فيصلو ٿي ويو. وڃڻ کان اڳ مرڪندي، آيان ڪانئنس پڇيو:

”توکي پنهنجي جسم مان بہ خبر نہ ٿي پئي تہ ڪنوارپڻو موجود آهي يا نہ؟“

عائده بہ کلندي کيس چيو:

”تجربو جو ڪونهي“.

هو ٻئي پارٽيءَ ۾ حصو وٺڻ لاءِ ڪپڙا مٽائڻ پنهنجي پنهنجي ڪمري ڏانهن هليا ويا.

عائده نکري پئي هئي پارٽي ۾ بہ اها اڳ واري عائده موٽي آئي. هنن ٻنهي جي چرچن ۽ ٽهڪن سان پارٽي ٻهڪي پئي هئي.

ڊانسنگ فلور تي عائده جو ساڄو هٿ، آيان جي کاٻي هٿ ۾ هو ۽ هُن جو ساڄو هٿ عائده جي چيلهہ کي وراڪو ڏيون بيٺو هو. آرڪسٽرا جي وڄايل والز تي هُو ٻئي هنجن جي جوڙي جيان ڊانسنگ فلور تي ترڪندا رهيا.

رات جو ٻين وڳي جڏهن ٻئي ڳهرجي سگريٽ پيئڻ لاءِ ڪاريڊور ۾ اچي بيٺا عائده ڪجهہ پڇڻ ٿي چاهيو پر تيز ميوزڪ جي ڪري ٻڌي نہ پيو سگهجي، تہ هو ٻئي ڄڻا هال جي پرسان، آيان جي ڪمري ۾ آيا. بيڊ تي ٻئي ڄڻا ٽيڪ ڏئي ويٺا، عائده پنهنجو پاسو آيان سان لڳائي ويٺي. اتي ڳالهيون بہ ڪندا رهيا ۽ عائده سگريٽ بہ پيئندي رهي. هنن جي ڪنن ۾ هال مان وڄندڙ ميوزڪ وڄندي رهي. سگريٽ پيئڻ کان پوءِ آيان، عائده کي چميو تہ عائده بہ وراڻي ڏني تہ هڪ وڄ ٻنهي

جي بدن ۾ لهي وئي، پاڻ ۾ ڇهتي پيا. بيڊ تي ليٽائي آيان، هن جي چپن، ڳلن ۽ ڪنڌ کي چمندو رهيو. عائده هڪدم اٿي چيو:

”اڄ تہ هلون“.

هو ٻئي هال ۾ واپس آيا. ان وقت آرڪسترا، آسٽرين موسيقار اشترائوس جي ڌن Blue Danube وڄائي رهيو هيو. جنهن تي ڊانس ڪندي هنن پنهنجو پاڻ کي ڊينيوب جي پاٽيءَ تي ڦيراٽيون پائيندي محسوس ڪيو. آيان، عائده جي ڪن جي پرسان پنهنجا چپ آڻيندي چيو:

”اڄ تہ هوش ۾ آهين نہ؟ ائين نہ تہ سياڻي وري ٻوٿ سڄائي گهمين“.

عائده مرڪي، آيان کي ڌنو ۽ هن جي ڪنن جي پاپڙيءَ کي پنهنجن ساهن سان آلو ڪندي چيو:

”ايئن ناهي، اڄ ئي تہ هوش ۾ آئي آهيان“.

ان وقت موسيقيءَ جي لهر هنن ٻنهي کي ڪنيي وئي.

اڳلي ڏينهن تي ڪلاسز اٽينڊ ڪرڻ کان پوءِ، شام جو عائده ۽ آيان سائيڪلون ڪٽي سر سبز ٻنين جي وچ مان پيچرن تان گذرندا، نيري ڍنڍ تي نڪري ويا هيا ۽ اتي بيٺل ننڍي ٻتيلي ۾، عائده آيان جي سامهون ويٺي ۽ پوءِ هو ٻئي پاڻيءَ ۾ لهندڙ سج جي لامن ۾ ترندا رهيا. ڍنڍ جي وچ تي ٻتيلو بيهاري هو ٻئي پنهنجو پاڻ ۾ گم ٿي ويا. جڏهن ڏار ٿيا تہ عائده پنهنجو ڪنڌ آيان جي ڪلهي تي رکي هڪ البيلين لوڪ گيت ڳايو، جنهن جو مقصد هيو تہ ٻن دلين جي وڇوڙي کانپوءِ ملڻ ايئن آهي جيئن لهندڙ سج جون لهرون پاڻيءَ جي چپن کي چمنديون آهن. هو ٻئي سج، پاڻيءَ ۽ هڪٻئي کي پنهنجي اندر ۾ لاهي، اتان سج لٿي موٽيا هيا ۽ سج لهڻ مهل هڪ گهري ۽ ڊگهي چمي هڪٻئي کي ڏنائون، جيڪا تيستائين جاري رهي، جيستائين سج گم نہ ٿي ويو.

هو ٻئي گهٽن ڏينهن کانپوءِ پنهنجي گروپ سان گڏ پب ۾ ويٺا تہ هڪ ننڍي پارٽي ملهائي وئي.

پب مان واپس اچڻ کان پوءِ ڪمپيوٽر روم هليا ويا جتي عائده کي پنهنجي ڪنٽري پريزنٽيشن تيار ڪرڻي هئي ۽ عائده آيان کي مدد ڪرڻ لاءِ چيو هو. آيان ڪمپيوٽر تي هن جي لاءِ گراف تيار ڪري رهيو هيو ۽ عائده جو ڪنڌ آيان جي ڪلهي تي ڍرڪيل هيو. ڪجهہ دير کان پوءِ پروفيسر توماش بہ آيو ۽ هو ويهي ڳالهيون ڪرڻ لڳو. هُو ڪٿان ڊرنڪ ڪري آيو هيو ۽ ڏاڍي رومينٽڪ موڊ ۾ عائده سان ڳالهيون ڪري رهيو هيو. هن جڏهن اٿڻ جو نالو نہ پئي ورتو تہ عائده، آيان جي چپن تي ڀرپور ڪس ڪئي ۽ هن حيرانيءَ مان ڪجهہ وقت لاءِ ٻنهي کي ڏٺو ۽ پر پوءِ ٿوري دير خاموش ويهڻ کان پوءِ اٿندي آيان کي چيو:

“If I would be young like you, I would be living with her forever and never let her go to somewhere”.

ڪمپيوٽر مان واندا ٿي هُو ڊاڪٽين تي ويهي ڳالهيون بہ ڪندا رهيا.

ڪين هڪبئي مان ڊوءَ ئي نہ پئي ٿيو تہ آيان ڪيس پنهنجي ڪمري ۾ رات رهڻ لاءِ چيو پر عائده لنوائيندي رهي. هُو هڪبئي کان ڌار نہ پئي ٿي سگهيا. ۽ آيان جي مسلسل اسرار تي عائده هن جي ڪمري ۾ رهڻ لاءِ تيار ٿي. عائده پنهنجي ڪمري ۾ ڪپڙا مٽائڻ هلي وئي. آيان ڪمري تي اڇي ميڻ بتيون ٻاريون, ڪمري جي ڪنڊ ۾ رکيل ٽيبل ليمپ آن ڪئي ۽ شوپنهار جي ميوزڪ ٽيپ ۾ هنئين. هو اڪيلو رهندو هو ۽ انتظاميہ کي چيو هيائين تہ ڪنهن کي بہ سندس ڪمرو الاٽ نہ ڪيو وڃي, جو هو ڪنهن سان بہ گڏ رهي نہ سگهندو آهي. عائده پولينڊ جي ڇوڪري جوانا سان گڏ رهندي هئي.

عائده ڪي باڪسر(لوز نيڪر) ۽ ڳاڙهي شرٽ پيل هئي ۽ هوءَ آيان جي ڪمري جي در کي آهستگيءَ سان کولي روشنيءَ جيان ڪمري ۾ داخل ٿي. آيان کيس خوش آمديد ڪندي هن جي چپن تي ڪس ڪئي تہ عائده جي آلن وارن ۽ هن جي وات مان پيسٽ جي ايندڙ خوشبوءِ آيان جو آڌرياءُ ڪيو. پوءِ هو ڪڏهن پنهنجو پاڻ کي گلن واري باغ ۾ محسوس ڪري رهيا هيا تہ ڪڏهن چانڊوڪي رات ۾ نديءَ جي لهرن تي هيٺ مٿي ٿي رهيا هيا تہ ڪڏهن وري پاڻ کي سورج مکي جي ٻنيءَ ۾ بيٺل محسوس ڪري رهيا هيا. هنن هڪبئي کي ايترو چميو هو جو رات بہ ٿڪجي پئي هئي.

ان رات هنن ٻنهي شايد ئي ڪو پهر ننڊ ڪئي هجي, بس هنن جا جسم ڪپڙن کان آزاد هيا ۽ چميون هيون پر عائده سنجوڳ کان انڪار ڪندي رهي. آيان بہ هُن جي خيال جو احترام ڪيو ڇو جو عائده ڪنواري رهڻ پئي چاهيو.

ان کان پوءِ هنن ٻنهي جو ڏينهن تہ اڳ جيان گذرندو هو پر رات ٻنهي جي گڏ گذرندي هئي. عائده ڪنهن ڳوناٽي وينگس جيان رات جو دير سان آيان جي

ڪمري ۾ ايندي هئي ۽ صبح پنيرڪي ويل پنهنجي ڪمري ۾ واپس ويندي هئي. خبر ناهي عائده ڇو ان ڳالهہ کي مخفي رکڻ پئي چاهيو.

هڪ پيلي شام جو جڏهن سج جا پاڇا ڊگها ٿي ويا هيا، هوبئي اٺ ڪندي ڪمري جنهن جي ٻتين جي جڳهہ تي چوڌاري شيشي جا پينل لڳل هيا، ۽ پهاڙيءَ جي بلڪل ڪناري تي ٺهيل هو ۾ ٽيبل ٽينس کيڏي رهيا هيا. آيان، عائده کي ٻُڙيءَ تي راند هارائي ۽ هو ٻئي جڏهن پاسو تبديل ڪري رهيا هيا تہ ٽيبل جي وچ وٽ عائده، آيان کي ڪس ڪندي چيو:

”ڏاڍي جارحانہ راند آهي تنهنجي“.

هُن مرڪي وراڻيو: ”ها، رڳو راند ۾ ئي تہ سخت آهيان“.

”بلڪل صحي، نہ تہ گهڻو ڪري پنهنجن هٿن جيان سافٽ آهين“.

عائده آيان جي چيلهہ ۾ هٿ وڌو ۽ ٽيبل تي بيٺ رکي دريءَ وٽ اچي سج لهڻ جو منظر ڏسڻ لڳا. عائده کيس چيو:

”آءُ صحيح ٿي چوان تہ تون ڏاڍو نرم آهين، ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آهي تہ آءُ تنهن جي نرم دليءَ جو ناجائز فائدو وٺي رهي آهيان“.

پنهنجي ڳالهہ کي جاري رکندي هن چيو:

”ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آهي تہ آءُ توسان زيادتي پئي ڪيان پر منهنجي لاءِ سڀ کان وڏو مسئلو سيڪس آهي، منهنجو مطلب آهي ڪنهن سان سيڪس انجواءِ ڪرڻ. آءُ في الحال ڪنهن سان بہ نہ ٿي ڪري سگهان، توسان بہ نہ. ۽ آءُ اهو سمجهان ٿي تہ اها توسان زيادتي آهي. تون هڪ مڪمل مرد آهين، تنهن جون بہ خواهشون هونديون، انڪري جيڪڏهن چاهين تہ مون سان ناتو ٽوڙي ڪنهن ٻي ڇوڪريءَ سان دوستي رکي سگهين ٿو“. عائده جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا.

”ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته تنهنجي بدن جي لاهين چاڙهين ڪي ڏسندي، خوبصورتيءَ کي پسندي ۽ تنهنجي پگهر کي پيئندي، پنهنجو پاڻ تي ضابطو رکڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. پر تنهنجي خواهش کي ڏسندي ان کي ماڻ ڏيڻ مون لاءِ وڏو مسئلو نه آهي“.

”شايد ايئن هجي پر منهنجي البينين دوست جي لاءِ اهو وڏو مسئلو هيو، انهيءَ ڪري ته ڇڏي ويو“.

”مان ايشين آهيان، اسان وٽ جذبن جو احترام آهي. هونئن به اسان گهڻو ڪري پلوٽنڪ (Platonic) پيار ڪندا آهيون“.

”تون عجيب ماڻهو آهين، تنهن جي مون کي خبر نه ٿي پئي“.

”ڇا مطلب؟“.

”تنهنجو مون سان سياءُ، مون سان پيار، منهنجو خيال رکڻ، ۽ ٻين شين جي باري ۾ رويو بلڪل نرالو آهي. سچ ٻڌايانءِ ته مونکي اڃان تائين اهڙو پيار ڪرڻ وارو نه مليو آهي“.

” ۽ تنهنجا اهي سڀ رومينين ۽ البينين چاهڻ وارا؟“.

”اهي سڀ ايئن ئي آهن. ٻاراڻي سوچن وارا“.

”شايد انڪري ته مان وڌيڪ ميچوئر ۽ توکان پندرهن سال وڏو آهيان“.

”نه نه منهنجو مطلب هرگز اهو نه هو. اصل ۾ هُو جڏهن ڳالهائيندا آهن ته مونکي خبر هوندي آهي ته سندن اڳلو جملو ڇا هوندو؟ پر تنهن جي خبرئي نه ٿي پئي“.

”مان ته بلڪل کليل ڪتاب آهيان“.

” ها، پر تنهن جي رويي، تنهنجي اٿڻ ويهڻ ۾ هڪ پراسراريت آهي“.

ان ڳالهه تي آيان کلندي کيس چيو:

”هاڻي مونکي ڊريڪولا نه ٻڌائجان يا وري ڪو بد روح“.

”الائي ڇو اصل ۾ آءُ توکان خائف رهندي آهيان“.

”اهڙو ٻوائتو ته ناهيان“. آيان کلندي کيس چيو:

”نہ مان شڪل جي ڳالهہ نہ ٿي ڪيان“.

”خبر نہ ٿي پئي تہ ڪيئن توکي سمجهايان يا ٻڌايان“.

ٿوري جهٽ رکي وري عائده پاڻ ئي چيو:

”منهنجو مطلب اهو آهي تہ تنهن جي چهري مان اهو اندازو لڳائي نہ سگهندي آهيان تہ تنهنجو ايندڙ جملو يا ورتاءُ ڪهڙو هوندو؟ الائي ڇو مون کي لڳندو آهي تہ تون ڪڏهن مانيٽي ندي تہ ڪڏهن وري گجگوڙ ڪندڙ سمنڊ آهين“.

عائده وري آيان کي پيار ڪندي چيو :

”شايد ان ڪري ئي توسان گهڻو پيار ڪرڻ لڳي آهيان“.

”سچي ڳالهہ اها آهي تہ مون بہ اهو نہ سوچيو هو تہ ايتري ٿوري عرصي ۾ ڪا دوستي يا پيار ٿي سگهي ٿو. پر ڪنهن ڇوڪريءَ جي ڪمپني ضرور چاهيان پيو. ڇو جو هن خوبصورت جنت ۾ حوا کان بغير آدم لاءِ رهڻ ڏکيو آهي“.

”ڇا خيال آهي ڊائنا جي باري ۾؟“. عائده شرارت مان چيو:

”ها منهنجو خيال تہ هن ڏي ئي هو پر تون وچ ۾ اچي وئينءَ“

”حڪم ڪر تہ نڪري وڃان“. عائده اجان مذاق واري موڊ ۾ هئي.

”هاڻي ڪهڙو فائدو؟“. آيان مرڪندي چيو.

عائده مرڪي، ڳراٽڙي پائي پنهنجا رسبريءَ جهڙا چپ هن جي چپن تي رکي ڇڏيا.

جمعي جي منجهند جو رسيپشنسٽ ڪلاس ۾ آئي ۽ آيان کي فهد جي نالي واري چٺي ڏني. فهد ۽ آيان کي  ويڪ اينڊ تي برنو ۾ رهندڙ دوست جي پٽ جي سالگرھ ۾ وڃڻو هيو. انڪري آيان اڳ ئي ڪوآرڊينيٽر کي ٻڌائي ڇڏيو هو ۽ هن کان اڌ ڏينهن جي موڪل به وٺي ڇڏي هئي. انڪري ڪمري تان رڪ سيڪ کڻي هو عمارت کان ٻاهر آيو.

آيان، فهد سان ملي ڪيس ڪيفي جي رکيل چٽيءَ هيٺيان ويهاريو ۽ دخل تي پنهنجي ۽ هن لاءِ ڪافيءَ جو آرڊر ڏنو. عمارت جي گيٽ طرف آيان جي پٺي هئي، ڪيس فهد ٻڌايو ته ڪا ڇوڪري ٻه دفعا گيٽ مان ڏسي واپس هلي وئي آهي. آيان اندازو لڳايو ته اهو عائده کان سواءِ ڪير به نه ٿو ٿي سگهي. هن، فهد کي چيو ته اها ئي ته عائده آهي.

جنهن تي مرڪندي فهد کيس چيو:

”جنهن جي ڪري سائين جن هي ورڪشاپ تياڳڻ وارا هيا“. آيان به کلي ويٺو.

ڪجھ وقت کان پوءِ عائده وري آئي. ڪيس پيلي شرٽ ۽ ڪارو مني اسڪرٽ پيل هيو. جنهن مان هنجيون ڳاڙهيون سڊول ٽنگون ۽ انهن جي سنهي ڀُرڀُر سج جي روشنيءَ ۾ چمڪي رهيون هيون. آيان، عائده جو تعارف فهد سان ڪرايو. عائده جو چهرو اداس هو ۽ اکين ۾ پاڻي هيو. عائده ڪجھ ڳالهائڻ پئي

چاهيو پر خاموش رهي. فهد، پنهنجي ڪافي پوري ڪندي، هنن ٻنهي کي اڪيلو ڇڏيندي آيان کي چيو :

” تون آرام سان اچ، مان تيستائين گاڏيءَ جو پاٽي چيڪ ٿو ڪيان“.

عائده پنهنجن ٻنهي هٿن ۾ آيان جي هٿن کي پڪڙيندي چيو :

”پليز نہ وڃ. ڇو ٿو وڃين؟“

آيان کيس ڀراڪڙي پائيندي چيو :

”آءُ پاڻ توسان گڏ رهڻ چاهيان ٿو. پر ان موقعي تي سڀ پراڻا دوست گڏ ٿيندا ۽ منهنجي لاءِ اهو سٺو موقعو آهي تہ سڀني سان ملاقات ڪيان. هونئن بہ تہ رڳو ويڪ اينڊ جي ڳالهہ آهي“.

عائده، آيان کي پيار ڪندي چيو:

”دل تہ نہ ٿي چاهي پر تنهن جي مرضي. پر مون سان فون تي ڳالهائيندو رهجانءِ“.

عائده اٿي آيان کي ڀاڪر پائيندي چيو :

”مان وڃان ٿي، توکي ويندو نہ ٿي ڏسي سگهان“.

ڪس ڪري، محل جي شاهي در ۾ ڪنهن الف ليلوي شهزاديءَ جيان، هوءَ گم ٿي وئي.

هو بہ اتان اٿي پاڻ سان آندل رڪ سيڪ کڻي وڻ هيٺيان بيهاريل فهد جي ڪار ۾ ويٺو. هو ڪجهہ دير خاموش رهيا. ڪار رستي جي منظرن کي پوئتي ڌڪيندي وڃي رهي هئي.

فهد ۽ آيان جي ملاقات ان وقت ٿي هئي، جڏهن آيان هتي پي ايڇ ڊي ڪرڻ آيو هيو. اهو آيان جو پهريون هفتو هيو. فهد سان سندس ملاقات حميرا ڪرائي هئي، آيان جڏهن پهريون ڀيرو پراگ ايئرپورٽ تي پهتو هو تہ هُن سمجهيو هو تہ کيس منسٽري يا ايمبيسي جو ڪو ماڻهو وٺڻ ايندو. جيئن ٻين ملڪن ۾ اسڪالرشپ وارن کي وٺڻ ايندا هيا. پر اتي ڪو بہ نہ هو. هو پريشان ٿي ويو. نہ ئي کيس سندن ٻولي پئي سمجهہ ۾ آئي، نہ وري کيس ڪا سُڌ هئي تہ ڪٿي وڃي.

هڪ ڪائونٽر تي ويٺل رسيپشنسٽ کي هُنَ چيو تہ پاڪستان ايمبيسيءَ جو نمبر هٿ ڪري انهن کي فون ڪري. هن ڇوڪريءَ نمبر تہ ملايا، پر ٻي طرف کان ڪو بہ جواب نہ هو. هاڻي آيان پريشان ٿيو تہ هن اوپري ديس ۾ ڇا ڪري؟! جنهن تي ان رسيپشنسٽ آيان کان پڇيو تہ هتان جو ڪو ليٽر هجي تہ اهو ڏيکار تہ متان ان تي ڪا ايڊريس يا فون نمبر هجي. آيان ليٽر ڪڍي هن کي ڏنا جن مان هڪ تہ پاڪستاني گورنمينٽ جو هو ٻيو چيڪوسلوواڪيا حڪومت جو هو جنهن ۾ اسڪالرشپ جي باري ۾ لکيل هو ۽ ان ۾ ئي هڪ ايڊريس هئي جنهن تي چيڪوسلوواڪيا پهچڻ کانپوءِ رابطي ڪرڻ لاءِ لکيل هو. ان عورت کيس ٻڌايو تہ اها شاگردن جي هڪ هاسٽل آهي، ۽ هو اتي وڃي. پوءِ هن ان ايڊريس کي ڇٽو ڪري ٻي پني تي لکي آيان کي چيو تہ اهو ڪاغذ ٽيڪسي واري کي ڏيکاري، جيڪو کيس ان هاسٽل تي وٺي ويندو. آيان، پنهنجي ملڪ جي ٽيڪسي وارن جا افعال ڏٺا هيا، انڪري هن رسيپشنسٽ کان پڇيو تہ اندازن ڪرايو ڪيترو ٿيندو، جواب ۾ هن 100 ڪرائون ٻڌايا. آيان بينڪ مان ڊالر مٽائي، ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪتو. ٽيڪسي واري ڪائنس اشارن ۾ پڇيو تہ هن کيس ايڊريس ڏيکاري جنهن تي هن آيان جي هٿ مان ڳري بيگ وٺي ڊگيءَ ۾ رکي، پر وري بہ آيان ڪائنس ڪرايو پڇيو تہ هن انگن ۾ 100 لکي ٻڌايا ۽ هو هاسٽل ڏانهن روانا ٿيا هيا. هڪ هاسٽل تي پهچڻ کان پوءِ ٽيڪسيءَ واري کيس اشاري سان گيٽ طرف اشارو ڪيو ۽ هو بيگ کڻي هاسٽل اندر داخل ٿيو. جتي رسيپشن تي هڪ ڪراڙي وراتنيڪ(رسيپشنسٽ) ويٺي هئي، جنهن کي انگلش نہ پئي آئي، پر هُن آيان جو پاسپورٽ ڏسي مائڪروفون تي چيڪ ٻوليءَ ۾ ڪجهہ چيو ۽ آيان کي هٿ جي اشاري سان انتظار ڪرڻ جو چيو. ٿوري دير ۾ هڪ وڏن گهنڊي وارن واري سمارٽ ڇوڪري جينز ۽ ٽي شرٽ ۾ آئي، آيان سان اردوءَ ۾ ڳالهائڻ لڳي، هُن وراتنيڪ سان بہ ڳالهايو جنهن ٻڌايس تہ آيان جي باري ۾ کين ڪا بہ معلومات ڪونهي، پر اها معلومات آفيس مان ملندي جيڪا هن وقت بند آهي. اها رات حميرا، آيان کي پنهنجي ڪمري ۾ رهايو ۽ پاڻ ڪنهن ٻي ڪمري ۾ سمهڻ هلي وئي. حميرا کيس

ٻڌايو تہ هوءَ ڪراچي جي هڪ ڪامريڊ جي ڌيءُ آهي، هتي پڙهڻ لاءِ پارٽيءَ جي اسڪالرشپ تي آئي آهي. آيان کي پهريون ڀيرو ڪنهن ڇوڪريءَ جي ڪمري ۾ رهڻ جو عجيب احساس پئي ٿيو. ڪمري ۾ ڪپڙن ڪان وٺي سڀ اهڃاڻ ڇوڪرين وارا هيا. هُن اڌوگابري ننڊ ڪئي، صبح جو حميرا هُن کي آفيس وٺي وئي جن ٻڌايو تہ آيان جي داخلا، سلوواڪيا جي گاديءَ جي هنڌ براتيسلاوا، جي هڪ يونيورسٽيءَ ۾ ٿي آهي، پر پهريان ڪيس ٻوليءَ جي اسڪول وڃڻو پوندو. منجهند جي ٽرين ۾ اسٽيشن تي ڪيس هڪ چيڪ ڇڏڻ آيو جنهن اشاري سان ڪيس گهڙيءَ طرف چئن ڪلاڪن تي اشارو ڪري ٻڌايو تہ ٽرين چئين وڳي براتيسلاوا پهچي تہ اتي لهي پئي ۽ ڪيس هڪ پني تي ايڊريس لکي ڏنائين تہ ٽيڪسي تي اتي هليو وڃي.

واقعي بہ ريل پوري ٽائيم تي هڪ اسٽيشن تي پهتي. هن دٻي ۾ ويٺل هڪ ماڻهوءَ کي ايڊريس ڏيکاري پڪ ڪئي تہ ساڳي اسٽيشن آهي تہ هن ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي.

وري ساڳي نموني، ٽيڪسي ڪرائي ايڊريس ڏيکاري ٻوليءَ واري اسڪول پهتو. آيان کي ٻوليءَ واري اسڪول ۾ رهايو ويو. سندس روم ميٽ يمني هو. جنهن ڪيس ٻڌايو تہ ڪلاس هفتي کان پوءِ شروع ٿيندا ۽ ڪيس اهو بہ ٻڌايائين تہ هو ٻن ڏينهن کان پوءِ پراگ ويندو. آيان بہ ڪيس گڏ وٺي هلڻ جو چيو. ڇو جو حميرا ڪيس ٻڌايو هو تہ هڪ سنڌي فهد نالي پراگ ۾ رهي ٿو.

پراگ ۾ حميرا، ڪيس فهد سان ملايو. هُن جي فهد سان ملاقات ان وقت ٿي هئي، جڏهن ڪيس چيڪ يا سلوواڪ زبان نہ ايندي هئي، جڏهن ڪيس هتان جي بريڊ خليبا (Chleba) جي ٽيسٽ اگري لڳندي هئي. جڏهن سندس ٻوٽن تان اجان سنڌ جي مٽيءَ جي دز نہ لٿي هئي ۽ نہ ئي اکين مان سنڌ ۽ سنڌ واسين جا عڪس ڌنڌلا ٿيا هيا. جڏهن ڪيس ان ڌارئي ماحول ۾ ڪنهن پنهنجي جي ضرورت هئي. هو قد جو ننڍو، نفيس پر دل جو وڏو شخص. هر ڳالھ تي ٿهڪ ۽ ٿهڪ بہ اهڙا

جيئن تاترا جو پهاڙي سلسلو. هڪ ٿهڪ جي پڄاڻيءَ تي وري ٻيو شروع. ٻڪين پيا تہ ڄڻ ٻنهي ڄامشوري جي هوا کي پاڪر پاتو هجي.

فهد ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي طرفان چيڪوسلوواڪيا پڙهڻ آيو هو. سوويت يونين ۽ ٻين ايسٽ يورپ جي ملڪن ۾ مختلف سوشلسٽ ملڪن، خاص ڪري لاطيني آمريڪا، ايشيا ۽ آفريڪا جا شاگرد تعليم پرائڻ ايندا هيا. جن ملڪن ۾ سوشلسٽ حڪومتون نہ هيون، اتان جي پارٽين طرفان شاگرد موڪليا ويندا هيا. پاڪستان مان ڪميونسٽ پارٽي ۽ ان جي اتحادي جماعتن جا شاگرد موڪليا ويندا هيا. پر افسوس جو اتي بہ ميرٽ کي نظر انداز ڪيو ويندو هيو ۽ صرف ڪجهہ فيميلن جا ماڻهو هتي پڙهڻ ايندا هيا، جن وٽ پوري نظرياتي پختگي بہ نہ هئي. آيان کي افسوس ٿيندو هو تہ ڪيترائي نظرياتي دوست جيل جي اونداهين ۾ گم ٿي ويا، پر سک ۽ سهولتون ٻين ماڻهن.

آيان کي فهد پهرين ڏينهن کان وڻي ويو هو. يورپ ۾ رهندي بہ هو ساڳيو سڀاجهو سنڌي هو. هنن ٻنهي پهرين ڏينهن ئي پراگ جي گهٽي گهٽي گهمي هئي. آيان گهڻو انجواءِ ڪري رهيو هو تہ فهد کيس چيو:

”تون منهنجو پهريون پاڪستاني دوست آهين، جنهن پراگ ۾ من موهڻين جي هر نقش کان وٺي، گهٽين جي فرشبندي ۽ عمارتن جي آرڪيٽيڪچر کي انجواءِ ڪيو آهي“.

آيان جي يونيورسٽي، سلوواڪيا جي گاديءَ براتيسلاوا ۾، تہ فهد جي وري پراگ ۾ هئي. پراگ ۽ براتيسلاوا جي وچ ۾ ڇئن ڪلاڪن جو سفر هيو پر اهي فاصلا هنن ٻنهي لاءِ وڏا نہ هيا. هر خوشيءَ ۽ غم جي موقعي تي ملندا هيا. ملڻ جا هيو رڳو هيو ڪلڻ ۽ ڊانسون. ڪڏهن پراگ جي وچ مان گذرندڙ ولتاوا نديءَ تي ڪنهن فيري ۾ Smetana جي سيمفني ”ولتاوا“ تي ڪنهن حسينا جا وار سنواريا هيا تہ ڪڏهن شويڪ جي ڪردار واري پب ۾ آرگن تي لوڪ ڌنون ٻڌيون هيون، تہ ڪڏهن ڪافڪا جي محبوبا ”Mlena“ جي نالي سان ٺهيل ڪيفي ۾ ڪافيءَ جا سپ پيتا هيا تہ ڪڏهن وري Karlovari ۾ ٿيندڙ عالمي ميلي جي پريس

ڪورنگ ڪندي، حسين اداڪارائن سان گڏ ڊنر ڪبي هئي، تہ ڪڏهن تاترا جي هل اسٽيشن تي گهمبو هو. تہ ڪڏهن ديوين قلعي تي چڪر هڻبا هيا.

فهد هر عمر جي عورتن ۾ مقبول هو. ڪيس ريجهائڻ جا گُر ايندا هئا. جوانڙين سان پوڙهيون پڪيون بہ سندس دوست هيون.

اسٽڊي ختم ڪرڻ کان پوءِ ايشيا جا گهڻا شاگرد نون ايندڙ واپارين جا پئسا ڪائي پاڻ واپاري بڻجي، ڪجا ۽ گنجيون وڪڻڻ لڳا هيا، يا وري ٻيا ٻاهرين ماڻهن کي غير قانوني بارڊر ڪراس ڪرائيندي لک پتي بڻجي ويا، پر فهد پنهنجي سچائيءَ سان نوڪري ڪندو رهيو.

فهد ڪار ۾ هلندڙ مائي ڀاڳيءَ جي لوڪ گيت "لهرن مان لڙهندي اچي..." جي آواز کي وڌايو تہ آيان سوچن مان واپس ڪار ۾ اچي ويو ۽ فهد پنهنجي گاڏي هڪ موٽيل تي بيهاري، جنهن تي ماضيءَ ۾ بہ اڪثر اسٽاپ ڪندا هيا. چوڌاري بسن ۽ ڪارين ۾ آيل ٻيا مسافر بہ ويٺل هيا. هو بہ وڻن هيٺان رکيل ڪاٺ جي بينچن تي ويٺا. فهد هُن لاءِ بيئر ۽ گاڏي ڊرائيو ڪرڻ ڪري پنهنجي لاءِ ڪولا وٺي آيو هو. هو پنهنجي چوڌاري بيٺل وڻن جي چوٽين کي بہ ڏسي رهيا هيا ۽ پنهنجن پراڻن دوستن جي باري ۾ بہ ڳالهيون ڪري رهيا هيا. فهد هن کان ايريڪا جي باري ۾ پڇيو تہ هن سان سندس رابطو آهي يا نہ؟.

آيان کيس اهو ٻڌائي حيران ڪري ڇڏيو تہ هوءَ تہ هُن وٽان لاڙڪاڻي مان بہ چڪر هڻي وئي آهي پر هاڻي هوءَ گذاري چُڪي آهي. پوءِ کيس سربستي ڳالهہ ٻڌائي.

هنن ٻنهي جڻن وري پنهنجو سفر جاري رکيو ۽ هن ڀيري فهد سلوواڪ ڳائڻي ماريڪا گمبيتووا جي ڪيسيٽ هلائي. کيس خبر هئي تہ هوءَ آيان جي پسنديده ڳائڻي آهي. هن جي مڌر آواز تي آيان ماضيءَ ۾ پهچي ويو. هوءَ ڳائي رهي هئي:

"منهنجي من ۾ هڪ خالي جڳهہ آهي".

آيان جي ذهن ۾ ايريڪا جي ياد تازي ٿي وئي, هُن سان سندس ملاقات تڏهن ٿي، جڏهن هو پنهنجي ايشين روح کي يورپ جي زمين تي رهڻ لاءِ آماده ڪري رهيو هيو ۽ ايئن هيو جيئن ميلي ۾ بہ تنها تنها. ان وقت تائين کيس يوروپين چپن جي سواد جي خبر نہ هئي.

هو جيئن ئي پاڪستان مان سلوواڪيا پهتو هو کين براتيسلاوا جي شولتيسووي (Soltesovej) اسٽريٽ جي ٻوليءَ واري اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو هيو. هنن جي پهرين يا ايئن چئجي تہ سندن نظرن جي پهرين ملاقات بہ ٻوليءَ وارن ڪلاسن ۾ ٿي هئي. هوءَ ڊگهي, سنهي سيپڪڙي, شولڊر ڪٽ سونهري وارن واري ننڍي عمر جي جرمن ڇوڪري هئي ۽ هن کي گول شيشن وارو فلاسفرن جيان چشمو پاتل هيو. ڪلاس ۾ هن کي ۽ آيان کي انگلش پئي آئي. جنهنڪري هنن جي پاڻ ۾ ڳالهہ ٻولهہ سني هئي. هن سان آيان جي ملاقات جو سلسلو شروع ٿيو تہ ڄڻ هڪ نئين دنيا آباد ٿي وئي, اڻچاتل يورپ پنهنجو ٿي ويو. هو ٻئي ڄڻا اڪثر گڏجي ڊرامن, بيلي ۽ آرٽ ايگزيبيشن تي ويندا هيا. آيان جي ڪمري تي بہ هن جو حق وڏي ويو هيو. سندن گهڻو ٽائيم گڏ گذرڻ لڳو..

هڪ ڏينهن هو ٻئي ڄڻا نيشنل آرٽ گيلري ۾ ايگزيبيشن ڏسي ڊينيوب جو ڪنارو ڏئي SNP پل جي ٻي ڇيڙي تي ٺهيل ٽاور جي مٿين حصي ۾ گهمندڙ Revolving ريسٽورنٽ ۾ وينا هيا ۽ چوڌاري لڳل شيشي جي درين مان ڊينيوب ۾ ترندڙ ٻيڙين کي پسي, بيئر جا ڍڪ پيري رهيا هيا. ايريڪا, آيان کان پڇيو :

”خبر ٿي تہ SNPجو مطلب ڇا آهي, جنهنجي نالي سان هي ريسٽورنٽ بہ آهي تہ اها آرٽ گيلري جنهن ۾ هليا هياسي, ان جو نالو بہ اهو آهي“.

آيان نهڪر ڪئي تہ ايريڪا کلي چيس:

”اها اسان جي ڪري آهي, اسان ٺهرائي آهي“.

”مطلب؟!“. آيان مرڪندي پڇيس

”اسان جرمن جي ڪري اهو سڀ ڪجهہ ٿيو آهي“. ايريڪا بہ مرڪندي کيس چيو ۽ پوءَ تفصيل سان کيس ٻڌايو تہ:

”ٻي جنگ عظيم ۾ سلوواڪيا جو هڪ سياستدان تيسو جرمن نازين سان ملي ويو ۽ هتي انهن جي مدد سان حڪومت قائم ڪئي هيائين، پر هتان جا ماڻهو ان جا ۽ جرمنيءَ جا مخالف هيا، پوءِ هنن اندران ئي اندران بغاوت ڪئي ۽ مختلف هنڌن تي گوريلا وار شروع ڪئي. جرمن فوجين تي، حڪومتي مشنريءَ تي حملا ڪيا ويندا هيا، ان تحريڪ کي سلوواڪ ٻوليءَ ۾ ” Slovenské národné povstanie (سلواوڪ نارودينِي پوستاويني)“ سڏيندا آهن جن جو مخفف SNP ٿئي ٿو. هاڻي ڏي خبر اسان ئي ٺهرايون نہ اهي شيون؟“. هوءَ کلي پئي.

آيان پڇيس: ”هاڻي جرمن ماڻهن جي سوچ يا نفسيات ڪهڙي آهي؟“.

”اڳي واري ساڳي، يعنيٖ پنهنجو پاڻ کي مٿانهون سمجهڻ. پر هاڻي اها ڳالهہ ظاهر نہ ٿا ڪن. باقي اندر ۾ اهڙا ئي آهن. مان جرمن آهيان پر مون کي گهٽا نہ وڻندا آهن؟“.

”پلا فيملي سسٽم ڪيئن آهي؟“.

”فيملي سسٽم گهٽ هر ڪو پنهنجي زندگي ٿو گذاري“.

ايريڪا وري آيان کان پڇيو تہ هنن وٽ فيملي سسٽم ڪيئن آهي؟! تہ جواب ۾ آيان چيو:

”اسان وٽ اڃان تائين فيمليءَ جو ادارو سگهاري طرح موجود آهي“.

آيان کيس پنهنجي ڪٽنب جي باري ۾ تفصيل سان ٻڌايو. هوءَ حيرت مان کيس ڏسندي رهي. ايريڪا چيو تہ هنن وٽ ڪٽنب ڪمزور ٿي رهيا آهن. هن پنهنجي فيمليءَ جي باري ۾ ٻڌايو تہ هو ٻہ ڀينرون پنهنجي ماءُ سان گڏ رهنديون آهن. هن جي پيءُ جوانيءَ ۾ خود ڪشي ڪئي. هن کي پنهنجي پيءُ سان ڏاڍي محبت هئي.

ان خود ڪشيءَ واري ڏينهن بہ هن جو پيءُ ايريڪا سان کيڏي رهيو هو. هن کي چمي، پنهن جي ڪمري ۾ ويو جتان پستول جو ٺڪاءُ ٿيو. جڏهن سڀ ڀڄندا اتي پهتا تہ هن جي پيءُ جو بدن فرش تي پيو هيو. جيڪو اسپتال تائين پڄندي پڄندي ٿڌو ٿي ويو. هوءَ ان وقت ڇهن سالن جي هئي. ايريڪا جا ڳوڙها ڳڙڻ لڳا. آيان هن جي هٿ کي پنهنجي هٿ ۾ مضبوط ڪيو. هن ٻڌايو تہ کيس

شڪ رهيو آهي تہ سندس پيءُ جي خودڪشيءَ جو ڪارڻ سندس ماءُ بہ آهي، ان ڪري ڪيس ماءُ ڪان نفرت آهي. سندس جرمنيءَ ڪان هتي اچي داخلا وٺڻ جو وڏو مقصد بہ اهو آهي تہ جيئن گهر ڪان پري هجي“.

هوءَ روئڻ لڳي......

”تون منهنجو سٺو دوست آهين تنهن ڪري توسان شيئر ٿي ڪريان“.

هن ٽيبل تي جهڪندي آيان کي پيار ڪيو تہ هن جي چوڏاري بهار جي خوشبوءِ ڦهلجي وئي ۽ ڪيس ڊينيوب ۾ ترندڙ ٻيڙيون، Aqua Ballet ڪندي نظر آيون. پوءِ اها خوشبوءِ سندس ڪمري ۾ هر وقت رهندي هئي.

”جرمنيءَ ۾ مون کي هڪ سٺي سهيلي آهي، جنهن سان هر ڳالهہ ڪندي آهيان. هوءَ جڻ هاڻي پوري ڪٽنب جي دوست ٿي وئي آهي. امڙ کي بہ جيڪڏهن ڪجهہ مون کي چوڻو هوندو آهي تہ هن جي ذريعي ئي چوندي آهي“.

”چو تنهنجي ماءُ توکي سڌي ريت چئي نہ ٿي سگهي ڇا؟“.

”شايد نہ، اسان ٻنهي جي پاڻ ۾ دوستي ناهي، توکي ٻڌايم نہ تہ مان هن کي ڏوهي سمجهندي آهيان، انڪري سندس هر عمل مون کي برو لڳندو آهي“.

”پر نيٺ تہ تنهنجي ماءُ آهي.....“

”اهو گهٽ آهي تہ ساڻس گڏ رهان ٿي“

آيان کي ان معاملي تي وڌيڪ ڳالهائڻ بيڪار لڳو. انڪري خاموش رهيو. ريسٽورنٽ تان اٿي پيدل ئي پيدل پنهن جي اسڪول آيا تہ ايريڪا کيس چيو:

”اچ تہ پيانو وڄايون“.

آيان کيس چيو تہ هو پنهنجي ڪمري مان ٿي اچي ٿو.

ايريڪا سٺو پيانو وڄائيندي هئي. هو ٻئي اسڪول جي بيسمينٽ ۾ رکيل پيانو وڄائيندا/ٻڌندا هيا. وڄائيندي هوءَ هئي ۽ آيان رڳو ٻڌندو هيو. آيان ڪمري مان ٿي بيسمينٽ ۾ آيو. هال جون سڀ بتيون بند ڪري، هُنَ پاڻ سان آندل ميڻ بتيون ٻاريون ۽ هڪ ڪنڊ ۾ ويهي ڪيس تڪڻ لڳو. ايريڪا کي ڪارو بلائوز ۽ سائو اسڪرٽ پيل هيو. ان ڏينهن هن موزارٽ جي ”Minor K 457“

وڄائڻ شروع ڪئي. آيان کي خبر نہ هئي تہ ايريڪا جون فيلنگس ڪھڙيون هيون، پر هُن لاءِ ميوزڪ جي لاهن چاڙهن سان هال ۾ موجود سڀ ڪجھ تحليل ٿي ويو ۽ پنهنجو پاڻ کي هڪ پاڇولو محسوس ڪري رهيو هو. ايريڪا جڏهن آخر ۾ ٻئي هٿ پيياني جي keys تي هنيان ۽ هڪدم ميوزڪ بند ٿي وئي تہ آيان بہ هن دنيا ۾ واپس اچي ويو. آيان بہ ڏٺو تہ هوءَ بہ سحر ۾ هئي هنن ٻنهي نہ ڳالهايو ۽ هو ٻئي ٻانهن ۾ ويڙهجي سيڙهجي پنهنجي ڪمري ۾ آيا ۽ هن ڪمري ۾ ٻرندڙ ٽيبل ليمپ جي روشنيءَ ۾ بستري تي وڇيل اڇي چادر تي ايريڪا کي ويهاريو ۽ ٽيپ ۾ روي شنڪر جي ستار هنئين. ان ڏينهن سندن زبانن ڪجھ نہ ڳالهايو پر جسم جي هر عضوي زبان ٻڌجي ڏاڍو ڳالهايو..... يا شايد ڪجھ بہ نہ ڳالهايو.

ايريڪا ۽ آيان جو ٻين معاملن ۾ بہ ساٿ رهيو. چيڪو سلوواڪيا ۾ 1989 ۾ سوشلسٽ حڪومت کي انقلاب (جنهن کي ميڊيا ”Velvet انقلاب“ سڏي ٿي)، ذريعي ختم ڪيو ويو ۽ جمهوري نظام آندو ويو، پر جمهوريت ڪان وڌيڪ انارڪي اچي وئي. هو جنهن وقت لينگويج اسڪول ۾ پڙهندا هيا، ان وقت تائين نئين نظام کي پنج ڇھ مهينا مس گذريا هيا اهو ٽرانزٽ وارو دور هيو. عام ماڻهوءَ تي اڳ ۾ ڳالهائڻ کان وٺي، گهمڻ تائين گهڻيون پابنديون هيون، امريڪين يا ويسٽرن شيون استعمال نہ ڪري سگهندا هيا. اهڙين پابندين کان هُو جڏهن آجا ٿيا تہ پوءِ هنن وٽ آزاديءَ جي ڪا حد نہ هئي. هو رستي تي ڪاغذ کي ڦٽي ڪرڻ، ڇٻر تي ليٽڻ، مغرب ۽ آمريڪا جي هر سٺي ۽ خراب شي جي اهل ڪرڻ کي آزادي سمجهندا هيا.

سوشلسٽ حڪومت، عوام کي هر سهوليت ڏيڻ جي ذميوار هئي. پڙهائڻ، نوڪري ڏيڻ ۽ شاديءَ کان پوءِ گهر ڏيڻ. ايستائين جو شادي جي مُنڍي به حڪومت ڏيندي هئي. پر جڏهن مارڪيٽ اوريئنٽيڊ حڪومت آئي ته هنن واڌو ماڻهن کي بي روزگار ڪيو. شين جون قيمتون چوٽ چڙهي ويون، آمدني اهائي رهي ته ماڻهن ۾ بي روزگاريءَ ۽ بک جي ڪري بيچيني پکڙي، جنهن جي ڪري ڪرائيم وڌيا ۽ احتجاج شروع ٿيا. جرمنيءَ مان Neo Nazism، اسڪن هيڊز جي صورت ۾ امپورٽ ٿيو. اسڪن هيڊز جا مٿا ڪوڙها، ڊريس ڪمانڊوز جهڙي، هٿن ۾ بيس بال جي بيٽ يا زنجير هوندي هين ڪين لانگ بوٽ پهريل هوندا هيا. هنن جو خاص نشانو جپسي ۽ ڪارا ناسي شاگرد هيا. هنن وٽ صرف هڪ نسل(يوروپين) قابل قبول هيو. هميشه ٽولن جي صورت ۾ گهمندا هيا ۽ جيڪو به کين هٿ لڳندو هيو ان جا هڏا گڏا ڀڃي ڇڏيندا هيا. ڀوليءَ جي اسڪول جي به ڪجھ شاگردن تي، شهر جي مختلف جڳهن تي حملا ٿيا هيا. پر هڪ ڏينهن هنن اسڪول تي حملو ڪيو ته هڪدم گيٽ بند ڪئي وئي ۽ پوليس کي اطلاع ڪيو ويو. تڏهن به اسڪن هيڊز گهڻي دير اتي بيٺا رهيا پر پوءِ پوليس جي گاڏين جا سائرن ٻڌي هو ڇڙوڇڙ ٿي ويا.

ان واقعي ٻاهرين شاگردن جي ذهنن ۾ غير محفوظ هجڻ جو احساس پيدا ڪيو ته هو ته پنهنجي گهر(هاسٽل) ۾ به محفوظ ناهن. انڪري هنن صلاح ڪري ٻي ڏينهن تي اسڪول ۾ ڪلاسن جو بائڪاٽ ڪيو. اڳواڻن ۾ آيان ۽ ايريڪا به شامل هيا. جڏهن ته يوروپين هجڻ ڪري اهو يريڪا جو مسئلو نه هيو. ٻن ڏينهن جي مسلسل هڙتال کان پوءِ وزارت تعليم جو هڪ نمائندو ڳالهين لاءِ آيو. ميٽنگ ۾ هو شاگردن کي احتياط سان گهمڻ ڦرڻ جا مشورا ڏيڻ لڳو جنهن تي آيان کيس چيو ته، اسان کي مشورا ڏيڻ بجاءِ اهو ٻڌائي ته هو شاگردن جي حفاظت لاءِ ڪهڙا اپاءَ وٺي سگهي ٿو؟!. ان کان پوءِ سيني شاگردن ان ڳالھ تي زور ڏنو. هن پوليس چوڪي بيهارڻ جو اعلان ڪيو ۽ پوليس کي شهر ۾ به سخت حفاظتي اپاءَ وٺڻ جي لاءِ اعلان ڪيو.

پر انهن واقعن ۾ گهٽتائي نہ آئي. هو جڏهن ٻوليءَ وارو اسڪول ڇڏي مختلف يونيورسٽين ۾ پڙهڻ ويا، تڏهن بہ هنن جي مٿان اهڙا حملا ٿيندا رهيا ۽ سندن هڪ ڪلاس فيلو جيڪو آفريڪا جي بينين ملڪ جو هيو، کي قتل ڪيو ويو. اسٽوڊنٽس هاسٽلن، بسن ۽ ٽرامن تي بہ حملا ٿيندا رهيا.

جڏهن ميڊيڪل ڪاليج جي هاسٽل دروجبا(دوستي) تي اسڪن هيڊز حملو ڪري عرب شاگردن کي ماريو تہ براتيسلاوا ۾ رهندڙ سڀني ٻاهرين شاگردن سلوواڪيا جي پارليمينٽ جي آڏو ڌرڻو هنيو. اها سڄي رات هنن روڊ تي ويهي گذاري، ايريڪا هاسٽل تان ڪمبل ۽ سينڊوچ ڪٽي آئي ۽ آيان سان گڏ ڪمبل ۾ پوري رات ويٺي رهي. صبح جو شاگردن جو وفد ،جنهن ۾ آيان بہ شامل هيو، سلوواڪيا جي ڊپٽي پرائيم منسٽر سان مليو جنهن شاگردن جون ڳالهيون ٻڌي ڌرڻو ختم ڪرايو ۽ اسڪن هيڊز جي خلاف سخت قدم کڻڻ جو واعدو ڪيو. ان کان پوءِ آيان هڪ تنظيم S.O.S جي نالي سان ٺاهي، جنهن جي پليٽ فارم تان هنن اتان جي انٽيليجينشيا کي پاڻ تي ٿيندڙ حملن جي باري ۾ ٻڌايو. ان کان علاوه مختلف انٽرنيشنل فورمز تي پنهنجو ڪيس پچايو. سلوواڪيا جي ادبي ۽ قومپرست تنظيم “Matica Slovenka” (سلوواڪ ماءُ) هنن سان يڪجهتي ڏيکارڻ لاءِ هڪ شام ملهائي ۽ ڪين پنهنجي سهڪار جي خاطري ڪرائي. انهن قدمن جي ڪري شاگردن کي ٿورو گهڻو رليف مليو.

آيان ۽ ايريڪا جي وچ ۾ وڇوڙو ان وقت اچي ويو جڏهن هوءَ نيترا (Nitra) جي ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهڻ لاءِ وئي. ان وچ ۾ سندن ڪو رابطو نہ رهيو ۽ ان کي سال کان بہ مٿي وقت گذري ويو.

گهڻي عرصي کان پوءِ آيان براتيسلاوا جي هاسٽل دروجبا ويو تہ پنيان اچي ڪنهن سندس اکين تي هٿ رکيو ۽ ڪنڌ کي چميو. خوشبو مان آيان سڃاتو تہ ايريڪا آهي. هن کيس ٻڌايو:

”ڪمري ۾ آواز ٻڌڻ ۾ آيو مان شڪيس تہ اهو تہ تنهنجو آواز آهي. پوءِ پڪ ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتيس تہ سچ پچ ۾ تون هتي دوست سان ويهي ڳالهائي رهيو

هئين، بہ ڏينهن ٿيا آهن هتي آئي، هن ويڪ اينڊ تي تو ڏانهن اچڻ جو پروگرام هيو“.

ايريڪا ڏاڍي خوش نظر اچي رهي هئي ۽ هن ڪي ڪافي پيارڻ پنهنجي ڪمري تي وٺي وئي.

هوءَ وري براتيسلاوا ۾ پڙهڻ آئي هئي. انهن ڏينهن ۾ آيان جي ڏينهن ۽ راتين جي مالڪڻ هڪ ٻي سلواڪ ڇوڪري هئي. پر جڏهن بہ ايريڪا اداس هوندي هئي، يا آيان جو من وياڪل هوندو هيو، تہ هو ٻئي پاڻ ۾ ملندا هيا ۽ هنن جي ملڻ جو هنڌ ٻنهي جي هاسٽل جي وچ تي نهيل ڪاٺ جو خوبصورت ريسٽورنٽ/پب ”Koliba“ هوندو هيو. اهو ريسٽورنٽ ڏاڍو آرٽسٽڪ هوندو هو اصل ۾ ڪوليبا جي معني آهي ”ريڍار جي جهوپڙي“ ۽ هنن اندر بہ اهڙي ڊيڪوريشن ڪئي هئي، ۽ بيرن کي بہ سلوواڪيا جي لوڪ ڊريس پهريل هوندي هئي. هن جو مالڪ آيان جو واقفڪار ٿي ويو هو جنهڪري کيس VIP ٽريٽمينٽ ڏني ويندي هئي. آيان ۽ ايريڪا ان پب جي ڪنڊ ۾ رکيل ٽيبل ۽ ڊم لائيٽ ۾ ڪچهري ڪري تازا توانا ٿي ويندا هيا. اڪثر ڪري هنن ٻنهي جا بحث اختلافن تي ختم ٿيندا هيا، جنهن جي سبب جي خبر نہ هئي، پر ايريڪا جي ننڍي عمر هڪ سبب ضرور هيو. ان کان پوءِ هوءَ پنهن جي ملڪ ٽرانسفر ڪرائي وئي ۽ اتي پڙهڻ لڳي. پر هوءَ ڪنهن نہ ڪنهن موقعي جو فائدو وٺي آيان سان ملڻ ضرور ايندي هئي. آيان جو جڏهن پي ايچ ڊيءَ جو ڊفينس ٿيو تہ هوءَ پنهنجي سهيليءَ سان گاڏيءَ ۾ براتيسلاوا آئي ۽ شام جو ٿيل سيليبريشن ۾ ساري رات نچندي رهي. آخر ۾ هوءَ روئڻ لڳي ۽ آيان کي چوندي رهي:

”تون منهنجو بهترين دوست هئين ۽ مان جڏهن بہ اداس ٿيندي هيس تہ تو وٽ هلي ايندي هيس ۽ تو وٽان هڪ نئين سگهہ کڻي واپس ورندي هيس“.

پارٽيءَ کانپوءِ آيان جڏهن کيس ٻاهر ڇڏڻ آيو تہ ٻاهر برفباري ٿي رهي هئي، ايريڪا کيس ڳلي ۾ ٻانهون وجهي، چمندي، ٻاهرين ٿڌ جو احساس ختم ڪري ڇڏيو هو.

آيان جڏھن پاڪستان واپس آيو تہ ھوءَ ڪيس وقفي وقفي سان خط لکندي رھي. سندس خط ڏاڍا سٺا لکيل ھوندا ھيا. ھوءَ جڏھن گھڻي وقت کان پوءِ پراگ وئي ھئي تہ ھن آيان کي اتان خط لکيو:

”..... آءُ گھڻي وقت کان پوءِ ان قابل ٿي آھيان تہ توکي ھي خط لکي سگھان. مون کيپنھنجن احساسن جي اظھار جو ڪو مناسب طريقو نہ پئي سُجھيو. گھڻو عرصو سرديون رھيون ۽ آءُ بہ پنھنجو پاڻ کي برف سان ڍڪيل محسوس ڪري رھي ھيس. ھاڻي اھا برف پگھرجي رھي آھي. آءُ بھار جو انتظار ڪري رھي ھيس ۽ جڏھن بھار آيو تہ مون برلن کان پراگ ۽ پراگ کان پوءِ براتيسلاوا ڏانھن سفر شروع ڪيو. پراگ ۾ گھاريل ھيءُ ڏينھن مونکي سڄو سال يا شا يد سڄي ڄمار سڄ جي روشنيءَ سان روشن رکندو. جڏھن آسمان ۾ ڪڪرن جو نالو نشان نہ ھيو ۽ نيري آسمان ۾ سڄ پنھنجي پوري آب تاب سان چمڪي رھيو ھيو تہ مان ولتاوا نديءَ جي ڪناري واري ڇپر تي ليٽي پيس ۽ خبر ناھي تہ ڪيترو وقت ايئن ئي ليٽيل رھيس. نديءَ جي پاڻيءَ ۾ پراگ شھر پنھنجن سوين ٽاورن ۽ گرجائن سان سھڻو منظر پيش ڪري رھيو ھيو. جڏھن ٻارھين وڳي سيٺني چرچ جا گھنڊ ھڪئي وقت وڄڻ لڳا تہ مان پنڊ پھڻ تي ويس ۽ مون ان لمحي محسوس ڪيو تہ منھنجي اندر ۾ بہ برف جو ڇپون پگھرڻ لڳيون ھيون.

توکي ٻوليءَ جي اسڪول وارو آفريڪي تہ ياد ھوندو. جيڪو مون سان محبت ڪندو ھيو. ھن پيري بہ ھو مليو ۽ ھن مون کي شادي ڪرڻ لاءَ زور ڀريو. پر آءُ ھن پيري ان قابل ھيس تہ ھن کي اھو چئي سگھان تہ منھنجي دل ۾ ھن جي لاءِ ڪا جڳھہ ناھي. توکي خبر ھجڻ کپي تہ مان ھاڻي اھو ريئلائيز ڪري رھي آھيان تہ مان تبديل ٿي رھي آھيان يا ايئن کڻي چئجي تہ مان ھڪ مٿاھين ڏاڪي تي پھچي وئي آھيان..... “ روح ۽ ڪردار جي ترقيءَ واري ڏاڪي تي”. ھاڻي مان شين کي سڃاڻي، انھن جي اصل شڪل ۾ ظاھر ڪيان ٿي. جيئن مون ھُن کي سچ سچ چيو. ھاڻي آءُ ھر ڳالھہ کي سنجيده ۽ ايمانداريءَ سان محسوس ڪري، ان کي سمجھائڻ جي ڪوشش ڪيان ٿي نہ ڪي ان سان ڪيڏان ٿي.

هڪ ڳالهه جو مونکي افسوس رهندو تہ مون ڪڏهن بہ براتيسلاوا ۾ رهندڙ دوستن جي اهميت کي محسوس ڪندي انهن جي تعريف ۽ قدر نہ ڪيو ۽ خاص ڪري تنهنجو. ايئن ناهي تہ مون توکي اهميت نہ ڏني يا سمجهيو نہ. پر مون تنهنجي حيثيت مطابق تنهنجو خيال ۽ قدر نہ ڪيو. جڏهن تون هتي ناهين تہ مون تنهنجو خيال رکڻ شروع ڪيو آهي. اهو بہ سڀ ڪجه منهنجي روح ۽ ڪردار جي ترقيءَ سان تعلق رکي ٿو پر تنهنجي معاملي ۾ دير ٿي چڪي آهي ۽ هاڻي تہ ان جي معافي بہ ممڪن ناهي... سو خط دير سان لکڻ جو اهو سبب هيو تہ مون لاءِ اڳ ۾ شيون ۽ ڳالهيون واضح نہ هيون ۽ اهو بہ ڄاڻان ٿي تہ سڀ معاملا واضح ٿيڻ بہ ناممڪن آهن، ڇو جو اها تہ ڊگهي سفر جي هڪ ننڍي شروعات آهي... هڪ بهترين دوست هجڻ جي ناتي مان هي لفظن مان جڙيل خط نہ پر اصل ۾ آءُ توکي پراگ جي مٽان چمڪندڙ سج موڪلي رهي آهيان....."

ان ڪانپوءِ ايريڪا ڪجهہ عرصي لاءِ ميڊيڪل جي هائوس جاب لاءِ سوڊان ۽ اسرائيل وئي، جتان هن آيان کي فون بہ ڪئي ۽ خط بہ لکيا. هن جي شخصيت ۾ سنجيدگي ۽ بالغيت ايندي وئي، هن اسرائيل مان لکيو :

"ٿوري دير اڳ آءُ هڪ ڪيفي ۾ ويٺي هيس. پر هاڻي هي خط توکي پنهن جي فليٽ جي بورچيخاني مان لکي رهي آهيان. اتي ڪيفي ۾ مونکي هڪ عورت جي اچڻ ڪري خط لکڻ بند ڪرڻو پيو. هن اچڻ سان پڇيو:

"تون جرمن آهين؟".

مون کيس "ها" ڪندي پڇيو تہ: "توهان ڪيئن سمجهيو؟!".

جنهن تي هن جواب ڏنو تہ صرف جرمن ئي ڪيفي ۾ ويهي خط لکندا آهن. هوءَ پاڻ جرمن هئي ۽ ڇهن سالن کان اسرائيل ۾ رهي ٿي. ساڻس ڪچهري ڪرڻ ۾ ڏاڍو مزو آيو. مونکي اسرائيل آئي اڃان ٽي ڏينهن ٿيا آهن. پنهنجو پاڻ کي ايڊجسٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿي پر هي يهودي ڏاڍا کهرا آهن. مان هتي دوستن کي مس ڪيان ٿي. آءُ سوچيان پئي تہ يهودين پنهنجي قوم ٺاهي آهي ۽ اڃان تائين ٺاهن پيا..... ڪنهن جو خيال رکڻ کان بغير. ايستائين جو ڇهن سالن

ڪان رهندڙ هوءَ عورت بہ پنهنجو پاڙ کي اجان ڪميونٽيءَ جي چانئٺ تي اندر اچڻ جي اجازت جي انتظار ۾ بيٺل محسوس ڪري ٿي.

ڪڏهن ڪڏهن ڪوشش ڪندي آهيان تہ تصور ۾ آڻيان تہ تون پاڪستان ۾ ڪيئن رهندو هوندين؟ پر اهو ناممڪن بڻجيو پئي. ان لاءِ لڳي ٿو تہ تو وٽان چڪر هڻان تہ جيئن تصور ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. آءُ جڏهن بہ ڪو ماڳ گهمندي آهيان تہ سوچيندي آهيان ڪنهن سان گڏ گهمندي ڪيڏو نہ مزو ايندو، ڀي ڪنهن سان نہ پر توسان.

... مونکي هتان جي ماڻهن کي سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿئي ٿي، پوءِ اهي يهودي هجن يا فلسطيني مسلمان. ان جو وڏو سبب هنن جو ڪٽرپڻو بہ ٿي سگهي ٿو. هتي رواداري ۽ سهپ جي ڏاڍي کوٽ آهي، ان ڪري ئي ايڊجسٽ ڪرڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي ٿي.

گذريل چنچر تي بيت اللحم وئي هيس. تون يقين ڪر تہ مان مذهبي ناهيان، پر اتي ماڻهو هڪ قسم جي پاڪائپ ۽ سڪون محسوس ڪري ٿو. مونکي حضرت عيسيٰ جي جنم ڀومي پسند آهي. اتي هڪ سڪون آهي، اٿاھ سڪون. حالانڪ ٻاهر مسلمانن ۽ يهودين جو جهڳڙو هلي رهيو هيو. شايد ان جهڳڙي جي ڪري مونکي چرچ آف هولي نيٽوٽي ۾ وڌيڪ سڪون مليو ۽ جيڪو مونکي گهربل بہ هيو. اسرائيل اچڻ کان پوءِ پهرين اها اهم گهڙي هئي، اتي مان ميڻ بتيون ٻاريون ۽ هڪ خاص تنهن جي لاءِ.

مونکي اهو ڏينهن ياد آهي، جڏهن اسان براتيسلاوا جي هڪ چرچ ۾ ويا هياسين ۽ تون اتي خاموش بت بڻيو وينو هئين ۽ ڪنهن عرب دوست توکي طنزيہ چيو هو تہ تون هن چرچ ۾ چا پيو ڪرين؟ جواب ۾ تون چيو هو تہ: ”الله تہ هر هنڌ موجود آهي“. مون اهو سڀ ڪجھ ان ميڻ بتيءَ ۾ منتقل ڪيو هو. مون اتي محسوس ڪيو هو تہ اهي سڀ جهڳڙا ۽ ڳالهيون نہ صرف چرچ کان ٻاهر هيون، پر مون کان بہ ٻاهر هيون.

قلم تازو: آءُ هن ملڪ کان نفرت ٿي ڪيان ۽ ٻيهر نہ اچڻ جو قسم ٿي کڻان، خبر ٿي چو؟. چاڪاڻ جو اسرائيل وارن تو ڏانهن هن خط کي پوسٽ ڪرڻ کان اهو چئي انڪار ڪيو تہ پاڪستان ۽ اسان ٻئي دشمن آهيون. اها حد آهي ان

ڪري هن ملڪ کان نفرت ڪيان ٿي. آءُ انهن ملڪن جي عزت نہ ٿي ڪري سگهان، جتان توسان رابطو نہ رکي سگهان.....“

آيان کي هن جو ٻيو خط سوڊان مان مليو ۽ اسرائيل وارو خط بہ هن آيان کي سوڊان مان موڪليو هيو. هن خط ۾ بہ هن لکيو تہ:

”..... مختلف خيالن ۽ سوچن سان ذهن ڀريل آهي، جنهن ڪري توکي هي خط لکندي ڏکيائي محسوس ڪري رهي آهيان. آءُ ڇهہ هفتا گهر کان پري رهي آهيان ۽ مون کي هوم سڪنيس ٿي پئي آهي. تنهنڪري پڙهائي ختم ڪري ٻاهر رهڻ وارو منهنجو جيڪو پروگرام هيو ان کي ختم ڪرڻو پوندو. مونکي اها خبر ئي نہ هئي تہ مان پنهنجي ملڪ (جرمنيءَ) سان ايتري لاڳاپيل آهيان. سيني مسئلن هوندي بہ پنهنجي ڌرتيءَ کي چاهيان ٿي. تو لاءِ شايد اندازو لڳائڻ ڏکيو هجي تہ آءُ ان پل جو ڪيڏي نہ شدت سان انتظار ڪري رهي آهيان جڏهن جهاز ليندنگ ڪرڻ کان اڳ ۾ برلن جي مٿان ڦيرا پائيندو. پر اجان تہ مونکي هتي بہ مهينا رهڻو آهي ۽ مان انهن لمحن، هرمنٽ جي سٺ سيڪنڊن مان هر سيڪنڊ کي انجواءِ ڪرڻ چاهيان ٿي. هونئن مونکي اها پڪ آهي تہ هن ٽرپ مان آءُ ڪوڙ سگهہ حاصل ڪري سگهنديس. سڀ کان اهم آهي پنهنجي رهڻ جي طريقي کي ڇڏي، ٻي طرز ۽ ٻي ڍنگ سان رهڻ. اها سگهہ جيڪا ٻئي معاشري جي تجربن، ريتن ۽ رسمن مان حاصل ٿيندي، اها مون کي سگهارو بڻائيندي، مون کي اميد آهي تہ اها سگهہ مون کي انهن شين کي گهرائيءَ ۾ جاچڻ جي اهليت ڏيندي. آءُ اهو بہ سمجهان ٿي تہ اهو سڀ ڪجهہ منهنجي لاءِ ڪجهہ مسئلا ۽ مشڪلاتون بہ آڻيندو، ڇو جو هنن ماڻهن جي ۽ منهنجي سوچڻ ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. هتان جي رهڻي ڪهڻي ۽ منهنجي جرمن اسٽائيل رهڻي، ضرور ٽڪر کائينديون، پر ان لاءِ مان Curious (اتاولي) بہ ڏاڍي آهيان.

ڇا تون اهو تصور ڪري سگهين ٿو تہ هي سڄو سفر يا ان لاءِ ڪاٿيل تڪليفون مون ڪنهن سان ملڻ لاءِ ڪيون هجن؟...... اهو ماڻهو جنهن کي مان پنهنجو روحاني ڀاءُ سمجهان ٿي. اسان اهو محسوس ڪيون ٿا تہ اهوسڀ ڪجهہ اڻچاتل طريقي سان طئي ٿيل هو. هن کي مان پنهنجو روحاني ڀاءُ سمجهان ٿي. اسان اهو محسوس ڪيون ٿا تہ اهو سڀ ڪجهہ جڻ اڳ ۾ طئي ٿيل هيو. آءُ ان

دوستيءَ جي رشتي کي پوري ريت لفظن ۾ ظاهر نہ ٿي ڪري سگھان ۽ نہ ئي وري مان ڪوشش ڪنديس ڇو جو اهو لفظن جو زيان هوندو ۽ ان کان پوءِ بہ تون شايد اهو صحيح طرح سمجهي نہ سگهين.

پر هڪ ڳالھ جيڪا مون هن کان سکي آهي تہ هن مون کي ”پڇڻ“ سيکاريو جيڪو مان تقريبا وساري چڪي هيس. سوال ڪرڻ سيکاريا، عام رواجي سوال نہ، پر اهي سوال جيڪي ذهن ۾ مانڌاڻ مچائن، ان ڪري مون پنهنجي روح ۾ دفن ڪوڙ ساترين ڳالهيون ڳولهي لڌيون، جيڪي منهنجي من پاتال ۾ دفن ٿي چڪيون هيون. مونکي تہ ائين لڳو تہ آءُ پنهنجو پاڻ کي سجاتو ئي ڪين هو. يا ائين ٿو لڳي تہ پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ کان لنوائي رهي هيس. خير ان جو هڪ سبب ٻيو اسان جو معاشرو بہ ٿي سگهي ٿو. ڇو جو اسان پنهنجن ڪمن ۾ ايترا مصروف آهيون جو پنهنجو پاڻ کي ريوائنڊ ڪرڻ، پرکڻ جو موقعو ئي نہ ٿو ملي. پر جيڪڏهن ڪڏهن ملي بہ ٿو تہ هٽ سان ان موقعي کي ضايع ڪري ڇڏيون ٿا. ڇو جو ڊڄون ٿا تہ اسان جي اندر جي ڪاراڻ اسان جي اڇن ڇهرن کي ڪارو نہ ڪري ڇڏي.

انهن سيني ڳالهين کي ڏسي ۽ پنهنجو پاڻ کي پرکي ۽ ڦلهورڻ کان پوءِ، ان نتيجي تي پهتي آهيان تہ مون گهڻو ٽائيم زيان ڪيو آهي. جيڪڏهن اهو سڀ ڪجھ اڳ ڪيو هجي ها تہ گهڻو ڪجھ وڃائڻ کان بچي سگهان ها. نہ رڳو ايترو پر پنهنجي متاڇري سوچ جي ڪري، سالن کان گڏ رهندڙ ماڻهن کي بہ چڱيءَ ريت نہ سڃاڻي سگهيس ۽ خاص ڪري توکي.

مونکي ايئن ٿو محسوس ٿئي تہ مان ڇڻ هائبرنيشن ۾ هيس يا هڪ ڊگهي ننڊ ستل هيس ۽ هاڻي هر نئين ڏينهن وڌيڪ سجاڳ ٿي رهي آهيان. مونکي ياد آهي تہ گهڻو وقت اڳ توکي چيو هيم تہ، مان هاڻي گهمڻ شروع ڪيو آهي. ڪيتري نہ سچائي هئي ان ۾. اهو بلڪل ان ريت آهي تہ توهان ڪنهن پهاڙ جي چوٽي سر ڪرڻ لاءِ ان تي چڙهڻ شروع ڪيو ۽ چوٽيءَ تي پهچڻ کان پوءِ وري توهان کي اهو احساس ٿئي تہ اصل چوٽي اها تہ نہ پر هڪ ٻي چوٽي آهي. پر يقين رک مان ٿڪجي نہ ويني آهيان ۽ نہ ويهنديس پر هر گل هر منظر جو مزو وٺندي

اڳتي وڌندي رهنديس. ان لاءِ جو مان اصل تائين پهچڻ چاهيان ٿي، سچ تائين پهچڻ چاهيان ٿي، حق تائين پهچڻ چاهيان ٿي.

منهنجي خواهش آهي تہ اهي سڀ ڳالهيون مان توکي منهن سامهون ٻڌايان پر ڪيڏي نہ بد نصيب آهيان. سوچيان ٿي تہ پاڻ وري ڀيهر ملي بہ سگهنداسين يا نہ؟ ۽ جڏهن ملنداسين تہ خاموش رهي سگهنداسين؟ ڪڏهن بہ نہ!

اسرائيل کان پوءِ هاڻي سوڊان پهتي آهيان هتي منهنجو مقصد گهمڻ آهي نڪي اسپتالن ۾ اسپرٽ جي خوشبوءِ ۾ ويهڻ. انلاءِ تہ منهنجي سڄي عمر پئي آهي. هونئن هتي گهمڻ بہ مسئلو آهي، هڪ تہ ملڪ وڏو ٻيو مٿان وري بسن جي حالت جري، جنهن ڪري چاهيندي بہ گهڻو ڪجهہ نہ ڏسي سگهنديس.

اڄ ٻيڙيءَ تي نيل ندي گهمڻ ويس. منهنجو پنهنجو اهو خيال آهي، ڪنهن بہ نديءَ کي محسوس ۽ پيار ڪرڻ لاءِ ان سان، نڊي هوندي کان واسطو هجڻ ضروري آهي. جيئن منهنجو رائين نديءَ سان، تنهنجو سنڌوءَ سان آهي. پر نيل نديءَ سان اهو شرط لاڳو نہ ٿو ٿي سگهي. ڏاڍي پياري ندي آهي. اها مون کي پنهنجي پنهنجي لڳي ۽ مون کي يقين آهي تہ تون بہ جڏهن نيل ندي ڏسندين ۽ ان کي محسوس ڪندين تہ اها بہ توکي اهو پيار ڏيندي ۽ پيار گهرندي، جيڪو تون سنڌونديءَ سان ڪندو آهين، يا هوءَ توکي ڏيندي آهي.

آءُ اڃان گهڻو ڪجهہ لکڻ چاهيان ٿي، پر هاڻ ٿڪجي پئي آهيان. وري ٻي ڀيري.

تون چاهين ٿو تہ خط جي آخر ۾ ڇا لکڻ گهرجي.....“

پاڪستان ۾ ايريڪا، آيان وٽ گھمڻ آئي. ايئرپورٽ تي جڏهن هوءَ سندس ويجھو پهتي، تہ ساڻس ڀڪين پئجي. گھڻو وقت روئندي رهي. هن سان گڏ سندس سهيلي بہ آئي هئي. گھر تائين پهچندي هن الائي ڪيترون ڳالهيون ڪيون. سندس بت ڪجھہ ڀريو هيو جنهن ڪري هن جي سونهن وڌيڪ نکري پئي هئي.

هنن ٽنهي ڄڻن سنڌ جي مختلف شهرن کي گھمي ڏٺو. ڪراچيءَ جي سينڊس پٽ کان وٺي ابراهيم حيدريءَ جي سامونڊي ڪنارن تي هڪ ٻئي جون خوشبوئون جھٽيون. انکان پوءِ هوءَ ۽ هن جي سهيلي ناردرن ايريا گھمڻ ويون، جتي بہ آيان جي دوستن هنن لاءِ انتظام ڪيو هو. هو ٻئي ڄڻيون ڪراچيءَ واپس آيون تہ هڪ بہ ڏينهن رهي، ايريڪا جي سهيلي مارتينا واپس جرمنيءَ هلي وئي. آيان، کيس چيو هو :

”تون اڳ بڪنگ ڇو ڪرائي آهي؟ هفتي کان پوءِ ايريڪا سان وڃين ها.....“

”هوءَ، تو سان ڪجھہ ڏينهن اڪيلو رهڻ چاهي ٿي. ان ڪري ئي هن مون کي چيو هو تہ هفتو اڳ جي بڪنگ ڪرايان“. هوءَ مرڪندي رهي ۽ آيان خاموش ٿي ويو.

ان کان پوءِ، آيان ۽ ايريڪا مڪلي، موهن جو دڙو ۽ ڄامشورو گھمڻ ويا. موهن جي دڙي ۾ چانڊوڪيءَ ۾ ٽيڪسي ڊرائيور کين صوفياڻا ڪلام ٻڌائيندو رهيو. جن جو مطلب آيان کيس ٻڌائيندو رهيو. عشق جي ذڪر هن جي ڳلن تي

ڳاڙھاڻ آٽي چڙھي ھئي. ھنن ٻنهي جي ساھن ۾ موھن جي دڙي جي دز بخور جو ڪم ڏيندي رهي.

ڄامشوري ۾ ھو ٻئي يونيورسٽيءَ جي رستن تي گھمندا رھيا. ايريڪا پنھنجي منهن ڳالهائيندي چيو :

”ڏس! ھن يونيورسٽيءَ جي اونده ۽ خاموشيءَ ۾ ڪيڏي نہ موسيقيت آھي، جيڪا اسان کي سلوواڪيا جي يونيورسٽيءَ ۾ نہ ملي. حالانڪ تون ۽ مان اتي بہ ايئن ئي گھمندا ھياسين يا ھاسٽل جي پرسان واري ٻيلي ۾ ڪيتريون راتيون باھہ تي گڏ گذاريوسين ۽ اتي آزادي بہ وڌيڪ ھئي“.

ھن آيان ڏي مرڪندي معنيٰ خيز نگاھن سان ڏٺو. ھُن جواب ۾ مرڪي ڪيس چيو:

”مون سمجھيو ھو تہ اسان سنڌي شاگردن جو ھن يونيورسٽيءَ سان پيار ھجڻ ڪري ايئن محسوس ٿيندو آھي. اسان جو نوجوان تہ ڄامشوري کي پنھنجي زندگيءَ جي ھڪ اھم ۽ رومينٽڪ موڙ طور ياد رکندو آھي. پر تون بہ ايئن محسوس ڪرين ٿي تہ مون کي يقين آھي تہ ھن ڌرتيءَ ۾ ئي رومانس موجود آھي“.

آيان ڪيس حليم باغيءَ جي شاعريءَ مان سٽون ٻڌائي ان جو ترجمو ڪيو:

اڙي شھر جانان! ڪي توکي سنڀارون
تہ شاعر جون گذريون، ھتي پنج بھارون

۽ ھن جي ھلڻ ۾ ھئي سارنگ جي رم جھم
کلڻ ۾ تہ ميران جي سرندي جون تارون

تصور ۾ ايري اچن ٿا سي ڏينھڙا
جڏھن ھن جي چوٽيءَ مان ڦٽيون بہ ڌارون

ايريڪا ننڍي ساهيءَ ڪان پوءِ سگريٽ جو هڪ وڏو پف هڻندي، آيان کي چيو:

”مان خوشنصيب آهيان، جو هتي آئي آهيان، توکي ڏنو اٿم، تنهنجي گهر ۾ تنهن جي ڏينهن رات جي مصروفيتن کي محسوس ڪيو اٿم. هاڻي مون کي تنهنجو تصور ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي. توسان من ئي من ۾ ڳالهائڻ ۾ ڪا ڏاريائپ نہ رهندي“.

”تون منهنجي جيون کي بہ هڪ نئون رنگ ڏئي ٿي وڃين. عام طرح اهو چيو ويندو آهي تہ يوروپين جي دوستي صرف ٿوري وقت لاءِ هوندي آهي پر تون ان ڳالهہ کي غلط ثابت ڪيو آهي“.

”اهو ڪنهن حد تائين صحيح بہ هوندو، پر تون بہ تہ پيو آهين، عام ماڻهن جيان نہ آهين. خبر ٿي ڪراچيءَ مان جڏهن فون ڪري امڙ کي پنهنجي خيريت جو ٻڌايو هيم، تہ هاڻ مان آيان وٽ پهتي آهيان تہ هُن ٽڏو ساهہ کڻي شڪر ڪيو هو ۽ چيو هيائين تہ هاڻي مون کي تنهنجو فڪر ناهي. تون محفوظ هٿن ۾ آهين“.

هُن جهٽ رکي چيو:

”جيڪڏهن مان هتي رهي پوان....؟!“

”مون کي ڪو اعتراض ناهي، رهي سگهندينءَ؟!“

”ها پر هڪ شرط تي، تہ تون مون سان گڏ هوندين ۽ پوءِ ڄامشورو هجي يا ناردرن ايريا، پنهنجي زمين وٽي پوکي ڪنداسين ۽ گڏ رهنداسين. مان تو سان رهڻ ٿي چاهيان“.

”هتي رهڻ جو سبب؟!“.

”تون“.

”اتي مان توسان گڏ ناهيان؟“.

”آهين قريب ۽ ناهين بہ“.

”مان تہ سمجهان ٿو تہ مان اتي بہ توسان ايترو قريب آهيان“.

”ها پر مون کي تنهنجو ڇهاءُ کپي، مون کي تحفظ کپي، مان پنهنجي پيءُ جي خودڪشيءَ کان پوءِ غير محفوظ رهي آهيان“.

ايريڪا روئندي چيو:

”خبر ٿي مون کي امڙ تو ڏانهن زور ڪري موڪليو آهي، هاڻي منهنجو هُن سان اختلاف نہ رهيو آهي، هوءَ ڪينسر جي مريضہ آهي. خبر ناهي ڪيترو وقت زنده رهي. هُن چيو آهي تہ توکي وٺي جرمني اچان يا هتي تو وٽ مان رهي پوان“.

”پر...“.

”پر مون کي خبر آهي تہ هتي تون بهتر آهين. جرمنيءَ ۾ تون نسل پرستن جو شڪار ٿي ويندين. تنهنڪري مون کي اجازت ڏي تہ تو وٽ رهي پوان. پر مان امڙ جي وفات کان پوءِ ايندي س“.

”پر تنهنجي لاءِ بہ هتي رهڻ ڏاڍو ڏکيو ٿيندو. مونکي خبر آهي تہ يوروپين جو رهڻ، اهو بہ اسان جهڙي هيٺين مڊل ڪلاس جي روين ۾ حالتن ۾، انتهائي ڏکيو آهي. ڪجهہ وقت رهڻ کانپوءِ تون بہ يڪسانيت جو شڪار ٿي چڙچڙي ٿي پوندينءَ. هتي اها بہ آزادي ناهي. شايد مان ئي حالتن کي ڏسندي ڪي بندشون مڙهيان. تڏهن بہ تون ڏکي ٿينديٰنءَ. توکي تہ منهنجي سڀ خبر آهي جيڪڏهن ڪنهن يوروپين کي هتي رهاڻو هجي ها تہ سلوواڪيا ۾ ڪنهن کي نہ وٺي اچان ها. هنن کي تون بہ ڄاڻين ٿي. پر مان اهو سڀ ڪجهہ سمجهندي ڪنهن کي بہ دوکي ۾ نہ رکيو. ڪنهن کي بہ شاديءَ جو دلاسو نہ ڏنو“.

”اهو زمانو ٻيو هو. ان وقت مان بہ ٻي هيس. هاڻي ٻي آهيان. بلڪل تبديل ٿيل. بس في الحال ڪجهہ نہ چئو. امڙ کان پوءِ ڏسنداسين“.

ايئن چئي هوءَ روئڻ لڳي. آيان ڪجهہ بہ نہ چيو بس ڪيس ڳلي لڳائي چپڏيائين.

ايريڪا ايئر پورٽ تي روئندي موڪلايو.

ڪجهہ وقت کان پوءِ آيان کي هُن جي فون آئي، روئندي ڪيس ٻڌايائين:

”امڙ گذاري وئي آهي ۽ لڳي ٿو تہ مان بہ هُن سان گڏ دفن ٿي وئي آهيان. هاڻي منهنجي لاءِ بہ زنده رهڻ نہ رهڻ هڪ ئي ڳالهہ آهي. مان شام جو ڪمري ۾ ٽي تصويرون رکي، ميڻ بتي ٻاري عبادت ڪندي آهيان. هڪ بابا جي، هڪ امڙ جي ۽ ٻي تنهن جي.“

”تون تہ واعدو ڪيو هو تہ مون وٽ ايندينءَ، ڪڏهن ٿي اچين؟“

”نہ توکي ڪنهن تڪليف ۾ وجهڻ نہ ٿي چاهيان“.

”مونکي تڪليف نہ ٿيندي. جي تون راضي آهين، تون تہ سڄو ماحول ڏسي وئين آهين. ضرور اچ“.

”هاڻي مان انهن ضرورتن کان مٿاهين ٿي وئي آهيان، خير مان ڪوشش ڪنديس“. هن روئندي فون رکي ڇڏي.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ آيان وٽ، ايريڪا جي سهيليءَ جي ايميل آئي:

“I am sorry to inform you that Erica is no more alive, she was very disturb in her last days and found dead in her flat with a bullet of a pistol(of his father) in her head and hugging three pics in her arms, one of her father, one of her mother and one of you”

(مونکي ڏاڍي ڏک سان توکي اهو اطلاع ڏيڻو ٿو پئي تہ ايريڪا هاڻي نہ رهي آهي. هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ مئل لڌي، سندس مٿي ۾ (سندس پيءُ جي) پسٽل جي گولي لڳل هئي، پسٽل سندس هٿ ۾ هو ۽ سندس ڀاڪر ۾ ٽي تصويرون هيون. هڪ ماءُ جي، هڪ پيءُ جي ۽ هڪ تنهنجي).

آيان جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا ۽ هُن ڪمپيوٽر ۾ رکيل ايريڪا جي مرڪندڙ تصوير کي اسڪرين تي آندو ۽ ان تصوير جي اڳيان ميڻ بتي ٻاري ڇڏي.

گاڏي هڪ چيڪٽ سان هڪ گهر آڏو بيٺي تہ آيان حيرانيءَ مان فهد کي ڏٺو.

”زوزانا جو گهر آهي هن سان ملندا ٿا هلون“.

”هنن کي ٻڌايو هيئي ڇا؟“.

”نہ، سرپرائيز گفٽ“.

”سرپرائيز تہ آهي باقي گفٽ جي خبر ناهي.....“.

زوزانا، فائين آرٽس جي شاگردياڻي هئي. هوءَ جوان، ڏاڍي سهڻي ۽ سلڇڻي ڇوڪري هئي. فهد واري هاسٽل ۾ ئي رهندي هئي، سندس فهد سان سٺي دوستي هوندي هئي. فهد، پنهنجي پاڪستاني دوستن مان رڳو آيان سان ئي کيس ملائيندو هو جو زوزانا ئي کيس چيو هو تہ ٻيا پاڪستاني تہ رڳو بيئر پيئڻ کان پوءِ ڪائڻ ٿا اچن. آيان ۽ هوءَ ٻئي آرٽ تي ڳالهائيندا هيا. آيان سندس پيئنٽنگز تي تبصرو ڪندو هيو هن ۾ ترميمون آڻڻ جون صلاحون ڏيندو هيو جيڪي اڪثر ڪري زوزانا کي پسند اينديون هيون. جي ممڪن هوندو هو تہ هن کي تبديل بہ ڪندي هئي. هڪ ڀيري جڏهن چيڪ آرٽ جي ڳالهہ نڪتي ۽ آيان ان تي تفصيل سان ڳالهايو تہ هو حيرانيءَ مان کيس ڏسندي رهي، تہ هڪ ماڻهو جنهن جو سبجيڪٽ آرٽ بہ ناهي، آهي بہ ٻاهريون، اهو ايتري تفصيل سان هن جي ملڪ

جي آرٽ تي ڳالهائي سگھي ٿو. ڪڏھن تہ جي فهد مصروف هوندو يا ڪا ڪيس يونيورسٽيءَ جي اسائينمينٽ هوندي هئي تہ هي ٻئي ڄڻا پراگ شهر گھمڻ نڪري ويندا هيا. هڪ ڀيري هو ولتاوا جي پرسان نيشنل ٿيئٽر جي سامهون واري ان ڪيفي ۾ ڪافي پي رهيا هيا، جنهن ۾ پراگ جا آرٽسٽ، اداڪار، ليکڪ ۽ سياستدان ايندا هيا. اتي روزانا آيان کي ٻڌايو:

“ مخملي انقلاب ۾ هي اهم جڳھ هوندي هئي. هتي اچي روز شام جو سڀ فنڪار ڪٺا ٿيندا هيا ۽ ايندڙ ڏينهن جي منصوبہ بندي ڪندا هيا، جيڪا اصل رٽابنديءَ کان مخلتف هوندي هئي. اصل رٽابندي تہ هو ٿيئٽر ۾ ويهي ڪري ايندا هيا. هتي تہ رڳو جاسوس پوليس جي اکين ۾ سرمو وجهڻ لاءِ رٽا بندي ڪندا هيا ۽ بيئر پيئندا هيا، جيڪا ان وقت ئي حڪومتي ادارن وٽ پهچي ويندي هئي، پر جڏھن بہ ڏينهن تي سرزمين تي پهچندا هيا تہ ڳالھ ئي ٻي هوندي هئي. هن ڪيس ٻڌايو تہ صدر واتسلاو هاول بہ اتي ئي اچي ويهندو هو ۽ بيئر جا پيپ پي اٿندو هو“.

تنهن تي آيان کلي ڪيس چيو:

”تڏھن تہ سندس مشهور زمانہ ڊرامو ”آڊيئنس“ بہ ڪنهن بريوري يا پب ۾ بيئر پيڻ وارن ڪردارن، انهن جي مُٺڻ، واش روم ۾ ريح ڪيڻ ۽ هنن جي بدمزه ڊائلاگن تي ٻڌل آهي“.

آيان ڪيس ٻڌايو:

”اهو ڊرامو ٿيئٽر ۾ ڏٺو تہ سهي، پر مون کي مزو نہ آيو. ان ۾ ڪا بہ آرٽ نہ هئي، سواءِ سوشلسٽ حڪومت کي ٻن ٽن گارين ڏيڻ جي. ان کان تہ نوجوان ليکڪن جا ڊراما سٺا آهن“.

”ها تون صحيح آهين، پر آمريڪا ۽ انهن جي اتحادين کي ڪو تہ مهرو کپندو هو ۽ ان کي باغي ڪري تہ پيش ڪرٽو هو. پر ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هاول جي بنياد وڌل تنظيم يا اتحاد، چارٽر 77 ئي اصل ۾ ان حڪومت جي خاتمي جو سبب بڻيو”

جنهن تي آيان چيو:

”ان کان تہ جنگ عظيم دوارن لکيل ياروسلاو هاشيڪ جو ناول جنهن تي پوءِ ڊراما بہ ٺهيا ۽ فلم بہ. مذاحيا انداز ۾ هڪ وڏي طنز آهي جنهن ۾ حقيقتن کي هڪ آرٽ جي نموني ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي.“

”ها، پر ڪميونسٽ مخالف ماڻهن ۽ حڪومتن جون پنهنجون ترجيحون آهن، نہ تہ مون کي تہ ميلان ڪنڊيرا بہ نہ وڻندو آهي، بس ماڻهو هن کي انڪري پسند ڪن ٿا تہ هن جي ناولن ۾ ٿوري ايروٽڪ آهي ۽ ٻيو ڪميونسٽن خلاف پروپيگنڊا“.

”خير پروپيگنڊا تہ نہ چئون اهي حقيقتون آهن“.

”ها حقيقتون آهن پر جهڙي نموني ميلان ڪنڊيرا کي چيڪ ادب جو نمائندو ٿو سمجهيو وڃي، ايئن تہ ناهي. مون کي يا ٻين چيڪ ماڻهن کي بوهوسلاو هربل وڌيڪ وڻندو آهي“.

”اڄ پلا رڳو ادب کي کنيو ٿي....“. آيان کيس چيو. جنهن تي زوزانا وراڻيو:

”اڄ منهنجو چريو يار ساڻ ڪونهي نہ، هو وري انهن مامرن ۾ ايتري دلچسپي نہ رکندو آهي“.

زوزانا ڪافيءَ جا زوريءَ پيسا ڏنا ۽ آيان کي چيائين تہ:

”هل اڄ توکي هڪ ٻيو جهان تي ڏيکاريان“.

سج لهي چڪو هو. پراگ جون روشنيون ٻري چڪيون هيون. ولتاوا نديءَ ۾ انهن روشنين جا اولڙا پئجي رهيا هيا. سامهون پريزيڊنسي جون بتيون ٻري چڪيون هيون. ان گاٿڪ عمارت جي روشنين سان سجايل اولڙا بہ پاڻي ۾ پئجي رهيا هئا.

هو ٻئي ولتاوا واري ندي، پل ذريعي پار ڪري ٻي پر آيا تہ زوزانا کيس ان پل جي ٻي ڇيڙي تي هيٺ وٺي وئي، جتي وڃي آيان حيران ٿيو هو ڪڏهن بہ اتي نہ آيو هو. اهو حصو ڄڻ تہ يورپين جوانن ۽ جوانڙين جي جنت هو. ڪي هپي

ٽائيپ هيا، ڪي وري پنڪ، تہ ڪي وري ڪيئن تہ ڪي وري ڪيئن. انهن جي گهڻائي يورپ کان گهمڻ آيل سياحن جي هئي. اهو ڄڻ تہ هڪ ميلو هو. ڪٿي ڪائڻ جا اسٽال هيا، تہ ڪٿي بيئر جا، ڪٿي وري ٿئيٽر هو تہ ڪٿي وري ڪو گٽار وڄائي رهيو هو. آيان کي لڳو تہ هو ڪنهن نئين دنيا ۾ اچي ويو آهي. زوزانا چيو:

”هل ٿئيٽر ڏسون“.

آيان کيس چيو:

”پهريائين هن ماحول ۾ ايڊجسٽ تہ ٿيڻ ڏي“.

زوزانا سواليا نگاهن سان هن ڏانهن ڏٺو تہ آيان کيس چيو :

”ڪجھ پي ڪري هنن جي ليول ۾ تہ اچڻ ڏي تڏهن تہ هنن جي ڳالھ سمجهي سگهنداسين“.

آيان پيپر گلاس ۾ پنهن جي لاءِ بيئر ورتو ۽ زوزانا لاءِ ڳاڙهو وائين ۽ هو نديءَ ڪناري اچي ويهڻ لڳا، پراگ جو بتيون ولتاوا جي پاڻي ۾ ترورا ڪري رهيون هيون.

هنن پوءِ بليڪ ميجڪ ٿئيٽر ڏٺو ۽ رات جو دير سان هاسٽل واپس وريا هيا. جتي فهد پنهنجي هٿ سان تاهيل مرغي ۽ ڊبل روٽي رکي، هنن جو انتظار ڪري رهيو هو.

زوزانا، جو ننڍي هوندي کان هڪ دوست هيو، جنهن سان هُن جو مڱڻو بہ ٿيل هو پر هوءَ جڏهن يونيورسٽي پهتي تہ سندس دوستي فهد سان ٿي، جيڪو کيس ڏاڍو سٺو لڳو پر هو ٻئي سٺا دوست رهيا ۽ زوزانا جي شادي پنهنجي دوست سان ٿي وئي. فهد سندن فيميلي فرينڊ رهيو.

ڏاڪڻيون چڙهي فهد ڊور بيل وڄائي ۽ در کلڻ سان سامهون زوزانا پنهن جي پوري حسن ۽ قرب سان آڏو بيٺي هئي. حيرانيءَ مان ٻنهي کي ڏٺائين کن پل لاءِ ڄڻ ساھ ڪٽڻ وسري ويو هجيس. سامت ۾ اچڻ کانپوءِ هن کين ڀاڪرن ۾ ڀري ڇڏيو. سندس گهر جي سجاوٽ هن جي آرٽسٽ هجڻ جو ثبوت هئي. هن گهڻيون ڳالهيون ڪيون، جنهن ۾ گهڻي قدر فهد جي ٻي رخيءَ جون شڪايتون هيون.

زوزانا، رهڻ لاءِ گهڻو زور پريو. پر جڏهن ڪيس ٻڌايو تہ پارٽي ۾ انڪان پوءِ جلدي واپس وڃڻو آهي. تڏهن بہ هن ضد ڪيو تہ واپسي ۾ ضرور واچن. هن آيان کي چيو:

”توکي ڏيکارڻ لاءِ هڪڙي جڳهہ آهي جتي تنهنجو وڃڻ ضروري آهي“.

”پوءِ تہ ڪوشش ضرور ڪبي، پر هڪڙو واعدو تون بہ ڪر“. آيان کيس چيو.

”ڪهڙو؟“.

”تہ اسان کي وقت تي واپس ورڻ ڏيندينءَ ۽ رات رهڻ لاءِ نہ چوندينءَ“.

زوزانا مرڪندي چيو: ”اصل مقصد تہ اهو هو پر جيئن توهانجي مرضي“.

واپسيءَ ۾ جڏهن هو زوزانا وٽ آيا هيا، هوءَ ۽ سندس مڙس کين ان ننڍي شهر جي پرسان هڪ ميوزيم ۾ وٺي ويا، جيڪا اوپن ميوزيم هئي ۽ ان ۾ هڪ پراڻي ڳوٺ کي محفوظ ڪيو ويو هو. اهي ئي گهر، ان گهر ۾ رهندڙ ماڻهو ۽ سندن پوشاڪون ۽ رهڻي ڪهڻي بلڪل پراڻي زماني جي. دڪان بہ اهڙا، ڪٿي سٽ پيو ڪتجي تہ ڪٿي اُن، تہ ڪٿي وري آڏاڻو پيو هلي. ڪٿي وري پوڙهيون عورتون آر ۽ پرت پري رهين هيون. آيان کي تمام گهڻو مزو آيو.

هن زوزانا کي داد ڏيندي چيو:

” واقعي بہ هي جڳهہ ڏسڻ جهڙي آهي، مون کي تہ ڏاڍو مزو آيو. پلا هي جيڪا پراڻي ثقافتي ورثي آهي، ان جو ڪو خاص نالو آهي؟“.

”ها، ان کي ”ڪروئي“ سڏيندا آهن“.

”چوڪريون تہ ان ۾ ڏاڍيون خوبصورت ٿيون لڳن“.

فهد وڏا وڏا ٽهڪ ڏنا تہ سڀني هن کي حيرت مان ڏٺو تہ ان ۾ ڪل جوڳي ڪهڙي ڳالهہ آهي. جنهن تي فهد چيو:

”آيان! هونئن تہ تون چوندو آهين تہ ڇوڪري، ڪپڙن کان بغير ئي سٺي لڳندي آهي توکي“.

آيان، جي منهن تي ڦڪي مرڪ ڦهلجي وئي ۽ هاڻي ٻيا سڀ کلڻ لڳا.

زوزانا پنھن جي ٺاھيل ھڪ تصوير آيان کي گفٽ ڪئي، جيڪا ھڪ گلاس پيينٽنگ ھئي، جنھن ۾ ڇوڪريءَ جي اندر جي ڪيفيتن جو اظھار ٿيل ھيو.

برٿ ڊي پارٽيءَ ۾ آيان جا ڪافي پراڻا دوست مليا. پارٽي ھاسٽل جي پرسان واري ٻيلي ۾ رکي وئي ھئي. وڏي مچ جي چوڌاري ويھي ميوزڪ سان گڏ دوستن سان ڪچھريون بہ ھلي رھيون ھيون ۽ سئو ليٽر واري بيئر جي ڊرم کي خالي بہ ڪري رھيا ھيا. ڪجھہ دوست موج ۾ اچي ڇوڪرين سان ڊانس بہ ڪري رھيا ھيا. جڏھن انيا بہ اتي آئي تہ آيان کي ۽ ھُن کي حيرت انگيز خوشي ٿي ڇو جو اھو ٻنھي لاءِ سرپرائيز ھيو. ھن آيان کي ٻڌايو تہ ھوءَ انڊيا وئي ھئي پر ھاڻي وري ھوءَ واپس چيڪ ريپبلڪ ۾ آئي آھي، ڪنھن فرم ۾ ڪم ڪري ٿي.

انيا سان آيان جي پھرين ملاقات تڏھن ٿي ھئي جڏھن ھوءَ ڪوشيتسي (Kosice) مان پنھنجو ٻوليءَ وارو اسڪول ختم ڪري براتيسلاوا(Bratislava) ۾ ڪيميڪل انجنيئرنگ پڙھڻ آئي ھئي. انيا وڏين اکين واري خوبصورت ۽ سلڇڻي ڇوڪري ھئي. آيان جي ھن سان گھڻي ھم آھنگي ھئي، ھن کي ڏيئرن جھڙو پيار ڏيندو ھيو. ھڪ پيري راکيءَ واري موقعي تي اداس ھئي، آيان ھن ڏانھن پنھن جي ٻانھن وڌائيندي چيو:

”مان تنهنجو پيءُ بہ آهيان تہ ياءُ بہ“.

ان رات آيان راڪيءَ سان گڏ گهر کي ياد ڪندي انيا جا سُڏڪا بہ ٻڌا هيا.

ڪوشيتسي ۾ پڙهڻ دوران ئي هن جو راجستان جي مهيندر سان پيار ٿي ويو هيو. مهيندر بہ سلجهيل ڇوڪرو هيو. هو دوستن سان محبت ڪرڻ وارو ۽ پنهن جي پڙهائيءَ سان ڪافي سنجيده هيو. هن هڪ ڀيري ڪچهريءَ دوران آيان کي چيو هيو:

”اسان وچولي طبقي جا آهيون، انڪري اسان جي لاءِ تعليم ضروري آهي ۽ اها بہ انڪري وٺون ٿا جو اسان کي نوڪري ملي“.

”ها، گهڻو ڪري ماڻهو ان ڪري پڙهن ٿا“. آيان کيس چيو.

”منهنجي دل ۾ ڪڏهن هڪ عجيب خوف پيدا ٿيندو آهي تہ مان شايد تعليم پوري نہ ڪري سگهان“.

”نہ نہ اهڙي ڪا بہ ڳالھ ناهي، تون محنت ڪرين ٿو ۽ تنهنجا گريڊ بہ سٺا آهن“ آيان سندس همت وڌائيندي چيو.

”پر الائي ڇو هڪ خوف آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن سبب ڪري مان ڊگري نہ وٺي سگهيس، تہ وري واپس وڃي ڪڏهن بہ راجستان جي ريت تي ويهي راڳ نہ ٻڌندس. دنيا جي ڪنهن ڪنڊ ۾ پاڻ کي گم ڪري ڇڏيندس“.

ٻين شاگردن جيان انيا بہ ڪڏهن ڪڏهن پارٽ ٽائيم جاب ڪندي هئي. انهن ڏينهن ۾ هوءَ هڪ انڊين واپاريءَ وٽ ڪم ڪندي هئي. اهو پارتي واپاري اتي پڙهندڙ ٻين هندوستاني شاگردن سان بہ اٿندو ويهندو هو. ان ڪري مهيندر بہ هن وٽ ايندو ويندو هو.

هڪ ڏينهن خبر پئي تہ ان واپاريءَ کي ڪو چاقو هڻي، مرڊيننگ ڪري ويو آهي. جلدئي خبر پئي تہ هنن اهو الزام مهيندر تي هنيو آهي ۽ پوليس وٽ بہ رپورٽ ڪرائي هئي.

پر آيان ۽ هُن جي ٻين دوستن کي يقين نہ پئي آيو. ڇو جو مهيندر ڪڏهن بہ جذباتي نہ ٿيندو هو. هو تہ هر وقت مسڪرائيندو رهندو هو.

اها خبر بہ پئي تہ پوليس مهيندر کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڇاپا هڻڻ لڳي هئي، جنهن ڪري هن هاسٽل تي رهڻ ڇڏي ڏنو ۽ روپوش ٿي ويو. پر ان هوندي بہ هو ڪڏهن ڪڏهن هاسٽل تي انيا کي فون ڪندو هو.

ان دوران هن آيان کي بہ فون ڪئي ۽ پنهنجو ڏوهہ مڃيندي کيس ٻڌايو:

”ها مون اهو قدم کنيو آهي، پر پوليس کي هٿ ڏيڻ کان اڳ توهان سان ملڻ چاهيان ٿو. مون انيا کي بہ چيو آهي، پر خبر ناهي هوءَ ڪنهن جي چوڻ تي ٿي هلي. هن جو اهو چوڻ آهي تہ آءَ پهريائين پوليس کي هٿ ڏيان، پوءِ اتي اچي ملاقات ڪندي. توهان کيس سمجهايو“.

”ها. مان کيس سمجهايان ٿو جتي بہ تون چوندين اتي ايندا سين“.

”ٺيڪ آهي آيان جي! آءٌ ڪو مناسب شهر يا ڳوٺ ڏسي، پوءِ فون ڪري ڏينهن ۽ وقت ٻڌائيندس“.

”ٺيڪ آهي، فڪر نہ ڪر“.

”مهرباني“.

جيستائين مهيندر جي ٻي فون اچي تہ ان وچ ۾ خبر هُلي تہ مهيندر ريل هيٺان اچي پنهنجو انت آڻي ڇڏيو آهي. ان خبر جي صداقت لاءِ هُن جا دوست ڪوشش ڪندا رهيا ۽ ان وچ ۾ پوليس جي بہ فون آئي تہ هو انيا کي لاش ڏيکاري تصديق / شناخت ڪرڻ چاهي ٿي. انيا کي مهيندر جي وفات جي خبر ٻڌائڻ جي ڊيوٽي آيان تي رکي وئي. آيان انيا کي ساڻ وٺي کيس هاسٽل جي پرسان واري ٻيلي ۾ گهمائڻ وٺي ويو. هِتان هُتان جون خبرون چارون ڪرڻ کانپوءِ آيان انيا کي چيو:

” هڪ خبر آهي“.

انيا هڪدم ڇرڪ ڀري چيو:

”مهيندر ڏي تہ خير آهي نہ؟“.

”نہ ساڻس هڪ حادثو پيش آيو آهي“.

”جيئرو تہ آهي؟“.

آيان جي ذهن ۾ هڪدم ”ها“ ۽ ”نہ“ جا ڪيئي بم ڪريا. آيان جڏهن ڏٺو تہ هاڻي ”ها“ بہ ”نہ“ بڻجي ويندي. هُن ڪيس بغير جواب ڏيڻ جي ڀاڪر پاتو ۽ ٻئي اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳا.

گهڻي وقت کان پوءِ انيا چيو :

”آءُ سندس منهن ڏسڻ چاهيان ٿي ۽ اوهان بہ مون سان هلندئو“.

آيان ڪيس ها ڪئي. هو ٻئي بي مقصد رستن تي رلندا رهيا. هاسٽل تي پهتا تہ پوليس جو نياپو آيل هيو تہ انيا اچي لاش جي سڃاڻپ ڪري. هو ٻئي رات جو ٽرين ذريعي ڪوشيتسي لاءِ روانا ٿيا.

اتي پهتا تہ مهيندر جي بنگالي دوست، آيان کي پاسي تي وٺي وڃي چيو:

“انيا کي لاش نہ ڏيکاريو وڃي تہ بهتر..... ڇو جو ڏاڍي بُري حالت ۾ آهي. اسان دوستن جي ئي حالت خراب ٿي وئي هئي“.

آيان، انيا کي چيو تہ هو پاڻ وٽ مهيندر جو مرڪندڙ چهرو رکي تہ بهتر، جنهن بہ ان ڳالهہ کي مڃيو.

هو جڏهن پوليس اسٽيشن ويا تہ آفيسر انيا کي چيو:

”لاش جي سڃاڻپ تہ ٿي چڪي آهي، باقي جي اوهان لاش ڏسڻ چاهيو تہ اوهان جي مرضي“.

جنهن تي هُنن ٻنهي انڪار ڪيو.

پوليس مهيندر جي باري ۾ انيا کان معلومات ورتي. ان کان پوءِ پوليس انيا کي ٻہ هنديءَ ۾ لکيل خط ڏنا. پوليس ان جو ترجمو پاڻ وٽ رڪارڊ ۾ پئي رکڻ چاهيو. هڪ خط مهيندر پنهنجي ماءُ کي لکيو هيو ۽ ٻيو هن انيا لاءِ لکيو هو جيڪو هوءَ ترجمو ڪندي پڙهندي پئي وئي:

“...تون چوندي هئينءَ نہ تہ منهنجيون اکيون نہ چمندو ڪر ڇو جو اکيون چمڻ وارا پري هليا ويندا آهن. سو مان بہ توکان اڄ پري وڃي رهيو آهيان.

تون مجين يا نہ پر مان ان نڱ واپاريءَ کي ان ڪري ماريو جو هو پيئڻ کان پوءِ تنهنجي لاءِ گاريون ڪڍي رهيو هو. هن چيو تہ جيڪڏهن تون هن سان هڪ رات گذارين تہ هيءَ دنيا هن لاءِ سرڳ بڻجي ويندي. پهريائين تہ مون کيس گهٽو سمجهايو پر هو ويتر متي چڙهڻ لڳو ۽ منهنجو راجستاني خون بي قابو ٿي ويو ۽ ڪڇن مان ڇري ڪڍي کيس ماريو. افسوس ان ڳالھ جو آهي تہ هو ڪمينو بچي ويو.

...مان هي وڏو قدم ان ڪري کڻي رهيو آهيان جو هتان جي حڪومت مون کي سزا ڏيڻ کان پوءِ پڙهڻ ۽ ڊگري وٺڻ کان بغير گهر واپس موڪلي ڇڏيندي ۽ مان نٿو چاهيان تہ منهنجا ماءُ پيءُ اهو صدمو سهن. ڇاڪاڻ جو اهو صدمو ۽ طعنو سڄي عمر سندن جيئڻ حرام ڪري ڇڏيندو. پر منهنجو موت کين ڪجھ وقت روئاريندو ۽ پوءِ بس. ها مان توکي پنهنجي نالي جي ٻنڌڻ مان آزاد ڪيان ٿو. خوش گذارجانءِ ۽ مون کي وسارڻ جي ڪوشش ڪجانءِ..... پر توکي هڪ وينتي ٿو ڪيان تہ جنهن سان بہ دوستي رکين کيس پنهنجيون وڏيون وڏيون اکيون ڇمڻ نہ ڏجانءِ. ڇو جو اکين ڇمڻ وارا واقعي بہ پري هليا ويندا آهن ۽ ڏاڍو پري...“.

برنو مان آيان ۽ عائده جون فون تي ڳالهيون ٿينديون رهيون. عائده جي ڪيس اها ئي التجا تہ هو جلدي واپس زهرادڪي اچي. جڏهن آيان زهرادڪي پهتو تہ عائده ساٽس چنبڙي پئي ۽ نيٽن مان نير وهائيندي چيائين:

”الائي ڇو توکان بغير سڀ ڪجھ ٻسو ٻسو هيو. ويڪ اينڊ تي ڊسڪو بہ وياسين پر آءُ رڳو ميڻ بتيءَ جي لاٽ کي ڏسندي رهيس. حالانڪ سيني مون سان ڊانس ڪرڻ پئي چاهي پر منهنجي دل ايئن ڪرڻ لاءِ تيار نہ پئي ٿي“.

عائده ٽشوءَ سان نڪ صاف ڪندي ۽ ماٺو ڪندي چيو:

”پر توکي تہ منهنجي پرواھ ئي ناهي. I hate you“

ايئن چئي عائده پنهنجيون ڪڙيون مٺي ڪري، آيان کي ڪس ڪئي ۽ آيان جي مظبوط ٻانهن ۾ هنجو ڪومل بدن لڇڻ لڳو.

ان شام جو عائده گروپ جي سيني ميمبرن کي پنهنجي طرفان دعوت ڏني. اتان کان واپسيءَ ۾ عائده ڪمري بجاءِ ٻاهر اڱڻ ۾ ويهڻ پسند ڪيو. هو ٻئي ليپا جي وڻ هيٺيان وڪٽورين بينچ تي ويٺا. عائده، آيان جي هنج ۾ ڪنڌ رکي ليٽي پئي ۽ هن جا هٿ سندس وار سنواريندا رهيا. عائده چيو:

”تون منهنجي ضرورت بڻجي ويو آهين. ڪنهن بہ شخص سان ايترو جلدي ويجهو نہ ٿيندي آهيان. مون ڪڏهن سوچيو بہ نہ هيو تہ آءُ ايئن محسوس ڪنديس“.

عائده پڙڪندي رهي:

“Honey I love you, Baby I love You”

عائده وري ليٽيندي چيو:

“آءُ هتي اچڻ کان اڳ، ڏاڍي اداس هيس. مان تہ هتي اچڻ بہ نہ پئي چاهيو. منهنجو دوست مون کي ڏوڪو ڏئي ڏار ٿي ويو هو. پر امان بابا مون کي زوريءَ موڪليو تہ جيئن منهنجي دل وندري پئي. پر تون مون کي هتي نئين زندگي ڏني آهي“.

آيان، کيس ڳراٽڙي پاتي. عائده ٿورو چڙندي چيو:

”تون چو نہ ٿو ڳالهائين؟ سدائين آءُ ڳالهائيندي رهندي آهيان؟ تون بہ ڪجهہ ٻڌاءِ“.

”مان توکي محسوس ڪري رهيو آهيان“.

”پر، تڏهن بہ ڪجهہ تہ پنهن جي باري ۾ ٻڌاءِ“.

آيان هُن کي چيو:

”جيڪو تون پڇين اهو ٻڌايانءِ“.

عائده پنهنجي منهن تي مُرڪ آڻيندي چيو:

”چڱو تون مون کي پنهنجي هتان رهڻ واري زندگيءَ جي باري ۾ ٻڌاءِ. اهو ٻڌاءِ تہ توکي هتي سڀ کان گهڻي ڪهڙي شي وڻندي هئي؟“

”سچ پڇين تہ سڀ کان گهڻو هتان جون ڇوڪريون ۽ بيئر وڻندو آهي“.

عائده آيان جي نڪ کي پڪڙيندي چيو:

”مون کي تو مان اها ئي اميد هئي، تو مان ڪا ٻي اميد رکڻ ئي اجائي آهي. هاڻي بہ تہ دوڙا ڦاڙي هنن کي ڏسندو آهين“.

”نہ يار! تنهن جي هوندي نظر پري وڃي ئي نہ ٿي“.

”چڱو ٻڌاءِ تہ ڪهڙي ڇوڪري توکي گهڻو وڻندي هئي؟“.

”هتي منهنجي زندگيءَ ۾ ڪوڙ ڇوڪريون آيون ۽ هر ڪنهن جي پنهنجي خوشبو هئي“.

”اهڙي ڪا جيڪا توکي حاصل نہ ٿي هجي“.

”ها“.

آيان جو ذهن ماضيءَ ڏانهن موٽي ويو.

”هوءَ اسان جي هاسٽل ۾ رهندي هئي. سندس بيضوي چهرو، سنهو نڪ، گلاب جي پتين جهڙا چپ، سونهري ڊگها ۽ گهنڊيدار وڏا وار. جيڪي سدائين هن جي چيلهه تي جهومندا رهندا هيا ۽ وڏيون خوبصورت پر اداس اکيون. هن جي سونهن ۽ سوپيا ڏسي جڻ لوڪ ڪهاڻين جي ڪا شهزادي تصور ۾ ايندي هئي ۽ هن جي اداس اکين ڪري مون کي لڳندو هيو ته هوءَ ڪا شهزادي آهي، جنهن کي ڪنهن ديو وٽ قيد ڪيو ويو هجي. هن کي ڏسندو ئي رهندو هيس. هن جي آڏو مان گونگو ٿي ويندو هيس ۽ ڪڏهن به اظهار ڪري نه سگهيس. اظهار ته پوءِ جي ڳالهه آهي، کيس ڪافيءَ جي دعوت به نه ڏئي سگهيس. هوءَ جڏهن به لنگهندي هئي مون ڏي ڏسي مرڪندي ويندي هئي“.

”اهڙو لڄارو لڳين ته نه ٿو؟“.

عائده وچ ۾ ٽوڪيندي چيو پر آيان پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو:

”صرف هڪ ڀيرو هن سان ڳالهائڻ جو موقعو مليو. لاطيني آمريڪا جي شاگردن طرفان شام ملهائي وئي هئي اتي. هت اهو رواج آهي ته دنيا جي مختلف ملڪن جي شاگردن جون تنظيمون پنهنجا ڏهاڙا ملهائينديون آهن. ان شام ۾ هوءَ ڪاري بلائوز ۽ ڪاري اسڪرٽ ۾ آئي هئي. سندس سونهري وار ڪاري بيڪ گرائونڊ ۾ وڌيڪ سهڻا لڳي رهيا هيا. مون سميت هوءَ گهڻن نگاهن جو مرڪز هئي. جڏهن سلو ڊانس جو وارو آيو ته مون پنهنجي پوري همت سان کيس ڊانس ڪرڻ لاءِ هٿ اڳيان وڌايو. هوءَ مرڪي هڪ شاهاڻي انداز سان اٿي، مون سان گڏ ڊانس ڪرڻ لڳي. جيئن توکي خبر آهي ته سلو ڊانس ۾ ماڻهو سرڀاٽين ۾ ڳالهه ڪري سگهي ٿو. مون سندس حسن جي تعريف ڪندي کيس ٻڌايو ته مان هن کي ڪيترو چاهيان ٿو. هوءَ مرڪي ۽ وراڻيائين ته هُن منهنجين اکين مان پنهنجي لاءِ پسنديدگي پرکي ورتي هئي. هن اهو به ٻڌايو ته هن جي ايندڙ مهيني شادي ٿيڻ

واري آهي. اها هڪڙي ڇوڪري هئي جنهن سان چاهيندي بہ محبت جو اظهار نہ ڪري سگهيس ۽ حاصل نہ ڪري سگهيس“.

”ڇڱو ٿيو توکي بہ تہ خبر پئي تہ ڪنهن جي پيار ۾ تڙپڻ ڪيڏو نہ اذيتناڪ آهي!“.

آيان مُرڪي عائده ڏانهن ڏٺو. جيڪا اڃان تائين سواليہ نظرن سان ڏسي رهي هئي.

”هڪ ٻي ڇوڪري هوندي هئي، نہ ايئن چئجي ڇوڪري نہ پر عورت هوندي هئي.هتي يا ائين چئجي تہ دنيا ۾ اها مصيبت آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن عورت پنهنجي جوانيءَ واري عمر ۾ شادي نہ ڪئي، ان جو سبب ڪٽي ڪهڙو بہ هجي، تہ پوءِ هوءَ اڪيلي رهجي وڃي ٿي. مرد ڪي پوءِ بہ ٿورا گهڻا موقعا ملندا. اها سائيڪاٽرسٽ بہ يونيورسٽيءَ واري زماني ۾ پنهنجي ڪيريئر ٺاهڻ جي چڪر ۾ گم هئي. پوءِ وري ڪانئس اهي موقعا گم ٿي ويا. هوءَ ملي بہ اتفاق سان هئي. اصل ۾ ٻوليءَ واري اسڪول جي پرسان هڪ گهر هوندو هو. هڪ ڏينهن جڏهن مان اتان ٻاهر نڪتس تہ پنجيتاليهہ، پنجاهہ جي وچ واري عمر جو هڪ سلوواڪ مليو. سندس ملڻ جلڻ ڏاڍو سيبائتو هو. ان ڪيس چيو تہ مان سندس مدد ڪيان. مون ڪانئس پڇيو ڪهڙي مدد تہ هن تفصيل سان ٻڌايو تہ ڪنهن دوست ڪيس ٻاهرين ملڪ مان پيسا موڪلڻ جو چيو آهي، جو ڪيس رنگين ٿي وي وٺڻي آهي پر هو ٻاهرين ڪرنسي وارو اڪائونٽ کولي نہ ٿو سگهي، جي مان سندس مدد ڪيان تہ هو منهنجي اڪائونٽ ۾ پيسا گهرائي. مون بہ ڪيس ها ڪئي. ڪجهہ ڏينهن ۾ هن جا پيسا آيا، جيڪي مون ڪيس بينڪ مان ڪڍائي ڏنا. ان ڪان پوءِ وري هو مونکي پنهنجي گهر ماني کائڻ جي دعوت ڏيڻ آيو مون گهڻو لنوايو پر هن جي زور ڀرڻ تي مون پنهنجو راضپو ڏيکاريو. ان مانيءَ واري دعوت ۾ سندس گهر واري، ننڍي ڌيءُ جنهن پيانو تي خوبصورت ڌنون ٻڌايون هيون ۽ اها سائڪاٽرسٽ ملي هئي. جيڪا سندس گهر واريءَ جي سهيلي هئي. ان ڪان پوءِ منهنجو ملڻ جلڻ هن سان شروع ٿي ويو. هوءَ سني سائڪاٽرسٽ هئي. سڄو ڏينهن مريضن کي خوش گذارڻ

جا پاڻ ڏئي، رات جو منهن جي سيني جي وارن سان کيڏندي، پنهنجي تنهائي ۽ زندگيءَ جي بي مقصد هجڻ تي روئيندي هئي.

مان توکي صرف انهن ڇوڪرين جي باري ۾ ٻڌايان ٿو جن سان غير رواجي راهہ هئي. هڪڙي تانيا ڏاڍي سني، سهڻي ۽ ذهين ڇوڪري هئي، هوءَ ميوزڪ جي اسٽوڊنٽ هئي. هن جي ڪنسرٽ ۾ جڏهن ويندو هيس تہ هوءَ مون ڏانهن تڪيندي بانسريءَ تي سُر ڇيڙيندي هئي. اسين راتين جون راتيون ٽيبل ٽينس کيڏندا هياسين، ڪنسرٽس تي ويندا هياسين. مون کي مغربي موسيقيءَ جي باري ۾ جاڻ هُن ڏني تہ اوپيرا ڳائڻ واري جي خاص ڳالهہ ڪهڙي آهي؟، موزارٽ ۽ بيٿوين جي موسيقيءَ ۾ بنيادي فرق ڪهڙو آهي؟.

شاگرد هجڻ ڪري هن وٽ پئسا گهٽ هوندا هيا، هڪڙي پيري منهنجي برٿ ڊي تي هوءَ لڪي لڪي ٽيندي مون وٽ آئي ۽ مبارڪ ڏيندي وراڻيائين تہ ڪيس گفٽ جي لاءِ پئسا ڪونہ هيا ۽ هن منهنجي هٿ ۾ گفٽ پيپر ۾ ويڙهيل هڪ نارنگي گفٽ ۾ ڏني. مون کي هن جي سادگيءَ تي ڏاڍو پيار آيو. هوءَ مون کي ڏاڍو پيار ڏيندي هئي. هن جي خواهش مون سان شادي ڪرڻ جي هئي جيڪا مون نہ پئي ڪرڻ چاهي تنهن ڪري مون کان ڏار ٿي وئي".

"شادي نہ ڪرڻ جو سبب؟".

"هڪ تہ عمر ۾ مون کان ننڍي هئي، تو کان بہ ننڍي، ٻيو تہ مان شادي ڪري يورپ ۾ رهڻ نہ پئي چاهيو ۽ هن کي پاڻ وٽ وني وڃي ڊسٽرب نہ پئي ڪرڻ چاهيو. بهر حال هڪ پيري مان ڏاڍو ڊسٽرب ٿيو هيس، اسان جي فيڪلٽيءَ جي پروفيسر پنهنجي خاتي، ("خاتو"، سلوڪ ۾ ان ڪاٽيج کي سڏيندا آهن، جيڪو هنن جي ٻهراڙيءَ واري باغ ۾ هوندو آهي). ۾ اسان جي دعوت ڪئي، مون سان گڏ منهنجو پروفيسر ۽ ٻيا ڪجهہ پي ايڇ ڊي جا شاگر د بہ هيا. اسان جڏهن ڪائي پي موجن ۾ آياسين تہ پروفيسر جو پٽ بہ اتي پنهنجي فيمليءَ سان آيو ۽ منهنجي آڏو تانيا آئي، هن پروفيسر جي پٽ سان شادي ڪئي هئي، اها رات اتي رهڻ منهنجي لاءِ عذاب واري هئي، هن جي اکين ۾ ڏاڍا ڏوراپا هيا".

عائده خاموشيءَ سان آيان کي ٻڌندي رهي، ٿوري جهٽ کان پوءِ هُن وري پڇيو :

”هاڻي ايتري عرصي گذرڻ کان پوءِ تون چا ٿو سمجهين تو غلط فيصلو ته نه ڪيو، توکي هن سان شادي ڪري وٺي وڃڻ کپي ها؟!“.

”نه مان اڄ تائين سمجهان ٿو يوروپيين جو اتي رهڻ ڏکيو آهي“.

عائده مرڪندي چيو:

”ان جو مطلب آهي ته مان به اميد نه رکان“.

آيان ڪيس ڏٺو ۽ عائده وڏا ٽهڪ ڏيندي چيو:

”پريشان نه ٿي، مون ته مذاق پئي ڪئي“.

آيان پنهنجين ڳالهين کي اتي روڪي ڇڏيو.

زهرادڪيءَ ۾ گروپ ڪي آخري ڊنر ڏني وئي، باقي فائينل ليڪچر ۽ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ واري تقريب لاءِ ڪين پراگ وڃڻو هيو. ڊنر جي موقعي تي چيڪ فوڪ ميوزڪ جي ٽولي ڪي ٻہ گهرايو ويو هيو. آيان جيئن ئي هال ۾ داخل ٿيو تہ مختلف ٽيبلن تان دوست ڪيس سڏڻ لڳا. هو سيني ڪي هٿ لوڏيندو عائده جي آڏو پهتو. هُن سان مرڪي پنهنجو هٿ ملائي، سندس هٿ ڪي ڪِس ڪري اکين تي رکيو.

هال ۾ شينڊلر (Chandler) روشن هيو ۽ ٽيبلن تي ميڻ بتيون ٻريل هيون.

گروپ پولڪا وڄائي رهيو هيو. آيان، آمريڪن پروفيسر جي گهر واريءَ کي ڊانس جي دعوت ڏني، هنن ٻنهي جي ڊانس ختم ٿيڻ تي سيني تاڙيون وڄائي ڪين داد ڏنو. جڏهن سلو ميوزڪ جو وارو آيو تہ رومانيا جي ديلا آيان وٽ آئي، هو ٻئي ڊانس ڪرڻ لڳا. هن پنهنجو ڪنڌ آيان جي ڪلهي تي رکيو ۽ عائده پنهنجي ڪرسيءَ تي ڪاوڙ مان ڪتون ڪائيندي رهي. عائده، زدراوڪو سان ڊانس ڪرڻ لڳي ۽ هنن جي پرسان پهچي عائده، زدراوڪو جو هٿ ديلا جي هٿ ۾ ڏنو ۽ پاڻَ آيان سان ڊانس ڪرڻ لڳي. هن جو گرم ساهہ آيان جي سيني جي وارن کي آلو ڪندو رهيو.

ان کان پوءِ شاگردن طرفان آيان کي پروفيسرس جو ٿورو مڃڻ جو چيو ويو. آرگنائيزرس ۽ ڪجهہ چوڪرين سيني ڪلاس فيلوز جا ٽائٽل رکيا، جيڪي هنن اتي ٻڌايا. هنن آيان جو ٽائيٽل هلاريس (Hillarious) يعني ”وڏن ٽهڪن ڏيڻ وارو“ رکيو هيو.

آرڪسٽرا تانگو (Tango) وڄائڻ شروع ڪيو. ان ڊانس ۾ عورت ۽ مرد پاڻ ۾ هٿ ملائي هڪ ٻانهن ڪي سڌو رکندا آهن ۽ ٻيو هٿ چيلھ ۾ وجھندا آهن. ڊانس ۾ ڪافي جرڪ ايندا آهن. ٽي قدم سڌا ڪٽي پوءِ عورت کي ڦيري ڪارائي ان جي ٻنهي ٽنگن ۾ مرد پنهن جي ڄنگھ وجھي، چيلھ جي هيٺيان هٿ ڏئي هن کي ليٽائي وري هڪ جھٽڪي سان ڊانس شروع ڪندا آهن. عائده آيان سان اها ڊانس ڪرڻ چاهي، هُن ڪيس ٻڌايو ٻه هُن کي اها ڊانس نه ايندي آهي پر هوءَ اسرار ڪندي رهي. آيان جي ڊانس تي سڀ ڪلي ڪلي ڪيرا ٿي پيا ۽ پوءِ سڀني ڇوڪرين اها ڊانس ساڻس ڪرڻ چاهي ڇو جو ان عمل کي ٻه هو سندس مذاق جو حصو سمجھڻ لڳا هيا. ٽيبل تي ويهڻ کانپوءِ آيان، عائده کي چيو :

”اها ڊانس ڏاڍي ٽيڪنيڪل آهي، توکي ٻڌايم ته مون کي نه ايندي آهي“.

”مون سمجھو ته ٿوري گھٽي ته ايندي هوندءِ“.

”باقي آهي، ڪم واري ڊانس“ آيان مرڪندي ڪيس چيو:

”ها، ان جا گھڻا قسم آهن. پر اڄڪلھ جيڪو هلي ٿو ان ۾ پارٽنرس جون ڇاتيون مليل ٿين ٿيون ۽ اها Lead and Follow واري اصول تي هلي ٿي. اصل ته ليٽن امريڪا جي آهي پر پوءِ يورپ ۾ به آئي. شروع ۾ ان کي شرفاء جي ڊانس نه سمجھيو ويندو هو“.

”سچ ۾ به ايتري ويجھڙائي ۽ جيڪي ايڪٽ ۽ جرڪس اچن ٿا، اهي ته ڏاڍا ڪم وارا آهن“. آيان اک ڇڪيندي، عائده کي چيو.

عائده کلندي ڪيس چيو:

”انڪري ته توسان اها ڊانس پئي ڪرڻ چاهيم“.

”جي، پر اڄي ها ته ٻه ٽي راڪونڊ ضرور ڊانس ڪيون ها، ڊانس جي ڊانس، مزي جو مزو“.

عائده ٺهڪ ڏيندي ڪيس چيو:

”اڄان لاطيني امريڪا واري لمبادا ڊانس نه ڪئي اٿي“.

”ها، هڪ پيرو ڪئي هئي. ارجنٽينا جي هڪ سهڻي ڇوڪري اسان جي ٻوليءَ واري اسڪول ۾ هوندي هئي. اتي ڪا پارٽي ٿي، تہ سڀ ڊانس ڪرڻ لڳا. مان نئون نئون آيو هيس، مون کي ڪا بہ ڊانس نہ ايندي هئي، باقي هٿ ڪٽي پنهنجي ملڪ جي ڊانس ايندي هئي. جنهن ۾ ڪا گهڻي مهارت نہ هئي. اسان وٽ ناچ تہ گروپ ۾ هوندي بہ اڪيلو اڪيلو ٿيندي آهي. هتي تہ سڀ ناچ جوڙي جوڙي جي شڪل ۾ آهن. سو مان ان پارٽيءَ ۾ خاموش ويهي ٻين کي نچندي ڏسي رهيو هيس تہ اها ڇوڪري مون وٽ آئي. نچڻ لاءِ دعوت ڏنائين. مون کيس ٻڌايو بہ تہ مون کي نچڻ نہ ايندو آهي. جنهن تي هن چيو تہ هوءَ مون کي سيکاريندي، ايتري ۾ ميوزڪ بہ تبديل ٿي وئي. هوءَ مونکي ڊانسنگ فلور تي وٺي آئي ۽ ٻڌايائين تہ ان ميوزڪ تي لمبادا ڊانس ٿيندي. پوءِ هن مونکي ويجهو ڪري، نهائين نهائينءَ سان ملائي. پولهہ لوڏڻ شروع ڪئي ۽ آهستي آهستي پيرن کي چوريندي بہ رهي. منهنجي تہ حالت خراب ٿي وئي“.

عائده زور زور سان کلندي رهي. آيان چيو:

”مون کي والز وڌيڪ وڻندي آهي، رومينٽڪ بہ آهي تہ شانائتي بہ“.

صبح جو ڇئين وڳي محفل پوري ٿي. هو ٻئي واپس ڪمري تي آيا. پراگ جي لاءِ بس منجهند جو هئي. عائده چيو تہ اڄ آخري رات سمهي نہ گذاربي ۽ هنن هڪ ٻئي کي سمهڻ ئي نہ ڏنو. صبح جو سج نڪرڻ سان ئي هو ٻئي سائيڪلون کڻي ڍنڍ تي هليا ويا.

عائده چيو:

”خبر ٿي مان هتي ڇو پئي اچڻ چاهيو؟“.

”ان لاءِ جو هن کان وڌيڪ رومينٽڪ جڳهہ هتي ٻي ڪا ناهي“. آيان چيو:

”ها ايئن بہ آهي، پر تو کي ياد آهي تہ جڏهن اسان جي رسڻ کان پوءِ وري دوستي ٿي هئي تہ هتي آيا هياسين ۽ منهنجي دل ۾ تنهنجي لاءِ پيار پيدا ٿي پيو هيو. اڄ جڏهن هتان هلون ٿا ۽ ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ هن ملڪ مان بہ هليا

ويندا سين، تہ مان چاهيان پئي تہ هن منظر ۾ هن ماڳ کي پنهنجي من اندر ۾ محفوظ ڪري ڇڏيان“.

عائده ڪڙيون ڪٽي آيان کي پيار ڪيو ۽ صبح جي ٿڏڙي هير هنن ٻنهي جي بدنن کي ڇهندي، پاڻي تي لهرون پيدا ڪندي رهي. عائده جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا هيا.

پراگ ۾ ھنن کي ھاسٽل ڏني وئي. آيان ۽ عائده جو ڪمرو ھڪبئي سان گڏ ھيو. آيان اڪيلو ڪمرو ورتو ھيو ۽ عائده جي پارٽنر پوليند جي جوانا ھئي. ان شام جو ۽ باقي ڏينھن ھنن ٻنھي پراگ جي رومينٽڪ شھر ۾ گھمندي گذاريا.

پراڻي شھر جي ھڪ سوڙھي گھٽيءَ جي فرشبندي ٿيل رستي تي گھمندي جڏھن عائده ۽ آيان ھڪ ڪاٺ جي خوبصورت دروازي جي اُڪر (Carving) کي ساراھي رھيا ھيا. ھنن ٻنھي جي چڙ عادت ٿي پئي ھئي تہ ڪو خوبصورت منظر ھجي يا ڪا خوبصورت جڳھہ يا ڪو ماڻ، ھو ھڪبئي کي ڪس ڪندا ھيا. چو جو عائده چيو ھيو تہ ان نموني انھن منظرن کي ياد رکڻ لاءِ انھن لمحن کي امر ڪري رھيا ھيا. ھو ٻئي اتي جڏھن ھڪبئي کي چھٽيا پيا ھيا تہ زھرادڪيءَ ۾ ليڪچر ڏيندڙ امريڪن پروفيسر، پنھنجي زال سان گڏ اتان گذريو ۽ ان پيار واري حالت ۾ ھنن ٻنھي کي ڏسي حيران ٿيو. پوءِ ان جوڙي کين پرسان واري Vinaren ۾ وائين پيئڻ جي دعوت ڏني. اھا بار بہ ھڪ پراڻي بلڊنگ ۾ ٺھيل ھئي. اندر جي ڊيڪوريشن ڏاڍي خوبصورت ھئي. ھو سڀ ھڪ ڪنڊ واري ٽيبل تي ويٺا، پروفيسر وائين جي بوتل جو آرڊر ڏنو. جڏھن بيرو وائين جي بوتل کڻي آيو ۽ رسم مطابق ھڪ جام ۾ ٿورو وائين وجھي ٽيسٽ ڪرڻ لاءِ پروفيسر کي ڏنو تہ ھن انڪار ڪندي آيان کي ڏنو ۽ چيو :

”توھان اسان جا مھمان آھيو، توھان پسند ڪيو“.

آيان عائده کي ڏنو جنھن ڍڪ ڀري پنھنجي وات ۾ ٿورو گھمايو ۽ ڪنڌ لوڏي پنھنجي پسنديدگيءَ جو اظھار ڪيو. پروفيسر ان وائين جو آرڊر ڏنو. عائده، باقي بچيل وائين جو ڍڪ آيان کي ڏنو تہ پروفيسر مرڪي پيو ۽ چيائين:

“ It must be sweet ”
“Yes sir, more than sweet”

سڀ مرڪي پيا هيا. پروفيسر چيو:

”اوهان کي گڏ ڏسي حيرت سان گڏ خوشي بہ ٿي“.

هن وري ڳالهہ جاري رکندي چيو :

”ايترن ڏينهن ۾ اوهان اهڙو ڪو بہ اشارو clue نہ ڏنو جنهن مان خبر پئي تہ اوهان جي وچ ۾ اهڙو رشتو آهي“.

هو ٻئي مرڪندا رهيا. پروفيسر جي گهر واريءَ چيو:

”پر ان ڏينهن توهان کي پارٽيءَ ۾ ڊانس ڪندي ۽ توهان ٻنهي جو مذاق ڪرڻ ۽ ٻين کي اڪموڊيٽ ڪرڻ ۽ عزت ڏيڻ واري رويي کي ڏسي، مون وليم (پروفيسر) کي چيو هيو تہ ڪيڏو نہ سٺو جوڙو آهي ۽ اج توهان کي ڏسي خوشي ٿي“.

عائده ۽ آيان سندن مهرباني مڃي. پروفيسرڪين ٻڌايو تہ هنن کي بہ ان ڪورس ۾ اچڻ جو ڏاڍو مزو آيو. پراگ جي خوبصورتيءَ جي بہ تعريف ڪري رهيا هيا.

اتي ڪجهہ دير ترسڻ کان پوءِ هنن کائن موڪلايو تہ پروفيسر ڪين ڊنر ڪرڻ لاءِ چيو. پر هنن سندن مهرباني مڃيندي اجازت ورتي. پروفيسر ۽ سندس گهرواري اتي ئي ويٺا رهيا.

آيان ۽ عائده، هنن کان موڪلائي ، هڪٻئي جي ساهن جي سرهاڻ وٺندا ولتاوا تي ٺهيل چارلس برج تي آيا. هو چارلس برج تي ٺهيل هر هڪ بت جي آرٽ ۽ تاريخ مان محظوظ ٿيندا اڳتي وڌندا ويا. هڪ هنڌ يونيورسٽيءَ جا شاگرد ۽ شاگردياڻيون اسٽريٽ ڊرامو ڪري رهيا هيا، جيڪو انسان جي اڪيلائي ۽ ڪيفيتن کي ظاهر ڪري رهيوهو. جيڪو تحفو انسان کي، اج جي دور جي تيزيءَ ۽ حالتن ڏنو آهي. سيني پنهنجو ڪردار ڏاڍو سهڻي نموني ادا ڪيو هو. اڳتي هلي هو سينٽ جان آف نيپومڪ جي مجسمي جي آڏو بيٺا. هنن کي ڪجهہ دير انتظار ڪرڻو پيو. ان مجسمي تي سدائين رش هوندي هئي. ڇو جو مجسمي جي پير ۾

پٿرن مان ٺهيل پل جي ڪٺهڙي تي هڪ نشان ٺهيل آهي جنهن تي ستارا ٺهيل آهن ۽ مشهور آهي تہ جيڪو بہ ان نشان تي هٿ رکي دعا گهرندو تہ اها اگهامبي. سينٽ جان آف نيپومڪ کي ان وقت جي بادشاهہ ان هنڌ سزا طور ولتاوا نديءَ ۾ اڇلائي مارايو هو. ڪي چون ٿا تہ هن جي گهر واري پادريءَ کي چاهيندي هئي تہ ڪي وري چون ٿا تہ اهو بادشاهہ ڪٽر مذهبي خيالن جو نہ هو. تنهنڪري هن جي چوڻ تي خصوصي عبادت ڪرائڻ کان انڪار ڪيو هو. ٻيو بادشاهہ اهو بہ چاهيو پئي تہ سندس راڻي، پادريءَ وٽ جيڪا ڪنفيشن(عيسائي پادريءَ کي پنهنجا ڏوهہ ٻڌائيندا آهن) ڪئي هئي اها بہ هن کي ٻڌائي، پر پادريءَ کيس ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو هو. جنهن تي ڪاوڙجي هن کو ڪوڙو الزام هڻي سزا ڏياري ، پادريءَ کي ٻڌي ان هنڌ تان ولتاوا نديءَ ۾ اڇلرايو هو.

هاڻي اتي ماڻهو خاص طور تي نوان جوڙا پنهنجو هٿ ان هنڌ تي رکي دعا گهرندا آهن. عائده ۽ هن بہ اتي هٿ رکي دعا گهري.

هو ٻئي ڇڻا پوءِ پراڻي پل تي آيا. آيان، عائده کي پل جي پاسي ۾ وٺي ويو. جتي وڻن جا جهڳٽا هيا ۽ پل جي سڪل درن هيٺيان وڃڻ لڳا تہ عائده پڇيو:

”ڪيڏانهن ٿا هلون؟“.

آيان کيس چيو:

”اڄ تہ توکي هڪ نئين دنيا گهمايان“.

ٿورو اڳتي هليا تہ پوري يورپ مان آيل نوجوانن جا ٽولا نظر آيا ۽ خاص ڪري اهي جيڪي بوهيمين اسٽائيل ۾ زندگي گذاريندا آهن. ڪي هپي اسٽائيل ،تہ ڪي وري پنڪ، ڪي آرٽسٽ، هرڪو پنهنجي دنيا ۾ مگن. هنن بہ هڪ اسٽال تان بيئر جا گلاس ورتا ۽ مختلف هنڌن تي ٽولن جي صورت ۾ ويٺل جوانن ۽ جوانڙين جا گٽار تي گيت ٻڌندا اڳتي ويا. تہ هڪ وڏو پڌر آيو جتي اسٽيج لڳل هئي ۽ اهو ئي ٿئيٽر ڏسڻ لاءِ آيان هُن کي وٺي آيو. اهو بليڪ ٿئيٽر هو جيڪو چيڪ جي مشهور ٿيئٽرس مان آهي. هن ٿئيٽر ۾ اداڪارن کي لائيٽ جي ذريعي ڏيکاريو ويندو آهي. گهڻيون شيون ان نموني ڏيکاريون ويندين آهين تہ لائيٽ

پويان آهي ۽ سنهي پردي جي پويان اداڪاري ڪندا آهن ۽ انهن جو عڪس ان پردي تي پوندو آهي. ان ڪان علاوه، هنن جي جسمن تي اهڙي قسم جا رنگ لڳل هيا جيڪي لائيٽ رفليڪٽ ڪندا آهن. عائده بہ انجواءِ ڪيو خاص ڪري اتان جي ماحول کي، جنهن ۾ ڪا بہ بناوٽ نہ هئي.

پوءِ هنن اها رات اتي ئي گذاري. هو بہ انهن يورپين جوڙن جيان هڪ گٽار وڄائيندڙ ڳائيندڙ ٽولي جو حصو ٿي ويا، عائده پنهنجو مٿو آيان جي ڪلهي تي رکي ڇڏيو.

سرٽيفڪيٽ ورهائڻ واري تقريب، چارلس يونيورسٽيءَ جي لائبريريءَ ۾ رکي وئي هئي، جيڪا پراگ جي اولڊ ٽائون ۾ هئي، لائبريريءَ جي بلڊنگ گاٿڪ آرڪيٽيڪچر جي هئي، تمام خوبصورت عمارت هئي. اندر بہ تمام سٺي هئي. يونيورسٽيءَ جي ريڪٽر، سڀني ۾ سرٽيفيڪٽ ورهايا. چيڪ ڇوڪري ليونا ۽ آيان کي بهترين پريزنٽيشن تي هڪ ٻيو سرٽيفڪيٽ بہ ڏنو ويو.

سرٽيفڪيٽن ورهائڻ کان پوءِ هڪ پُرتڪلف پارٽي، لائبريريءَ جو انتظام Celler (تهہ خاني) ۾ ڪيو ويو هو. پارٽيءَ ۾ کائڻ ۽ پيئڻ جون ڪافي ويرائٽيون رکيل هيون. ڪاڏن جي پريزنٽيشن بہ سٺي هئي. آيان، ڳاڙهي وائين جي جام کي چپن سان لاتو تہ لڳو ڄڻ هُو عائده کي اندر ۾ اوتي رهيو هو. عائده ان ڏينهن ڳاڙهو بلائوزر ۽ لانگ اسڪرٽ پائي آئي هئي. هرڪو ننڍين ننڍين گروپن جي صورت ۾ ڪچهري ڪري رهيو هو. پروفيسر توماش بہ عائده سميت ٻين ڇوڪرين جي ٽولي سان ڪچهري ڪري رهيو هو. چارلس يونيورسٽي جي ريڪٽر جي سيڪريٽري، پنهنجو وائين ڪٽي اچي آيان سان ڳالهائڻ لڳي. ڇو جو سڀني مهمانن مان رڳو آيان کي ئي چيڪ سمجهہ ۾ پئي آئي ۽ هن کي وري انگريزي نہ پئي آئي. هنن ٻنهي، ڪنهن ڳالهہ تي ٺهڪ ڏنا تہ عائده جي اکين ۾ حسد ظاهر ٿيو ۽ هوءَ اتان هنن ٻنهي وٽ آئي ۽ عائده، سيڪريٽريءَ کي چيو تہ ڪيس پروفيسر سڏي رهيو آهي. هوءَ جيئن ئي وئي تہ عائده، آيان کي ڌمڪي ڏيندي چيو:

”اهي پنهنجا اچا ڏند سنڀالي رک تہ هڪ ڏک سان ڪڍي نہ ڏيانءِ هٿ ۾. ڇا ڏنو ٿي ان کوڳ ڏائڻ ۾؟“.

آيان هن جي ڪاوڙ ڪي انجواءِ ڪندي چيو:

“ She is not old, she is only in 30’s ”

عائده، ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿي وئي هئي.

“It is o.k, take care of yourself honey”.

آيان، ڪيس هٿ کان پڪڙيندي چيو.

عائده بہ پُرسڪون ٿي وئي ۽ چيائين:

“I am sorry, I think I was jealous”

“You were not only jealous, but horrible too”

اهو ٻڌي، هوءَ پيلو راڳ واري سرگم ۾ کلي پئي هئي.

شام جو هنن جو گروپ، U fleka پب ۾ گڏ ٿيو هو. آيان هنن کي ٻڌايو تہ هي پب وڏو آهي، هن جا بہ ٽي هال آهن، ۽ ان کان علاوہ آڳر ۾ ليپا جي وڻ هيٺان بہ بينچون رکيل آهن. پب کي پراڻي اسٽائيل ۾ ئي رکيو ويو آهي. چوندا آهن تہ هن پب ۾ نپولين بہ بيئر پيتو هو. ان گروپ بہ ٻن وڏين بينچن تي قبضو ڪيو هو. ويٽر، گول ٿالهہ ۾ بيئر جا ڀريل گلاس سرو ڪندو رهيو. رومانيا واريون ڇوڪريون اداس هيون، ڇو جو اڄ رات هنن جي واپسي جي ٽرين هئي. ڊائنا ۽ ديلا جي اکين ۾ رکي رکي ڳوڙها پئي آيا.

پيٽي ۽ دميتري، لطيفا ٻڌائي رهيا هيا. پر ڪنهن کي بہ هنن جي لطيفن ۾ مزو نہ پئي آيو. شايد جدائيءَ جي ڪري. ماحول کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ عائده هڪ رٿ ڏني تہ هر ڪو ڄڻو سچائيءَ سان پنهنجا تاثرات ٻڌائي تہ هت اچڻ کان اڳ، هت رهڻ دوران ۽ هاڻي وڃڻ وقت سندس احساس ۽ تاثُر ڪهڙا آهن. سيني ڪيس چيو تہ پهرين هوءَ شروعات ڪري، پر هوءَ نٽائي وئي تہ هوءَ آخر ۾ ٻڌائيندي. ڪو بيو بہ رضاڪارانا طور تيار نہ ٿيو. نيٺ سيني جي صلاح اها بيٺي تہ بيئر جي خالي بوتل ليٽائي ان کي ڦيرايون ٿا، جنهن جي سامهون ان جو منهن اچي اهو ٻڌائي. سيني کي اها ڳالهہ پسند آئي. بوتل ڦيرائڻ جو ذمو زدرواڪو کي ڏنو ويو. هن بوتل ڦيرائي تہ اتفاق سان پهريون ئي هن جي طرف اشارو آيو. سيئي کلڻ لڳا. زدراوڪو بيئر جو ڍڪ ڀريندي چيو:

”مان هڪ قسم جو لاابالي شخص آهيان. مان اسپورٽس مين آهيان. اسڪنگ ڪندو آهيان ۽ سيڪاريندو آهيان. انڪري گروپن سان گڏ ڪڏهن

ڪڏهن جبلن تي برف ۾ بہ ٽي هفتا رهڻو پوندو آهي, جنهنڪري منهنجي لاءِ ڪنهن گروپ ۾ رهڻ ڪو نئون تجربو نہ هو پر پڙهائيءَ جي ڪري ايترو وقت رهڻ منهنجي لاءِ نئين ڳالهہ هئي ۽ چيڪ ريپبلڪ ۾ اچڻ بہ پهريون ڀيرو آهي. پر سچي ڳالهہ اها آهي تہ جي مونکي هي گروپ نہ ملي ها, تہ ڪڏهوڪو مان هتان هليو ويو هجان ها, ڇاڪاڻ جو اسان جي پاڻ ۾ چرچي گهڀي ۽ گهمڻ ڦرڻ جي ڪري جيڪا هم خيالي ٿي, ان مونکي رهڻ لاءِ مجبور ڪيو. ها مان هڪ معافي بہ وٺندس تہ ان ڏينهن جڏهن پوري ڪلاس سميت ڊسڪو تي ويا هياسي تہ مان گهڻو پي ويو هيس, ان ڪري شايد مان سيني ڇوڪرين کي پاڻ سان نچڻ لاءِ مجبور ڪري رهيو هيس“.

ان وچ ۾ ديلا ڳالهايو:

” “رڳو اها ڳالهہ هجي تہ بہ خير پر تون تہ ان وقت سڀ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار هئين, دوستو مطلب سڀ سمجهو ٿا نہ“. سيني ٺهڪ ڏنا.

آيان کين چيو:

”خير ان ڏينهن مان ان ڊسڪو ۾ نہ هيس, برنو ويو هيس, پر جڏهن ويچارو معافي وٺي ٿو تہ پوءِ نيڪ آهي نہ“.

سيني  تائيد ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. بيٽي, هن کان پڇيو: ”ڏي خبر يلا ڪا ڇوڪري وڻيئي؟“.

سڀ کلي ويٺا.

هن پنهنجي ساڄي هٿ کي کولي اڳيان ڪري جڻ قسم کڻندي چيو:

”مان قسم کڻان ٿو تہ جنهن ڇوڪريءَ کي مون قريب پئي آڻڻ چاهيو ان مونکي لفٽ ئي نہ ڏني. پر گلاب جي پنهنجي خوشبو آهي“.

ان تي سيني روزيءَ ڏانهن ڏٺو جنهن جا ڳل ڳاڙها ٿي ويا هيا ۽ مرڪي رهي هئي.

دميتري چيو زدرواڪو شروعات ڪئي آهي, هاڻي سيني کي اهي نقطا ٻڌائڻا پوندا.

بوتل کي ڦيراٽي ڏني وئي، هن ڀيري بوتل ديلا وٽ آئي.

”مونکي اچڻ ۾ ڪو عار نہ ٿيو. جو اسان تي ڇٽيون هڪ ئي يونيورسٽيءَ جون..... ها ٽي نہ پر چار. عائده پلي البانيا جي هجي، پر پڙهي تہ بخارسٽ ۾ اسان جي يونيورسٽيءَ ۾ ٿي نہ. سو اهو مسئلو منهنجي لاءِ نہ هو. ٻيو وري هتي ڪمپني ۾ سڀ ملي وئي. باقي جي هالينڊ وارو پروفيسر نہ هجي ها تہ وڏيڪ سٺو“.

ان تي پيٽيءَ هن کان پڇيو:

”اهو پلا ڇو؟“.

”هڪ تہ هو پڙهائي بہ سٺو نہ پيو پيو تہ تنگ بہ گهڻو پيو ڪري“.

سپني رڙ ڪئي:

”ڪيئن پيو تنگ ڪري؟“.

”بس سمجهي وڃو نہ“. ديلا ڪلندي چيو تہ سڀ کلي ويٺا.

”پلا، ڇو ڪرن مان؟“ روزيءَ پڇيو.

”پاڻ ڏسو ڇو ڪرا ٿيا ڇهہ. جن مان هڪ نور هادي انڊونيشيا جو. جيڪو ٿو رڳو واڳن جي ڳالهہ ڪري، تہ اهي انڊونيشيا ۾ روڊن تي نڪري ايندا آهن“.

سڀ کلڻ لڳا.

”ٻيو ٿيو اسان جو چائنيز. جنهن کي لڳي ٿو تہ ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي. لطيفو ٻڌايونس ٿا تہ اسان جي منهن ڏي ٿو ڏسي تہ ان ۾ کل جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. باقي رهيا چار جيڪي هتي موجود آهن. هاڻي انهن جو مان نالو ڪٿي ڳالهہ نہ ڪنديس، پر ائين ٻڌائينديس. خير توهان پاڻ سمجهي ويندئو“.

سپني کيس زور پريو پر هن چيو تہ:

”نہ نالا نہ ٻڌائينديس جي ائين ڪندئو تہ ڪجهہ بہ نہ ٻڌائينديس“.

سپني کيس چيو جيئن سندس مرضي. پر ٻڌاءِ ضرور.

”هڪ تہ ٿيو ڪمپيوٽر ۽ انگلش گانن حوالي، هن کي لڳي پيو تہ ڪنهن ٻي سان دلچسپي هئي ئي ڪونہ. باقي رهيو اهو جنهن کي رڳو لطيفا ٻڌائڻ جو شوق

تہ انگلش نہ اچڻ ڪري هو نڪري ويو لائين مان. هونئن بہ هن هم زبان ڳولهي لڌي. باقي رهيا بہ جوان. ٻئي شڪاري“.

ديلا جي جي ائين چوڻ تي سڀ کلڻ لڳا. هڪٻئي سان تاڙا ملائڻ لڳا. زدراوڪوءِ آيان ڦڪي کل کلي رهيا هيا.

”انهن مان بہ وري هڪ تمام گهٽي ڪشادي دل وارو ڏسي هڪڙيءَ کي، ڪافي ڪنهن ٻيءَ سان پيئي، ڪلاس ۾ مرڪي ڪنهن ٽئينءَ کي ڏسي، تہ وري چور نگاهن سان چوٿينءَ کي ڏسي. سڀ خوش، اڄان سڀ خوش آهن انهن مان. آءُ بہ هڪ آهيان. پر لڳي ٿو تہ جوان ڪنهن چنبي ۾ اچي ويو آهي، پر منهنجي دعا آهي تہ ايئن نہ هجي، گهٽ ۾ گهٽ دل تہ خوش رهندي“.

سيني تاڙيون وڄائي ديلا کي داد ڏنو. ڪجهہ گهڙيون تہ رڳو ٺهڪڙا هجن، تاڙا هجن.

سيني وري هڪ پيرو گلاس مٿي ڪري ”نازردراويئي“ چيو.

بوتل ڦرڻ لڳي، هن پيري دميتريءَ جو وارو آيو تہ هن کلندي ييٿيءَ کي ڏنو. جيڪو سندس ڳالهہ کي ترجمي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. تہ ان وقت سيني هوڪرا لڳايا:

”لانگ لِو مولدووا، نيخ جيي مولدووا، مولدووا زندهہ باد“.

دميتري کلڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو:

”چڱو هڪ ڳالهہ تہ اوهان کي خبر پئجي وئي، باقي مون کي اچڻ کان اڳ اهو ئي مسئلو درپيش هو تہ ڪورس انگريزيءَ ۾ آهي، منهنجو ڇا ٿيندو؟... ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي تہ پئي پر سمجهائڻ ڏکيو هو. پر ييٿيءَ جي مهرباني. شڪر اهو آهي جو رشين مادري زبان آهي ۽ مولدوويا وارن کي بہ رشين ايندي آهي نہ تہ ييٿي اتي الائي ڪهڙو ترجمو ڪري ها...پر..“.

ائين چئي دميتري روئڻ لڳو. سڀ حيران ٿي ويا تہ هن هر وقت کلندڙ شخص کي ڇا ٿيو؟! ......

”مان توهان سيني کي مس ڪندس. لويو آل“.

هن کي دوست پر چائڻ لڳا، ماحول سنجيده ٿي ويو. ان وقت پب جو هڪ فنڪار وائلن وڄائيندو، هنن جي بينچ جي پرسان آيو. جنهن ڪا اداس ڌُن ڇيڙي ان ڪري سڄو گروپ وڏيڪ اداس ٿي ويو. پر، دميتريءَ اکيون اگهندي کيس پولڪا وڄائڻ لاءِ چيو ۽ سيئي اٿي ڊانس ڪرڻ لڳا. ٻيا ويٺل مهمان بہ تاڙيون وڄائڻ لڳا. جيئن ئي ڊانس ختم ٿي سيٽيون ۽ تاڙيون وڄائي هنن کي داد ڏنو ويو. انڪري ماحول ڪجھ ٺيڪ ٿي ويو.

سڀ ڳالهين ۾ لڳي ويا تہ ديلا رڙ ڪئي تہ:

”اها نا انصافي آهي، ٻيا رهيل بہ پنهن جي ڳالھ ٻڌائن“.

بوتل ڦرڻ لڳي، رخ ڊائنا ڏي آيو. هن پنهنجي سونهري فريم واري چشمي کي صاف ڪندي چيو:

”مان پروفيشنل ڊيموگرافر ٿيڻ چاهيان ٿي. انڪري منهنجي هن پروگرام ۾ سنجيدگي بہ هئي، اهو توهان پاڻ بہ ڏٺو هوندو. مونکي اسان وارو گروپ پسند آيو انڪري ان کي چونڊيو. ڇو جو هن ڳوناٽي ماحول ۾ پڙهائي ۽ پوءِ وري ساڳيا ڪمرن ۾ بند هجون، اها ڳالھ مون کي مزو نہ پئي ڏي، ها پهرين ڏينهن ۾ ڊنڊ تي ويندي، سائيڪل تان ڪرڻ جي ڪري ٻانهن ۾ ڌڪ لڳو جنهن ڪري ڪجھ گڙ ٻڙ ٿي ، پر سهيلين جي ساٿ ۽ آيان جي همدردي ۽ اندين بام سان مساج ڪرڻ ڪري اها تڪليف جلد ئي ختم ٿي وئي“.

ان تي سيني وڏي آواز سان چيو: ”اوووووه، وائو“.

زدرواڪي کلندي چيو: ”اها اسان کي خبر ئي نہ هئي تہ ٽريڊيشنل مساج ڄاڻيندڙ اسان ۾ موجود آهي، نہ تہ مون کي بہ مُري ۾ ڌڪ لڳو هو، مان بہ سندس خدمتون حاصل ڪيان ها“.

ان تي ڊائنا ئي چيو“ نہ هن مون کي ٻڌايو هو تہ هو اها خدمت رڳو ڇوڪرين کي ڏيندو آهي“. سيئي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳا.

”مان پنهنجي ڳالھ کي اهو چئي ختم ڪنديس تہ مون وڏي غلطي ڪئي آهي، شروع ۾ جن نظرن ۾ منهنجي لاءِ پيار هوندو هو. مون ان کي محسوس

ڪندي ٻـ لنوائي ڇڏيو ۽ اھو ڪنھن ٻي جي جھوليءَ ۾ اڇي ويو..مان اھو ڏک سچي زندگي محسوس ڪنديس ۽ اھو ٻـ سِکيو اٿم تـ ھڪ پل، ھڪ گھڙي فيصلي واري ھوندي آھي، نـ تـ پوءِ ماڻھو ان فيصلي، ان موقعي جي تاڙ ۾ زندگي آسري ۾ گذاري ڇڏي ٿو“. ڊائنا پنھنجو چشمو لاھي ڳوڙھا اگھيا.

بوتل وري پنھنجو سفر شروع ڪيو. ھن ڀيري ان جو رخ عائده ڏانھن ھو. ھن چيو:

”مان سچو سچ نـ ڳالھائي سگھنديس، ڇو جو ايئن ڪرڻ سان پنھنجو پاڻ کي اگھاڙو ڪري ڇڏينديس، جيڪو منھنجا دوست ٻـ نـ چاھيندا. آءُ ھتي اچڻ لاءِ بنھـ راضي نـ ھيس، پر منھنجي والدين مون کي ھتي موڪليو تـ متان ھتي مان مصروف ٿي پنھنجي ان ڏک کي وساري سگھان. جنھنڪري مان خودڪشي ڪرڻ واري ھيس. شروع ۾ ھي ڳوٺ، ھيءَ رھائش مون کي ڊپريسنگ لڳي، مان چاھيان پئي ھُل ھنگامو ھجي، جنھن ۾ مان گم ٿي وڃان پر ھت اھڙو ڪجھـ ٻـ نـ ھو. ھونئن ٻـ رومانيا ۾ بخارسٽ جھڙي شھر ۾ رھان، تـ وري البانيا جي گاديءَ واري ھنڌ تيرانا ۾، اھي مصروف شھر آھن، پر ھتي سچ، مون لاءِ اھي ڏينھن گھارڻ ڏکيا ھيا. پر پلو ٽئي آرگنائزرن، جو جن پھرين ڏينھنَ ۾ ئي بار بي ڪيو پارٽي رکي، اتي سڀني سان ملاقات ٿي. جيئن تـ ھڪ ٻن ڏينھن ۾ ڏار ٽيڻ وارا آھيون ، مان اوھان کي ٻڌايان ٿي تـ اھو ڏينھن منھنجي زندگيءَ ۾ اھم ڏينھن آھي جو ان ڏينھن جي ڪري مون کي ھڪ اھم دوست مليو جنھن منھنجي زندگيءَ جي معنيٰ ئي بدلائي ڇڏي، ان کي توھان ٻي معنيٰ ۾ نـ وٺجو. ھو دوست آھي، محبوب نـ . اھا اجازت ھوءَ مونکي نـ ٿو ڏي ۽ مان ٻـ اجان پڪ نـ ٿي ڪري سگھان.

پر اھو يقين رکو تـ ھڪ مئل ڇوڪري ھتي آئي ھئي، ۽ ھڪ نئون اتساھـ ۽ جيئڻ جي سگھـ ھتان کٽي واپس وڃي رھي آھي. مان ديلا ۽ ڊائنا کان معافي ٿي وٺان جو مان ھنن جو حق ڇورايو. مونکي خوشي آھي تـ آيان منھنجو دوست آھي“.

ھن آيان کي پيار ڪيو.

بوتل ڦري، پيٽيءَ جو وارو آيو.

”ڏسو مان توهان سيني ۾ ننڍو آهيان، منهنجي دنيا ڪمپيوٽر آهي، ميوزڪ آهي، مان ان دنيا ۾ رهندو آهيان. ها گيم بہ کيڏندو آهيان ڪمپيوٽر تي، پر اهو توهان کي ٻڌايان تہ هتان، سوچن ۾ بالغ ٿي گهر پيو وڃان. اهو سڀ ڪجهہ اوهان جي ڪري ٿيو“.

بوتل ڦري، آيان جو وارو آيو.

”مونکي جيڪو ڳالهائڻو هو اهو عائده چئي وئي، ديلا چئي وئي ۽ ڊائنا چئي وئي. اهو سڀ توهان ٻڌي چڪا آهيو. مان هتي آيو هيس رڳو ان ڪري تہ هڪ پيرو ان ملڪ ۾ وڃان جتان مان پي ايچ ڊي ڪئي آهي. منهنجي سپروائيزر اهو بندوبست ڪيو. پر هتي منهنجي دنيا ئي تبديل ٿي وئي. مون کي لڳي ٿو تہ هي مختصر عرصو منهنجي پوري عمر تي محيط رهندو. مان توهان سيني سان پيار ڪيان ٿو اوهان جي ڪمي محسوس ٿيندي“.

”معنيٰ توهان مڃو ٿا تہ جيڪو بہ ڊائنا چيو، عائده چيو يا ديلا چيو اهو سڀ سچ آهي....“. ديتلينا چيو.

”ها. بلڪل سئو سيڪڙو سچ آهي“. آيان مرڪندي کيس جواب ڏنو.

بوتل نہ ڦري، ڇو جو رڳو ديتلينا رهجي وئي هئي. هن چيو:

”توهان ڏنو هوندو تہ مان پنهنجي ڪم سان ڪم رکندي آهيان، بس توهان سان مزو آيو انڪري تہ گڏ رهياسين. پر ان جو مطلب اهو ناهي تہ توهان کي اهميت نہ ٿي ڏيان. هي عرصو منهنجي زندگيءَ جو هڪ خوبصورت باب آهي. خير وڌيڪ خوبصورت ٿي پئي سگهيو؟“. ايئن چئي خاموش ٿي وئي.

عائده ڪانئنس پڇيو: ”ڪيئن وڌيڪ خوبصورت ٿئي ها؟“

”جي ڪجهہ ڇوڪرا وڌيڪ هجن ها تہ اسان کي بہ چانس ملي پئي ها...“. ايئن چئي ديتلينا کلڻ لڳي.

سيني وري هڪ پيرو گلاس مٿي ڪري ”نازردراويئي“ چيو.

جيئن تہ رومانيا جي ڇوڪرين جي ٽرين جو ٽائيم ٽيڻ وارو هو ۽ ڪين اجان ڪمرن تان سامان بہ ڪٽڻو هو. انڪري انهن کي اٿڻو پيو. موڪلائڻ وقت ڊائنا، عائده کي ساري ڪندي، آيان کي ڪس ڪندي چنبڙي پئي ۽ ڳوڙها ڳاڙيندي هلي وئي. آيان کي اک ۾ ڊائنا جي چشمي جي ڪنڌ لڳي وئي جنهنڪري سندس اکين مان پاڻي وهڻ لڳو تہ عائده سميت ٻيا ڪيس چيڙائڻ لڳا تہ ڊائنا جي ڪري روئي ٿو. هن ڪلندي وضاحت ڪئي پر هو تہ مستيءَ ۾ هئا، ڪٿي ٿا هن جي ڳالهہ مڃن.

ڪجهہ وقت ويهڻ ڪان پوءِ ٻيا بہ سڀ اتان نڪتا. هرڪو پنهن جي پروگرام سان نڪري ويو.

عائده ۽ آيان، پنڌ ئي پنڌ نڪتا، گهٽين جي فرشبندي هن جي هِيل جي آواز هيٺ هئي. عائده، آيان جي هپ پاڪيٽ ۾ هٿ وجهي هلي رهي هئي. رستي تي لاطيني آمريڪا جو گروپ ميوزڪ وڄائي رهيو هو. خاص ڪري هنن جو مخصوص ساز زمپونا وڏيڪ مزو ڏئي رهيو هو. سندن رکيل ٽوپلي ۾ هنن ڪجهہ ڪرائون رکيا ۽ ويهي هنن جي ميوزڪ ٻڌڻ لڳا. هڪ جڻي پنهنجي بيئر جي بوتل هنن کي ڏني جيڪا عائده ۽ آيان واري واري سان پيئندا رهيا. ان گروپ پنهنجو اڳلو گانو هنن ٻنهي جي نالي ڪيو. هُن ٻنهي جي ذهنن ۾ بہ ڪئين ڏنون ڇڙي پيون هيون. هو ٻئي اتان اٿي واتسلاو اسڪوئر طرف وڌڻ لڳا. رستي تي بيٺل خوبصورت وئشائون سيڪسي لباس ۾ "Do you want business?" جا هوڪا ڏيڻ لڳيون. هڪ ڪيبن تان هُنن، هاٽ ڊاگ ۽ بيئر ورتو. رستي تي هڪ اتالين گروپ ڳائي رهيو هو. ظاهر آهي تہ ايتري ڊرنڪ هجڻ ڪان پوءِ سريلو ٿيڻ ناممڪن هو پر مزو ڏنائون پئي. عائده آيان جي ڪلهي تي ڪنڌ ڍرڪائيندي چيو :

"Honey, I want to walk with you forever"

" چاهيان تہ آءُ بہ اهو ٿو پر ممڪن ناهي" .

"ڇو؟" .

"هڪ تہ تون يورپين ۽ مان ايشين. تون اتي رهي نہ سگهندينءَ ۽ مان هتي رهڻ نہ ٿو چاهيان. هتي رهڻو هجي ها تہ هتان وڃان ئي نہ ها" .

”پر تون پاڻ ٻڌايو تہ ايريڪا جي جڏهن ماءُ جي وفات ٿي هئي تہ تون هن کي فون تي چيو هو تہ پلي تو وٽ اچي رهي!“

”ها، پر مونکي يقين هو تہ هوءَ نہ ايندي، ڇو جو هوءَ ذهني طور تي جرمنيءَ کي پسند ڪندي هئي، ڪجهہ وقت تہ هن کي ٻاهر رهڻ ۾ مزو ايندو هو پر وري کيس گهر جي ياد ستائيندي هئي. هو ڪڏهن بہ مون وٽ مستقل رهڻ نہ اچي ها. مون تہ ان وقت کيس ان حالتن مان ڪڍڻ پئي گهريو. هوءَ سخت ڊپريشن ۾ هئي. جي هوءَ ڪجهہ وقت اچي رهي ها تہ ٺيڪ ٿي وڃي ها، پر هن کي تہ ڪا گهٽي تڪڙ هئي“.

”هون“.

آيان جهٽ رکي وري کيس چيو:

”هڪ ٻي ڳالهہ بہ آهي.... “.

”ڪهڙي؟“.

”تون مون کان ننڍي آهين. ايئن نہ ٿئي تہ ڪجهہ سالن کان پوءِ مان آفيس وڃان تہ پويان پاڙيسري در تي ٺڪ ٺڪ ڪندا رهن“.

عائده هڪ ڀرپور ٺهڪ ڏنو.

هو ٻئي واتسلاو اسڪوائر جي گهوڙي واري مجسمي هيٺيان ويٺا، هنن جي آڏو هيٺاهينءَ تي ڪشادو رستو هيو. جنهن جي ٻنهي پاسن کان رستا ۽ فوٽ پاٿ هئا ۽ وچ ۾ پيدل گهمڻ وارن لاءِ ڪشادو رستو هو. جيڪو رنگ برنگي گلن سان سينگاريل هو. بينچن ۽ فرش تي چوڪڙين جي صورت ۾ چيڪ ۽ فارينر ويٺل هئا. عائده پنهنجي ٻانهن جو ونگ، آيان جي ٻانهن ۾ وجهندي چيو:

" I will remember this view, this time and you forever"

موٽ ۾ آيان کيس پيار ڪيو ۽ هُن ڏانهن بوتل وڌائي. عائده ڍڪ پريو تہ آيان هُن کي اتان اٿاري، روڊ ڪراس ڪرائي، ميوزيم جون ڏاڪڻيون چاڙهي مٿي وٺي آيو. هُن سندس اکين تي هٿ رکيا ۽ ميوزيم جي مٿاهين هنڌ تي وٺي اچي هن جون اکيون کوليون تہ عائده پنهنجي آڏو ڦهليل روشنين ۽ منظر کي ڏسي حيران ٿي وئي ۽ خوشيءَ مان هُن کي ڀاڪر پاتو. هو ٻئي ڄڻا اتي ڏاڪڻين تي ويهي رهيا. سندن ساڄي هٿ تي فري يورپ ريڊيو جي بلڊنگ هئي. ان ريڊيو سرمائيدار ملڪن جي مدد سان جرمني ۽ آسٽريا مان ڪميونسٽن خلاف وڏي پروپيگنڊا ڪئي ۽ ماڻهن کي ڀڙڪايو. ڪميونسٽ حڪومت جي خاتمي کان پوءِ هنن پراگ جي ان بلڊنگ ۾ پنهنجي اسٽيشن ٺاهي. سامهون هڪ عمارت جي بلڊنگ جي بالڪونيءَ ڏانهن اشارو ڪندي کيس ٻڌايو تہ جڏهن مخملي انقلاب آيو هو تہ ان ئي بالڪونيءَ مان بيهي سياستدان تقريرون ڪندا هئا ۽ ماڻهو هيٺ بيهي سندن تقريرون ٻڌندا هئا. عائده، آيان جون ڳالهيون غور سان ٻڌي رهي هئي، عائده چيو:

”مون هڪ پراڻي تصوير ڏٺي هئي، جنهن ۾ لڳي ٿو تہ هي ساڳيو رستو ئي هو جتان روسي ٽينڪن جي آڏو ماڻهو ماڻهو بيهي رهيا هئا“.

”جي بالڪل ساڳي ئي رستو هو. پراگ اسپرنگ دوران، وارسا پيڪٽ واريون فوجون جڏهن هتي داخل ٿيون هيون تہ ماڻهن احتجاج ڪيو هو ۽ هن ئي هنڌ تي اچي ٽينڪن جي آڏو بيهي رهيا هئا. مزي جي ڳالهہ ٻڌاياں۽ تہ جڏهن روسي فوجون داخل ٿيو ن هيون تہ هتان جي ماڻهن رستن تي لڳل مائيل اسٽونس تان سيڪجهہ مٽائي ڇڏيو هو ۽ اتان واپسي واري رستي ڏانهن تير هڻي لکيو هو ”ماسڪو“، مطلب تہ ماسڪو واپس وڃو اڳتي توهان لاءِ ڪو رستو ناهي“.

آيان ٿوري دير رڪي وري عائده کي چيو:

”پر تون تہ اهي سڀ ڳالهيون ڄاڻيندي هونديئن، ڇو جو توهان جو ملڪ بہ ذري گهٽ اهڙين حالتن مان گذريو آهي“.

“ها پر اسان تہ سويت يونين جا وڏيڪ ڳيجهو هياسين. اسان جا حڪمران گهڻو ڪري اتان ملندڙ حڪمن جي پابندي ڪندا هئا. پر ڇڏ انهن ڳالهين کي هن وقت، هن ماحول ۾ اهڙيون ڳالهيون ڪبيون آهن ڇا؟“.

هن آيان کي ڀراٽڙي پاتي.

هو رات جو گهڻي دير تائين اتي رهيا. واپسيءَ ۾ اليڪٽرڪ ٽرام ۾ چڙهيا، تہ عائده ڪيس سيٽ تي ويهاري هن جي ڪڇ ۾ ويهي رهي ۽ ٻنهي ڄڻن ڇپن ئي ڇپن ۾، گهڻيون ڳالهيون ڪيون.

ان رات عائده گهڻي اداس هئي، هن آيان کي پيڪوڙي چڙيو هو. سنگل بيڊ وڏيڪ سوڙهو ٿي ويو هو.

آيان کي الائي ڪهڙي وقت ننڊ اچي وئي. ڪيس جڏهن ڪجهہ وقت کان پوءِ سجاڳي ٿي تہ هن ڏٺو تہ عائده سندس پر ۾ ڪو نہ هئي. هُن ڏٺو تہ عائده بالڪونيءَ ۾ بيهي سگريٽ ڇڪي رهي هئي ۽ روئي رهي هئي. هو اٿي وڃي عائده وٽ بيٺو. عائده آيان کي ڀُراتڙي پائيندي چيو:

”مون کي پاڻ کان ڌار نہ ڪر. مان مري ويندس“.

”ڇري آهين ڇا؟ اهو ڇا ٿي ڪرين؟“.

” اهو سوچي ئي منهنجي دل ٻڏي ٿي وڃي تہ تون مون کي ڌار ٿو ڪرين“.

”ڌار مان تہ نہ ٿو ڪيان، پر اسان کي ٿيڻو آهي“.

”مان فلائيٽ ٽائيم ڪيئن گذاريندس، رستي ۾ ئي نہ مري وڃان“.

”ڏس نہ اهو تہ صاف ظاهر آهي تہ اسان کي ڌار ٿيڻو آهي، پوءِ ڇاهي اڄ ٿيون يا سڀاڻي، ٻيهر وري ملي سگهون ٿا، اڄڪلهہ تہ ڪميونيڪيشن ايڏي تيز آهي ۽ رابطا بہ رکي سگهون ٿا“.

”جيئڻ جي سگهہ ڏئي، وري آڪسيجن ماسڪ هٽائي ٿو ڇڏين ..... “.

”نہ مون توکي ٻڌايو هو تہ تون منهنجي لاءِ هر وقت اهڙي ئي رهندينءَ، اسان جي لاءِ جسماني ملڻ کان وڌيڪ، ذهني ملڻ اهم آهي. پيار هوندو آهي تہ پوءِ فاصلا اهميت ناهين رکندا “.

”پر، منهنجي زندگي ۾ روزمرهہ جي معاملن مان تون ٻاهر هجين، مان اهو سوچي ئي نہ ٿي سگهان“.

”ٺيڪ آهي، هاڻي هلي سمهہ، وري سڀاڻي ڳالهائينداسين“. عائده هن جي سيني تي چهرو رکي چيو:

”ڀلا هڪڙو ڪم تہ ڪر نہ..... “.

”ڪهڙو؟“.

”مان توسان ڪجهہ ڏينهن وڌيڪ گهارڻ چاهيان ٿي“.

”پوءِ ڪيئن ڪيون؟“.

”مان، پنهنجي فلائيٽ پوئتي ٿي ڪرايان، توسان گڏ ڪجهہ ڏينهن وڌيڪ گهاريندس“.

”پر، مونکي تہ پرينهنءَ سلوواڪيا وڃڻو آهي!“.

”پوءِ مان بہ هلنديس. ڪو اعتراض؟“.

”نہ اعتراض تہ ڪونهي“.

”مون کي الائي ڇو خوف آهي تہ تون هتان وڃڻ کان پوءِ منهنجي حصار مان نڪري ويندين، ان لاءِ جيترو ٿي سگهي تہ گڏ گهاري وٺون“.

”مون چيو نہ تہ ٺيڪ آهي“.

عائده مرڪي آيان کي ڪس ڪئي. ان وقت پرهہ ڦٽي رهي هئي ۽ هن جو چهرو بہ ان جو حصو لڳي رهيو هو.

صبح جو هو سپ کان پهرين ترڪش ايئر لائن جي آفيس آيا، جتي عائده پنهنجي فلائيٽ تبديل ڪرائي. ان کان پوءِ هُو اولڊ ٽائون اسڪوائر ويا، جتي هنن يان هُس جي مجسمي جي پرسان فهد سان ملڻ جو ٽائيم رکيو هو. ان چونڪ تي آيان کي هميشہ مزو ايندو هو. اتي جون عمارتون مختلف آرڪيٽيڪچر جا شاهڪار نمونا هونديون هيون، هو پنڌ ئي پنڌ ان هنڌ تي پهتا، فهد جي اچڻ ۾ اڃان پندرهن منٽن جو وقت هو. ان اسڪوائر جي وچ تي ٺهيل هڪ وڏي بت جي ڪاري رنگ کي ڏسي، عائده، آيان کان ان جي باري ۾ پڇيو تہ آيان کيس ٻڌايو:

”هي يان هُس آهي. پادري هو پر هن ان وقت جي چرچ جي معاملن ۾ سڌارا پئي ڪرڻ چاهيا، جنهن تي هميشہ جيان، مذهبي ڪٽر ماڻهو ۽ حڪومت سندس مخالف ٿي بيٺا، ۽ هن کي زندهہ جلايو ويو. انڪري هن مجسمي جو رنگ بہ هنن دونهاٽيل رکيو آهي“ .

هو ٻئي، ڪيفي ملينا ۾ آيا، جيڪو ڪافڪا جي محبوبا جي نالي سان ٺهيل آهي، ان ڪيفي ۾ گهڻو ڪري آرٽسٽ يا آرٽ پسند ماڻهو ايندا آهن تنهن ڪري آيان کي اتي ويهڻ ۾ مزو ايندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ مختلف آرٽ ڊارائن يا لکڻين تي بحث چڙي پوندو هو تہ آيان بہ ان ۾ ڀرو وٺندو هو. انڪري فهد ۽ هو

ان ڪيفي جو چڪر ضرور لڳائيندا هئا. جيئن نپولين واري پب او فلائيڪا يا وري شويڪ وارو پب.

آيان، عائده کي چيو: ”تون هي ڪيفي بہ ڏٺي ۾ سامهون وارو گهر بہ ڏٺو ۾ ان ٻاهران ڪافڪا جو لڳل بسٽ بہ ڏٺو. باقي توکي هن جو ٻيو گهر جيڪو زلاتي اوليتسا يعني سونهري گهٽيءَ ۾ آهي، اهو ڏيکارڻ هلندس ۽ ظاهر آهي پاڻ بہ ڏسندس. ٻيو ڪافڪا جي قبر بہ هتان گهڻي پري ناهي، جيوش ڪوارٽرس ۾ آهي. انڪان علاوھ هڪ ٿئيٽر بہ آهي، جتي رڳو ڪافڪا جا ڊراما اسٽيج ٿيندا آهن. اهو بہ ضرور ڏسبو يا هيئن ڪنداسين تہ هڪ ڏينهن پورو ڪافڪا جي نالي ڪري ڇڏينداسين“.

”ها، ضرور. مان هن جي فين آهيان، پر يار ڪڏهن ڪڏهن ايڏو ٿو ذهن تي سوار ٿئي جو لهي ئي نہ ٿو جيئن هن جو هڪ ڪردار ڪنهن جي ڪلهي تي چڙهي ويهي ٿو تہ لهي ئي نہ ٿو. انڪري جڏهن ڊپريسڊ هوندي آهيان تہ ڪافڪا کي نہ پڙهندي آهيان، وڌيڪ مونجهارن ۾ پئجي ويندي آهيان“.

”ٻيا ڪهڙا پسند جا ليکڪ اٿئي؟“.

”مون کي البانيا جا ليکڪ پسند آهن، جن ۾ اسماعيل ڪادري، فتوس ڪنگولي، يا دريتوري انگولي آهن“. عائده چيو ۽ ڳالھ کي اڳتي وڌايو:

”آءٌ پڙهندي گهٽ آهيان پر ميوزڪ وڌيڪ ٻڌندي آهيان، اوپيرا ڏسندي آهيان، ٿيئٽر ڏسندي آهيان، تنهنڪري گهڻو ڪري سيني سنن ليکڪن جا ڊراما ڏسي چڪي آهيان.. اوپيرا ۾ مونکي ”عائده“ پسند آهي“.

آيان ڪائنس حيرانيءَ مان پڇيو :

”عائده، اوپيرا آهي. مون تہ سمجهيو تہ رڳو نالو آهي ۽ نالو بہ ڪو عربي پيو لڳي. جيئن ان سان ملندڙ جلندڙ عابده نالو آهي. چڱو ان نالي جي هجي لکي ڏيکار“.

عائده، پنهن جي پرس مان پين ڪڍي، ڪافي ميٽ تي لکيو: ”AIDA“.

اهو ڏسڻ سان آيان هڪدم رڙ ڪئي:

”ها. ها اهو تہ گائوديءَ جو ڊاريڪٽ ٿيل آهي نہ. پر مون ڏٺو ناهي“.

”ها ان جو ٿيل آهي ڪيس پهريون ڀيرو اهو مصر جي نئين تعمير ٿيل ٿيئٽر ۾ پيش ڪرڻو هو. پر فرينچ ۽ پرشين جنگ جي دوارن، فرانس جي محصور ٿيڻ ڪري ان زماني ۾ اهو پيش نہ ٿي سگهيو. پوءِ اهو پهريون ڀيرو 1871 ۾ پيش ٿيو“.

”ها ان باري ۾ ٿوري گهڻي ڄاڻ آهي“.

”پلا، ڪهاڻيءَ جي خبر اٿئي؟ يا اها خبر اٿئي تہ عائده ڪير آهي؟“.

آيان نَهڪر ڪئي تہ عائده ٻڌايو:

”اصل ۾ اها ڪهاڻي مصر جي آهي. جنهن جو هڪ مشهور سپهہ سالار هوندو هو، رداميس. اهو وري هڪ جنگي قيد ٿيل ايٿوپيا جي حسين شهزادي عائده کي پسند ڪندو هو ۽ هوءَ تہ ڪيس تمام گهڻو چاهيندي هئي، پر عائده پنهنجي اصليت ڪنهن تي بہ ظاهر ڪرڻ نہ ڏني هئي تہ هوءَ ڪا شهزادي آهي، نہ ئي وري سپهہ سالار کي خبر هئي.

مصر جي بادشاهہ جي ڌيءُ، ايمينرس بہ ان سپهہ سالار کي چاهيندي هئي. بادشاهہ رداميس کي ايٿوپيا جي جنگ تي بہ موڪليو تہ جڏهن هو فاتح ٿي واپس ٿيندو تہ هن جي شادي شهزاديءَ سان ڪرائي ويندي.

شهزاديءَ کي اها پروڙ هئي تہ عائده ۽ سپهہ سالار هڪ ٻئي کي چاهن ٿا. پر هن کي ان ڳالهہ جي پڪ نہ هئي، سو هڪ ڏينهن هن عائده کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ کيس ڪُوڙ ٻڌايو تہ رداميس جنگ ۾ مري ويو آهي. جنهن تي عائده ڏاڍو رني ۽ هن سپهہ سالار سان پنهنجي عشق جي باري ۾ سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو. جنهن تي شهزادي ايمينرس سڙي وئي.

هوڏانهن جنگ ۾ ايٿوپيا کي شڪست آئي ۽ ڪافي جنگي قيدي بڻايا ويا. جنهن ۾ عائده جو پيءُ يعني بادشاهہ بہ هو پر هو بہ هڪ عام سپاهيءَ وانگر وڙهي رهيو هو. انڪري هن جي بہ ڪنهن کي خبر نہ هئي تہ هو بادشاهہ آهي. جڏهن اها خبر عائده کي پئي تہ هن پنهنجي پيءُ کي بچائڻ پئي چاهيو.

فتح جي جشن وقت، بادشاهہ ريمفس، سپهہ سالار کي چيو تہ اڄ هو جيڪو بہ گهرندو، اهو کيس ڏنو ويندو. ان تي هن، بادشاهہ کي عرض ڪيو تہ ايٿوپيا جي جنگي قيدين کي آزاد ڪيو وڃي، بادشاهہ سندس اها ڳالهہ ٻڌي.

سپهہ سالار ۽ شهزادي ايمينرس جي شاديءَ جي تياري ٿي وئي، پر جنهن ٽيمپل ۾ شادي ٿيڻي هئي، عائده انجي ٻاهران ويهي رهي تہ جيئن رداميس سان ڳالهائي سگهي. ان وچ ۾ عائده ۽ ان جي پيءُ ڀڄڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيو هو. جيئن ئي سپهہ سالار اتي پهتو تہ هن عائده سان واعدو ڪيو تہ، هو. ساڻس شادي ڪندو. عائده کيس چيو تہ هو ساڻس بيابان ڏانهن ڀڄي هلي. ان تي رداميس کي چيو تہ ها هو ساڻس ڀڄي هلندو ۽ ڪو محفوظ رستو ڳولهي ڪيندو ڇو جو هن کي خبر آهي تہ سندس فوجون ڪٿي آهن ۽ ڪهڙي هنڌ تي حملو ڪرڻ واريون آهن. اهو ٻڌي، عائده جو پيءُ ، جيڪو لڪيو ويٺو هو اهو بہ نڪري آيو ان تي رداميس کي ڪاوڙ آئي ڇو جو عائده جي پيءُ کيس ٻڌايو تہ هو بادشاهہ آهي. سپهہ سالار کي ڪاوڙ انڪري آئي جو هو پنهنجي دشمن جي آڏو، پنهنجي فوج جي پوزيشن ٻڌائي چڪو هو. ايتري ۾ بادشاهہ ريمفس ۽ سندس ڌيءُ ايمينرس اتي پهچي ويا، بادشاهہ رداميس کي دشمنن سان ائين ڳالهائيندي ڏسي، ڪاوڙ ۾ هن جي گرفتاريءَ جو حڪم ڏنو. عائده کيس چيو تہ هو ساڻن گڏ ڀڄي هلي، پر رداميس انڪار ڪيو. هن کي گرفتار ڪيو ويو. هن کان ڪافي سوال پڇيا ويا پر هو خاموش رهيو. هن تي جيڪي الزام مڙهيا ويا، هن ان جو ڪو بہ بچاءُ نہ ڪيو. حالانڪ کيس هلندي ڪوڙ ڀيرا شهزادي ايمينرس کيس چئي چڪي هئي تہ هو سڀني الزامن کان انڪار ڪري، پر هن اها ڳالهہ نہ مڃي. سپهہ سالار کي جڏهن پڪ ٿي تہ هن وقت تائين عائده پنهن جي ملڪ پهچي چڪي هوندي، هن خواهش ظاهر ڪئي تہ کيس سزا ڏني وڃي هو سڀني الزامن کي مڃي ٿو. ۽ پوءِ هن کي سزا ڏني وئي.

کيس تهخاني ۾ نيو ويو. هن هڪ ڊگهو ساهہ کنيو تہ گهٽ ۾ گهٽ عائده تہ پنهنجي ملڪ پهچي وئي، ان وقت هن ان بنديخاني ۾ ڪنهن جي ساهہ کڻڻ ۽

هلڻ جو آواز ٻڌو. عائده هن جي سامهون آئي، هن پنهنجو پاڻ کي ان هنڌ لڪائي ڇڏيو هو تہ جيئن رداميس سان گڏ مري سگهي. محل ۾ ايمينرس رڙيون ڪري روئي رهي هئي. بنديخاني ۾ رداميس جي ٻانهن ۾ عائده ۽ هو ابدي آرام ۾ هئا“.

”ڏاڍو ڏکوئيندڙ آهي“.

”ها، مون بہ جڏهن ڏٺو هو تہ روئي پئي هيس“.

”واقعي ٽريجڪ آهي“.

”پر توکي اها خبر هجڻ کپي تہ، تون منهنجو رداميس آهين ۽ مان تنهنجي عائده آهيان“.

آيان هڪ عجيب احساس سان، عائده کي ڏٺو.

آيان ڳالهہ کي لنوائيندي چيو:

”اهو اوپيرا شايد يونان جي کنڊرن ۾ بہ ٿيندو آهي. ان جا فوٽو ڏسي، ڪردارن جي پوشاڪون ڏسي ، منهنجي خواهش آهي تہ هڪ ڀيرو اهو ضرور ڏسان ۽ اهو بہ يونان ۾“.

”ها، اتي بہ ٿيندو آهي، ان کان علاوهہ اسرائيل ۾ هڪ پراڻي ٽيمپل وٽ ڪندا آهن. اوپيرا هوڻ ئي سٺو آهي پر اتي تہ وڌيڪ مزو ڏيندو“.

آيان چيو:

”اسٽيج ۽ اصل لوڪيشن ۾ فرق آهي. مون بہ هڪڙو اهڙو اوپيرا سلوواڪيا جي پراڻي قلعي ديوين ۾ ڏٺو هو. جنهن ۾ ڪردارن کي پراڻيون ڊريسون پهريل هيون، ڪهاڻي بہ آڳاٽي هئي ۽ جڏهن ڪو ڪردار ان قلعي جي ڪنهن دريءَ مان پنهنجي ڪردار مطابق ڳائي رهيو هو تہ ڏاڍو مزو اچي رهيو هو. لڳو پئي تہ ڪهاڻي نہ پر اصل واقعو آهي“.

ٿوري دير ۾ فهد بہ پهچي ويو. فهد چيو:

”اج پاڻ، پراگ کان 35 ڪلوميٽر پري هڪ ڍنڍ، جيڪا اصل ۾ هڪ ڊيم بہ آهي، اُتي هلنداسين. اوڏانهن فيري رستي بہ وڃي سگهجي ٿو ولتاوا ۾ ، پر اهي رڳو ويڪ اينڊ تي هلنديون آهن. انڪري، منهنجي گاڏيءَ ۾ ئي هلون“.

فهد وٽ، ون ڊور، فيئٽا هئي. هُنَ پنهنجي گاڏي گندرف ٽاور ڪان پري بيهاري هئي، ڇو جو پراڻي شهر جو اهو علائقو پيڊسٽرن زون هو. هو گهمندا ڦرندا گاڏيءَ تائين پهتا.

فهد چيو: ”يار! ڪائڻ لاءِ ڪجهہ وٺي هلون“.

آيان ڪيس چيو:

”اڙي چيڪ ڇو ٿو ٿين؟، هو بہ هلندا تہ گهر مان ڪائڻ لاءِ. شيون ڪٽي هلندا اتي هلون ٿا ضرور ڪجهہ نہ ڪجهہ ملي ويندو. نہ تہ ڪهڙو پري آهي، واپسيءَ ۾ اچي ڪائيندا سين“.

”ادا! وڙهين ڇو ٿو؟!“. فهد سنڌي ۾ چيو تہ آيان ڪان ڪل نڪري وئي.

عائده پڇيو تہ ڇا ٿي ٿا لِکو. تہ فهد ڪيس انگريزي ۾ ٻڌايو تہ هوءَ بہ مرڪي پئي.

گاڏيءَ ۾ ويهڻ ڪان اڳ، عائده چيو تہ هوءَ اڳين سيٽ تي ويهندي جو ڪيس بس يا ڪار جي سفر ۾ الٽي ايندي آهي.

آيان چيس :

”پويان ويهہ تہ بهتر“.

جنهن تي فهد ڪيس چيو :

”يار! ڳالهہ سمجهندو ڪر. منهنجي ڪار ون ڊور آهي. پويان دري بہ ڪونهي. ڪيس اڳيان ويهڻ ڏي تہ جيئن هو آرام سان ويهي سگهي ۽ طبعيت خراب ٿيس تہ دري کولي سگهي“.

”برو بر، بس ادا ڳالهہ لڳي تہ ڏکي ٿي، پر هتان جو ڊرائيونگ لائسنس ڪونهي، مڙئي پارٽ ٿي“.

فهد پنهنجي نان استاپ ٽهڪن کي روڪي نہ سگهيو.

گاڏيءَ ۾ جيئن ئي عائده سيٽ بيلٽ پائڻ لڳي تہ آيان ڪيس پويان سيٽ سميت پنهنجي پاڪر ۾ پري چيو:

”هاڻي سيٽ بيلٽ جي ضرورت ناهي منهنجون ٻانهون تنهنجون محافظ آهن“.

فهد بہ کليو. عائده بہ چيو: ”صحيح آهي“.

فهد رڙ ڪري چيو:

”يار! ايئن نہ، چالان تہ نہ ڪراءِ“.

هو جيئن ئي هموار روڊ ڪراس ڪري، متي نديڙي پهاڙيءَ تي چڙهڻ لڳا تہ ڪين ٻن ٽن هنڌن تي گاڏي بيهارڻي پئي، ڇو جو عائده جي طبيعت خراب پئي ٿي. نيٺ هو متي پهتا تہ هنن کي ڏاڍو مزو آيو.

هيٺ نديءَ ۾ سڙهہ واريون ٻيڙيون، آگبوٽ ۽ ننڍيون اسپيڊ بوٽس نظر آيون. اهو منظر ڪنهن سٺي آرٽسٽ جو لينڊ اسڪيپ لڳي رهيو هو.

آيان، فهد کي چيو تہ:

”عائده جي وڃڻ کان پوءِ اداس ٿي ويندس تہ مون کي هتي ڇڏي وڃجان، بہ ٽي ڏينهن رهي پوندس، غم غلط ڪندس“.

عائده کلندي چيو:

”اڇجان اڪيلو پر تون اهڙي خوبصورت جڳهہ تي اڪيلو رهي ئي نہ سگهندين. پر خير آ..... وڏي دل واري آهيان. توکي اجازت آهي“.

اتي ڪجهہ دير ويهڻ کان پوِ هو هڪ ريسٽورنٽ تي آيا. ريسٽورنٽ جي آڏو وڏو ميدان هو پوءِ ڍنڍ. ريسٽورنٽ پڪو نہ پر ڪاٺ ۽ وڻن جي ٽارين مان ٺهيل هو جنهن ڪري وڏيڪ مزو ڏئي رهيو هو. هنن اتي لنچ ڪئي. لنچ سرو ڪرڻ واريون ڇيڪ ڇوڪريون هيون. اهي ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان آيان سان تہ ڪڏهن وري فهد سان ڳالهائي رهيون هيون. اهو بہ پڇي رهي هيون تہ رات اتي رهندا يا واپس ويندئو؟!. آيان ڏٺو تہ عائده جون اکيون ڪرڙيون ٿي ويون هيون.

ٿوري دير کان پوءِ بهاني سان عائده اچي آيان جي جهوليءَ ۾ ويٺي، جڏهن ويٽريس آيون تہ هڪ جو منهن لهي ويو.....۽ عائده جي منهن تي مرڪ پکڙجي وئي. آيان جي منهن تي بہ عائده جي رد عمل جي ڪري مرڪ پکڙجي وئي.

سلوواڪيا وڃڻ لاءِ هو ٻئي ڄڻا فلورينس بس اسٽاپ تان براتيلسلاوا لاءِ بس ۾ وينا تہ آيان، عائده کي دريءَ واري پاسي ڪان ويهڻ لاءِ چيو. عائده انڪار ڪندي مرڪندي چيو:

”اصولن تہ نئين ملڪ ڏسڻ لاء مونکي دريءِ واري پاسي ويهڻ کپي، پر مان اهو ملڪ تنهنجن اکين ۽ تنهنجي چهري جي تاثرن ذريعي ڏسڻ چاهيان ٿي“.

آيان ٻنهي جيڪٽس کي بس جي مٿئين خاني ۾ رکيو ۽ دريءَ واري پاسي ڪان وينو تہ عائده سندس ٻير ۾ ويهندي، پنهنجو هٿ سندس هٿ ۾ ڦبائي ڇڏيو.

بس، اسٽاپ جي حدن مان نڪرندي، ميوزيم وٽان گذري تہ عائده هٿ مٿي ڪندي فوجي انداز ۾ ميوزيم جي بلڊنگ کي سيليوٽ ڪندي چيو:

”آءُ انهن لمحن کي پوري زندگي نہ وساري سگهنديس“.

هن جي اکين ۾ آلاڻ اچي وئي، آيان سندس پيشانيءَ تي ڪس ڪري هُن کي پنهنجي ٻاڪر ۾ ڀري ڇڏيو.

فورم هوٽل ۽ دوم ڳُولتوري وٽان مٿاهينءَ تي ٺهيل هڪ فلاءِ اوور کي ڪراس ڪندي عائده چيو:

”جي هن پل تي اها گرل لڳل نہ هجي تہ هيٺان جو منظر ڏسڻ ۾ گهڻو مزو ڏي ها“.

آيان، کيس ٻڌايو :

”ان پل جي پاسن کان اها اٺ ڏھ فوٽ ڊگهي گرل اڳ ۾ لڳل نہ هوندي هئي، پر ٿيو ايئن تہ جنهن کي بہ خود ڪشي ڪرڻي هوندي هئي تہ ان هنڌ تان ڪندو هو. جنهن ڪري پوءِ ان کي گرل هنئين وئي“.

عائده چيو :

”اسان وٽ تيراناڻ ۾ بہ اهڙو هنڌ آهي“.

”اسان وٽ بہ ڪراچيءَ ۾ نيٽي جيٽي پل ۽ ڄامشوري ۾ اندس تي پل آهي“.

عائده مرڪندي چيو:

”مون کي خودڪشي ڪرڻي هوندي تہ تو وٽ اچي ڪنديس“.

آيان ڪجھ چوڻ ٿي چاهيو تہ عائده چيو:

”ڪنهن پُل تي نہ، پر تنهنجي انهن نيڻين اکين ۾ ڪنديس“.

”اهي ايتريون نيڻيون آهن جو تون انهن ۾ ٻڏي نہ سگهندينءَ..... ها مان تنهنجين اکين ۾ ضرور مري سگهان ٿو..... يا اجان بہ تنهنجي پيار جي آڳ ۾ خود سوزي بہ ڪري سگهان ٿو“.

عائده پيار مان آيان کي ڪس ڪندي چيو:

”اهي چميون تہ مئل کي بہ جياري ڇڏينديون“.

بس، هاٽي هاءِ وي تي پهچي چڪي هئي، رستي جي پاسن کان چيل جا بيٺل وڻ ۽ ان کان پوءِ ٻنيون نظر اچي رهيون هيون. هن وقت انهن ٻنين ۾ ڪڻڪ جو سونهري فصل بيٺل هو. جنهن ڪري نيري آسمان جي بيڪ گرائونڊ ۾ سونهري فصل ۽ فور گرائونڊ ۾ وڻ هڪ سهڻو لينڊ اسڪيپ ناهي رهيا هيا. عائده کي ننڊ اچي رهي هئي، هُن پنهنجو ڪنڌ آيان جي ڪلهي تي لاڙي ڇڏيو. هو سندس وارن کي سنواريندو رهيو. ٻاهر جا منظر ڏسڻ سان گڏ هن جون سوچون بہ ماضيءَ جو سير ڪري رهيون هيون. ڪيس ياد آيو تہ اهڙي ئي نموني هُن سان گڏ سندس سلاوڪ دوست ڪيترينا بہ سفر ڪندي هئي. سندس سنهري وارن ۽ ناسي اکين ۾ هڪ خمار هوندو هو. هن سان آيان جي ملاقات نئين سال جي پارٽيءَ ۾ ٿي هئي،

جتي هو پنهنجن ڪجھ دوستن سان ويل هيو ۽ هوءَ بہ پنهنجين پيئرن سان اتي آيل هئي. ٻسڪو ڊانس ڪندي جڏهن رومينٽڪ سلو سانگ هليو تہ آيان پنهنجو هٿ، هن جي آڏو ڪري کيس ڊانس ڪرڻ جي دعوت ڏني، جيڪا هن قبول ڪئي. ڊانس ڪندي هڪٻئي کي حال احوال ڏيندي، هن آيان کي ٻڌايو تہ هوءَ فائين آرٽس جي شاگرد آهي ۽ سندس اسپيشلائيزيشن اسڪلپچر آهي. هوءَ براتيسلاوا جي آهي، جنهن ڪري هاسٽل نہ پر گهر ۾ رهندي آهي. جيئن ميوزڪ ختم ٿي تہ آيان کيس هن جي ٽيبل تائين ڇڏڻ ويو.

ان کان پوءِ آيان بيئر پيڻ ۾ مشغول ٿي ويو، پر وچ وچ ۾ ڇوڪريءَ کي ڏسندو بہ رهيو ۽ هُن محسوس ڪيو تہ هوءَ بہ کيس ڏسي رهي هئي. ساٿس ڊانس ڪرڻ لاءِ ٻن ٽن ڇوڪرن کيس آفر ڪئي پر هن کين منع ڪري ڇڏيو. جڏهن سلو سانگ جو رائونڊ ٿيو تہ آيان وري کيس ڊانس جي آفر ڪئي، جيڪا هن خوشيءَ سان قبول ڪئي. هاڻي وري هن آيان کان حال احوال وٺڻ شروع ڪيا، آيان جڏهن کيس پنهنجي هاسٽل جو نالو ٻڌايو تہ، هُنَ چيو تہ، هوءَ اتي پنهنجي هڪ دوست سان ٽيبل ٽينس کيڏڻ لاءِ ايندي آهي. جنهن تي آيان کيس مرڪندي ٽيبل ٽينس کيڏڻ جي چيلينج ڏني. جيڪا هن بہ مرڪندي قبول ڪئي ۽ ايندڙ شام جو هاسٽل تي اچڻ جو چيو.

ٻي ڏينهن تي آيان جي ڪمري تي ناڪ ٿي هُن در کوليو تہ هوءَ پنهنجي ڀرپور حسن سان گڏ بيٺل هئي. اڄ کيس جينز ۽ هاءَ نيڪ سان گڏ چمڙي جي جيڪٽ پاتل هئي. آيان کيس ڪمري ۾ ويهاري، ڪائنس ڪجھ پيئڻ جو پڇيو. هن چيو تہ کيس ڪافي پيئڻي آهي. آيان، چيلينج قبول ڪرڻ تي هُن جي مهرباني مڃي تہ هن چيو:

”مون کي ڪا ايڏي سٺي ٽيبل ٽينس کيڏڻ نہ ايندي آهي، پر تنهنجي آفر کي نڪرائي نہ پئي سگهان“.

”ڇو ڀلا؟“. آيان مرڪندي کيس چيو

”تون هڪ مڪمل جينٽلمين لڳين ٿنهن جي ڊانس جو شريفاڻو انداز نہ تہ ٻيا ڇوڪرا تہ منٽ ڪان پوءِ پنهنجا هٿ ڇوڪريءَ جي هپس تي ڦيريندا آهن، ان ڪان علاوه ڊانس ڪان پوءِ عزت سان مون کي ٽيبل تائين پچائڻ سٺو لڳو“.

شرمائيندي چوڻ لڳي: ”ها، تنهنجين ٻانهن جا مسلز ۾ سخت ڇاتي بہ مون کي وڻي“.

”مهرباني، پوءِ ڀلا چيلينج قبول آهي؟!“.

آيان مرڪندي هُن ڪان پڇيو تہ ڪيترينا وراڻيو:

”ان ڪري تہ هتي آهيان“.

هو ٻئي اتي اچي هيٺ لابيءَ ۾ رکيل ٽيبل تي کيڏڻ لڳا، ڪرسمس ۽ نئين سال جي موڪلن جي ڪري لوڪل ڇوڪرا تہ هتي ڪو نہ هئا رڳو ڪجھ فارينر رهيل هئا، ٽيبل ٽينس کيڏندي وقفي ۾ اتي ئي رکيل مشين مان ڪافي ۽ چاڪليٽ ڪيڊي پيئندا رهيا.

ان ڪان پوءِ آيان ۽ هن جون ملاقاتون ٽيڻ لڳيون. هوءَ هاڻي آيان لاءِ ڪيترينا مان رڳو ڪيٽي رهجي وئي هئي. هوءَ آيان جي زندگيءَ جو حصو بڻجي چڪي هئي. گهڻو ڪري راتين جو بہ سندس ڪمري ۾ رهي پوندي هئي. هوءَ پيئڻ جي گهڻي شوقين نہ هوندي هئي، تنهنڪري ويڪ اينڊ تي آيان جڏهن دوستن سان بيئر پيئڻ لاءِ پب ويندو هيو تہ هوءَ ڪمري تي پينٽنگ ڪندي هئي يا ڪو اسڪلپچر ٺاهيندي هئي ۽ واپسيءَ ۾ هنن سڀني لاءِ رات جي ماني بہ ٺاهي ڇڏيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڊرنڪ هئڻ جي صورت ۾ جوتا لاهي، آيان کي سمهاريندي بہ هئي. مطلب تہ هن سان آيان جي گهرائپ هڪ شادي شده جوڙي جيان هئي.

هڪ ڀيري، ٿئيٽر تان موٽندي، هو پنهنجي هاسٽلن تي موٽڻ لاءِ ريڊيو بس اسٽاپ وٽ ”39 بس“ جو انتظار ڪري رهيا هئا ڪيٽي، آيان جي ٻانهن ۾ ڦاٿل هئي ۽ اتان بہ ٽي ٽين ايجر سلوواڪ گذريا، جن آيان کي ڏسندي ڪاوڙمان چيو ”اشڪاريدي(بدصورت)“

ان تي ڪيٽيءَ هنن کي وڏيڪ چيڙائڻ لاءِ آيان کي ياڪر ۾ پري پنهن جي گهٽو ويجهو ڪري ڇڏيو آيان جي منع ڪرڻ تي هن چيو:

”مان هنن کي اهو ٻڌائڻ چاهيان ٿي تہ تون هنن کان وڏيڪ خوبصورت آهين“.

پهرين مئي تي هوءَ آيان جي ڪمري تي منجهند جو ڊوڪيندي آئي، موڪل هجڻ ڪري هو اجان ننڊ جي خمارن ۾ هيو. هن وٽ ڊپليڪيٽ چاٻي هئي ۽ سڌو هن جي بستري ۾ گهري اچي ڪيس پيار ڪرڻ لڳي. هوءَ ”آءِ لويو....“ بہ چوندي رهي.

آيان بہ مرڪندو هن جي پيار جي موٽ ڏيندو رهيو. گهٽي دير کان پوءِ هن چيو :

”مان تنهنجي ان ڳالهہ تي ڏاڍي خوش ٿي آهيان، مون کي زندگيءَ ۾ اج پهريون ڀيرو ماياليس جو مزو آيو آهي“.

ماياليس، پهرين مئي تي ملهائي ويندي آهي، ڪميونسٽن جي زماني ۾ تہ اهو ڏينهن عيد جي ڏڻ جيان ملهايو ويندو هو. ان ڏينهن هر ننڍي وڏي شهر ۾ ريلي نڪرندي هئي، جنهن ۾ ٻار کان وٺي ٻڍي تائين، عيد جيان نوان ڪپڙا پائي شريڪ ٿيندا هئا. ريليءَ کان پوءِ ڪلچرل پروگرام ٿيندا هئا. شهر جي وچ ۾ هڪ وڏو وڻ، مختلف رنگن جي ربنن سان سينگاريو ويندو هو. جنهن کي ماياليس سڏيو ويندو هو. ماياليس، گهٽي وقت کان وٺي ملهائيندا آهن، اڳي جڏهن ڪو ڇوڪرو ڪنهن ڇوڪريءَ سان محبت ڪندو هو تہ ان ڏينهن تي پنهنجي محبت جي اظهار طور رات جو دير سان، گهر وارن جي بي خبريءَ ۾ هنن جي باغ يا آڳر ۾ اهڙو وڻ پوکي ايندو هو.

آيان بہ رات جو دير سان ڪيٽيءَ جي گهر جي ٻاهران واري لان ۾ اهڙو وڻ هڻي آيو هيو. جنهن تي هوءَ ايتري خوش هئي.

هن آيان کي جلدي تيار ٿيڻ لاءِ چيو جو اج گرائونڊ ۾ ماياليس جو پروگرام هو. گرائونڊ ۾ وڏن اسپيڪرن تي ميوزڪ لڳل هئي، پرسان بيئر، گرم

وائين، هاٽ ڊاگ جا اسٽال لڳل هئا. ان وقت اسٽيج تي ڏهہ کن ڇوڪريون بيٺيون هيون، انائونسر اعلان ڪيو:

”اسان جي ججن هنن ڏهن ڇوڪرين کي فائينل لاءِ چونڊيو آهي. باقي پهريون، ٻيون ۽ ٽيون نمبر عوام تي ڇڏيل آهي“.

ڇوڪرا، ڇوڪريون نشي جي مستيءَ ۾ سرشار هئا. اسٽيج تي ڇوڪرين کي ٽي شرٽ پيل هئي، ۽ مختلف پوز هڻي پنهنجي جسم جي نمائش ڪري رهيون هيون. هينيان هر پوز تي هُوڪرا هئا. آخر ۾ انائونسر هر هڪ ڇوڪريءَ تي هٿ رکندو ويو..عوام جي هوڪرن ۽ تاڙين مان ان ڇوڪريءَ جي رينڪ جي خبر پئجي رهي هئي. پهرين نمبر تي اچڻ واري ڇوڪريءَ کي ان جي بواءِ فرينڊ پنهنجن ڪلهن تي کڻي سڄي گرائونڊ جو چڪر هڻايو. اهڙا ٻيا بہ مقابلا ٿيا، جن ۾ گهڻي اسپاگيتي کائڻ، گهڻا بيئر پيئڻ وغيره شامل هو. پوءِ سڄو ڏينهن ڊسڪو ٿيندو رهيو. سڄي گرائونڊ ۾ ڪل خوشيءَ جا ٽهڪڙا هجن. خبر ئي نہ پئي تہ رات ٿي وئي. يارهين ڏاري اعلان ڪيو ويو تہ هاڻي پروگرام ختم. هاڻي سڀ ”مايااليس“ هڻڻ هلندا. سيئي ماڻهو وڏي ۾ وڏي هاسٽل ”اشتورا“ ڏانهن هليا. جنهن جي سامهون اڱ ۾ ئي هڪ وڏي ڪڏ کوٽي وئي هئي ۽ پرسان هڪ وڏو سڪل وڻ هو جنهن ۾ هر ڪنهن اچي رٻن ٻڌي، ان ڪان پوءِ وڻ کي ان ڪڏي ۾ سڌو ڪري بيهارڻو هو. سڀ همراهہ نشي ۾ هجن ۽ وڻ بہ وڏو هو. تنهنڪري ان جو توازن رکڻ ڏکيو هو. ڪڏهن هڪ طرف ڪرڻ پئي لڳو تہ ڪڏهن وري ٻي طرف. جنهن طرف نِويو پئي تہ ماڻهن وٽي ڊڪون پئي پريون. نيٺ ڪاميابي ٿي، ڪڏي ۾ مٽي ۽ پٿر وجهي وڻ کي مضبوط ڪيو ويو. جيئن ڪم پورو ٿيو تہ هر بواءِ فرينڊ، پنهن جي ڇوڪريءَ کي چمي ڏني، جيڪي فرينڊ نہ بہ هئا تہ ٻکين پئجي ويا. گهڻن موالن تہ مايااليس کي جهنڊو سمجهي فوجين جيان سلامي ڏني.

عائده پنهنجا چپ آيان جي چپن تي رکيا تہ هن جي خيالن جو سلسلو ٽٽي ويو. بس بہ هاڻي براتيسلاوا جي چڙيا گهر وٽان گذري رهي هئي. بس اچي اسٽاپ تي پهتي. آيان دريءَ مان هيٺ نهاريو تہ هن جا دوست ڪين وٺڻ آيا هئا.

بس اسٽاپ تي پاڪستاني علي، ضيا، اعجاز انڊين اڪشي، بنڊنا، انيتا، بنگالي شوڪت، شومن، عراقي علي، سليمہ، افغاني فيروز، عليم، سلميٰ، عائشہ، سلوواڪ پيٽر، ماريا، مارتا، فنڪووا زوزانا، آندري، ڪين ونڻ آيا هئا. سلواڪيا جي همراهن ڪان علاوهہ ٻيا سڀ فارينرس، تعليم پوري ڪرڻ ڪان پوءِ اتي سيٽل ٿي مختلف ڪمن ڪارين ۾ مشغول هئا. ڪي بزنس تہ ڪي وري نوڪري ڪري رهيا هئا. هو جيئن ئي بس مان لٿا تہ سڀ ڪيس ملڻ لاءِ وڪوڙي ويا، آيان، سيني سان عائده ڪي بہ ملايو جنهن تي افغاني ڇوڪري سلميٰ جو منهن لهي ويو، جنهن ڪي محسوس ڪري آيان ڪي بہ ڏک پهتو اها ڳالهہ عائده بہ محسوس ڪئي.

دوستن رهڻ جو بندوبست ان هاسٽل ۾ ڪيو جنهن ۾ آيان رهندو هو. اها هاسٽل شادي شده اسٽوڊنٽس ۽ پي ايچ ڊي ڪنڌڙن لاءِ هوندي هئي.

هاسٽل ۾ داخل ٿيندي ئي آيان اها ساڳي خوشبوءِ محسوس ڪري هڪ وڏو ساهہ کنيو. هونئن هر جڳهہ جي پنهنجي هڪ خوشبو ٿيندي آهي. جيئن ئي اندر داخل ٿيو تہ رسيپشن تان ڪراڙو پروفيسر ”ويتائچي(خوش آمديد)“ ڪندو ساٿس اُکير سان مليو. آيان جي هڪ خوبي هوندي هئي تہ مختلف رسيپشنسٽ سان رات جو دير تائين ڪچهري ڪندو هو. اهو پروفيسر يونيورسٽيءَ ۾ ڪميونسٽ فلاسافي پڙهائيندو پر 89ع واري مخملي انقلاب کان پوءِ هن کي بي روزگار ڪيو ويو هو ۽ پوءِ هو هاسٽل تي رسيپشنسٽ ٿيو هو. پروفيسر هر وقت اخبارن لاءِ مضمون لکي موڪليندو رهندو هو. جيڪي شايع نہ ٿيندا هئا. ڇو جو هاڻي اهي ڳالهيون ماڻهن جي پسند جون نہ رهيون هيون. ان کان علاوه هو هڪ ڪتاب لکي رهيو هو جنهن جي باري ۾ آيان سان بحث ڪندو هو ۽ ڪيس تفصيل سان ٻڌائيندو هو تہ هن ملڪ ۾ نئون حڪومتي سسٽم ڪهڙو هجڻ گهرجي. ان ئي پروفيسر کيس ٻڌايو هو تہ سندس پراڻا سُودرو (ڪامريڊ) هر آچر تي هڪ ڳوٺ ۾ پنهنجا سڀ ئي ٻلا ۽ اعزازورديءَ تي سجائي گڏ ٿيندا آهن ۽ پراڻي زماني جون ڳالهيون ياد ڪري ۽ ڪلوباسا کائي ۽ بيئر پي خوش ٿيندا آهن. هو ماڻهن جي آزاديءَ جي ڳالهہ ڪندي لينن کي ياد ڪندي چوندا آهن ”ڪيتري وڏي سياسي آزادي بہ بکايل عوام کي مطمئن نہ ڪري سگهندي“.

ان شام جو يونيورسٽيءَ جي پر واري ٻيلي ۾ پڪنڪ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو. سڀ ٻاهہ جي چوڌاري ويٺل هئا ۽ سندن پر ۾ وائين جون بوتلون، بيئر جا پيپ، ۽ ساسيجز ۽ بريڊ پيل هئا.

بيئر جي ڊرم ۾ هڪ نلڪي وڌي وئي هئي، جنهن جي هڪ ڇيڙي تي سائيڪل جو پمپ لڳل هو. جنهن ۾ هوا ڀري پوءِ گلاس کي ڀريو پئي ويو تہ جيئن بيئر ڊرم مان پريشر سان نڪري سگهي.

ان کان علاوه جنهن کي بہ بک پئي لڳي تہ هو وڻ جي ڪنهن ٽاري کي پٽي ان ۾ ساسيج وجهي باهہ تي سيڪي بريڊ يا ان کان بغير کائي پيو.

آيان کي اعجاز تي حيرت ٿي جيڪو بيئر جا گلاس ڏوگهي رهيو هو. اعجاز هيو تہ پاڪستاني پر هنجو پيءُ سعودي عرب ۾ انجنيئر هو ۽ هُن کي سيلف فنانس تي ميڊيڪل پڙهڻ لاءِ سلوواڪيا موڪليو هئائين. آيان کي ياد آيو تہ سندس الوداعي پارٽيءَ ۾ دوستن پهريون ڀيرو اعجاز کي بيئر پياريو هو ۽ ڪنهن ڇوڪريءَ سان ڊانس ڪرائي هئي. ڪين ٻي ڏينهن تي خبر پئي هئي تہ جيئن ئي رات جو پروگرام پورو ٿيو هو تہ اعجاز پاڻ کي ايڏو ڏوهي پئي محسوس ڪيو جو رسو هٿ ڪري پنهنجو پاڻ کي ڦاهي ڏيڻ لاءِ ان ئي ٻيلي ۾ آيو هو پر شوڪت کي جيئن ئي پڙڪ پئي هئي تہ هُنَ ٻين دوستن کي گڏ ڪري، ٻيلي ۾ پهچي، هُن کي ڳولهي، ڪيس پڪڙيو هو. اعجاز شوڪت سان ڳلي ملي ڊِڪرون ڏئي رنو هو ۽ شوڪت کي چيو :

”مان زنده نہ ٿو رهڻ چاهيان، منهنجي سڄي عمر جي پرهيزگاري داغدار ٿي وئي. مون کي شراب کان ايتري نفرت آهي، بس الائي ڪيئن غلطي ڪري وينس. مون کي پنهنجو پاڻ کان نفرت ٿيڻ لڳي آهي. ٻيو جيڪڏهن والدين کي خبر پوندي تہ هو ڇا سوچيندا، هو بہ تہ مري پوندا“.

”ڏس، غلطي ٿي ويندي آهي، ۽ توکي خبر آهي تہ رب پاڻ رحيم آهي، تون ان کي ٻاڏائي معافي وٺ. باقي رات وارا اهي فوٽو جنهن ۾ تون هوندين، اهي نيگيٽو سميت توکي ڏيندس تہ انهن کي باھ ڏئي ساڙي ڇڏ“.

اعجاز اڃان بہ سڏڪا ڀري رهيو هو، شوڪت کيس چيو:

”ڇا ڀلا خودڪشي حرام ناهي؟ اهو تون وري ڪهڙو سنو ۽ اسلامي عمل ڪري رهيو آهين“.

ڪنهن نہ ڪنهن نموني راضي ڪري شوڪت هُن کي ڪمري تي وٺي آيو.

پر اڄ اعجاز نہ رڳو بيئر ڏوگهي رهيو هو پر پاڻ سان هڪ ڇوڪري بہ وٺي آيو هو جنهن جي مڏ بہ پي رهيو هو.

ٽيپ رڪارڊ تي ڪنهن ڪيسٽ لڳائي هئي، فاسٽ ميوزڪ هئي. سڀ اٿي ڊانس ڪرڻ لڳا، جڏهن ساٽا پئي ٿيا تہ ويهي ساهي پٽي وري پيا سيني جي پيرن جي سُر سان سُر ملائن. وقفي وقفي سان سلو رومينٽڪ سانگ بہ هلن پيا. جڏهن هڪ رومينٽڪ سانگ هليو تہ سلميٰ، آيان وٽ آئي ۽ پنهنجي هٿ اڳيان وڌائيندي ڪيس ناچ جي آڇ ڏني. جڏهن تہ اهو ڪم ڇوڪرو ڪندو آهي. آيان، عائده کي ڏسڻ کان پوءِ اٿي بيٺو ۽ سلميٰ جي چيلھ ۾ کبو هٿ ورائي ۽ ساڄي هٿ ۾ سلميٰ جوکابو هٿ وٺي نچڻ لڳو. هوءَ سندس گهٽو ويجهي اچي پنهنجو مٿو آيان جي ڪلهي تي رکي ڇڏيو هو. ٿوري دير کان پوءِ آيان محسوس ڪيو تہ سندس ڪلهو پُسِي ويو آهي، هُن سلميٰ جو منهن پنهنجي منهن جي سامهون آندو تہ سلميٰ جي اکين مان ڳوڙها ستار جي ڪنهن ڏن جيان وهندي نظر آيا. آيان وري هُن جو مٿو پنهنجي ڪلهي تي رکي پنهنجا چپ سلميٰ جي ڪن ڀرسان آڻي پڇيو

”اهو ڇا آهي؟“.

”معاف ڪجان پنهنجي وس ۾ ناهيان“.

”ها پر، اهو سڀ ڇو؟“.

”توکي وڃائي. مان ڏاڍو پوڳيو آهي“.

”پر اڳ تہ تون ڪڏهن ائين نہ چيو هو نہ وري مان محسوس ڪيو هو“.

”ها غلطي منهنجي هئي، اهو روڳ مون پاڻ پاليو هو“.

”اهو وري ڪيئن؟“.

”توکي چاهيندي تہ ٻوليءَ واري اسڪول کان وٺي هيس، پر تنهنجو مون سان واسطو شفاف هوندو هو ۽ ڪڏهن بہ تنهنجن اکين ۾ پنهنجي لاءِ ڪو احساس محسوس نہ ڪيو هو ان ڪري ڪڏهن بہ توسان اها ڳالھ ڪرڻ جي جرئت نہ ٿي. پر تون ويو آهين تہ منهنجي دنيا مان زندگي نڪري وئي آهي“.

”پر ايترا سال؟“.

”ها ايترا سال، مون توکي پوڄيو آهي، مون کي پڪ هئي تہ هڪ ڀيرو تون ضرور ايندين، پر اڄ آئين بہ ڪنهن ٻي سان...“.

هوءَ روئڻ لڳي ۽ پوءِ وري سرہات ڪيائين:

”هڪ ڳالهہ چوان، جي خراب نہ لڳئي تہ؟“.

”ها چئہ“.

”مون وٽ تون هر وقت گڏ هوندو آهين. ياد ٿئي!، پهريون ڀيرو تون منهنجي هاسٽل جي ڪمري تي آيو هئين. مون چانور ۽ ڪڪڙ جو ٻوڙ ناهيو هو. توکي ڏاڍو وڻيو هو. مون کي خوشي ٿي هئي. ان ڏينهن واري پليٽ، تنهنجو مروڙيل ٽشو پيپر ۽ مرغيءَ جي ران واري اها هڏي مون وٽ محفوظ آهي“.

”اڙي چري...!“.

”يس آءِ ايم....“.

”پوءِ، هاڻي تہ ڪو حل بہ ناهي“.

”ها، مان سڀ سمجهان ٿي“.

”پر توکي تہ هو افغاني عمر جو چاهيندو هو، جيڪو ڪراٽي جو انسٽرڪٽر هو“.

”وڏو بدمعاش هو. هو منهنجي ڪڏهن ليلڙاٽيون ڪندو هو. هن مونکي ڌمڪي بہ ڏني هئي تہ جي اهو پاڪستاني وري تنهنجي ڪمري ۾ ڏٺو اٿم تہ توهان ٻنهي جو خير نہ هوندو. تون ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪر، پوءِ مون توکي ڪمري تي اچڻ جي دعوت نہ ڏني هوندي، انڪري نہ تہ مان ڊڄان پئي پر مون کي تنهنجي عزت جو خيال هو. تون هتي سڀني ۾ عزت وارو هئين. شايد اهو ئي هڪ سبب بہ هو تو ڏانهن توجهہ ڏيڻ جو. سڀ ڪو تنهنجي ڳالهہ ڪندو هو. هر ڪو تنهنجو نالو عزت سان وٺندو هو. خير تون بہ تہ سڀني کي عزت ڏيندو هئين. توکي ياد ناهي تہ اسان ڇوڪريون ڪيترا ڀيرا تو وٽ يا ڪنهن سفر ۾ توسان گڏ رهنديون هيونسين. ڇو جو اسان کي خبر هئي تہ تون ڪنهن کي بہ مجبور نہ ڪندين. هوءَ ويٽريس ياد ٿئي؟ جيڪا اسان واري هاسٽل ۾ هوندي هئي. جنهن جي ڪڏهن سڀ ڇوڪرا هوندا هئا پر هوءَ ڪنهن کي بہ لفٽ نہ ڏيندي هئي. ان بہ هڪ ڀيرو مون کي چيو هو تہ مان توکي ٻڌايان تہ هوءَ توکي چاهي ٿي. هن توسان سنگت پئي رکڻ

چاهي، مون  ڪائنئس اهو پڇيو تہ ايترا ڇوڪرا جيڪي آيان کان عمر ۾ بہ ننڍا آهن سمارٽ آهن، ڪجهہ تہ سلوواڪ بہ آهن، تہ انهن کي ڇو نہ ٿي موٽ ڏين. جنهن تي هن جواب ڏنو هو تہ راجا سيني کي عزت ڏيندو آهي،  ڪنهن جي بي عزتي نہ ڪندو آهي..... نہ تہ هتي تہ ٻن پيگن کان پوءِ الائي ڇا ڇا اسان کي چوندا آهن .....“.

”اهو راجا وري ڪير آهي؟“. آيان سلميٰ کان پڇيو.

”هوءَ توکي راجا چوندي هئي، چوندي هئي هي ائين ٿو ورتاءَ ڪري ڄڻ ڪنهن رياست جو راجا هجي“.

”اڇا“.

”جي، پر مونکي معاف ڪجان.... مان تنهنجي شام خراب ڪئي“.

”نہ نہ اهڙي ڳالهہ ناهي“.

”وقت ملئي تہ مون کي بہ منٽ خلاصا ضرور ڏجان“.

”ڪوشش ڪندس“.

سلميٰ وري روئڻ لڳي. تيز موسيقي وڄڻ تي هو هڪٻئي کان ڌار ٿيا. هوءَ پنهنجا ڳوڙها لڪائڻ لاءِ اونده ۾ هلي وئي. عائده، آيان جي ڪلهي تي پنهنجو مٿو رکندي پڇيو:

”واٽ از پرابلم وٽ هر؟“.

”ڊونٽ نو“.

”بٽ، آءِ نو“.

”واٽ؟؟!“

”ايني وي، هوءَ توسان پيار ڪري ٿي“.

”شايد ...... “.

”پر مان بہ ڪيان ٿي، خبر ناهي تو ۾ ڇاهي؟!“.

”ڪجهہ ڪونهي منهنجو دماغ خراب نہ ڪر، مان ڪجهہ بہ ناهيان، نہ خوبصورت آهيان، نہ وري ڪو سقراط آهيان، نہ وري راجا اندر آهيان، نہ راسپوٽين

آهيان. مان هڪ خصيص ماڻهو آهيان. ڇڙ آهيان, مون کي تہ لڳي ٿو تہ مان هڪ وڏو فراڊي آهيان, مان ماڻهن جي جذبن ۽ احساسن سان کيڏان ٿو. مونکي ڪو حق ناهي ڪنهن جي جذبن سان کيڏڻ جو. ضرور مون ۾ ئي ڪا خرابي هوندي جو ڇوڪريون ايئن سمجهن ٿيون, منهنجو ئي ڪو اهڙو عمل هنن کي ايئن سوچڻ تي مجبور ڪندو هوندو. مان ڏوهي آهيان, مان ڪرمنل آهيان“.

عائده, حيرت مان هن کي ڏسندي رهي. هوءَ سوچڻ لڳي تہ آيان کي ڇا ٿيو آهي؟!..... آيان اجان ڪجهہ چوڻ پئي چاهيو تہ عائده جي چپن هن کي ڪجهہ چوڻ کان روڪي ورتو.

آيان, ننڊ مان اٿيو تہ سندس مٿو ڳورو هو, اکيون اجان, خماريل هيس. رات شايد وڌيڪ پي ويو هو. هن ڏٺو تہ عائده هن سان گڏ ستل نہ هئي. هوءَ هيٺ قالين تي ستل هئي. آيان جي چر پر تي هوءَ بہ سجاڳ ٿي.

”گڊ مارننگ“.

”گڊ مارننگ“.

”هائو ڊو يو فيل ناٺو؟“.

”بهتر“.

آيان هن کان هيٺ سمهڻ جو سبب پڇيو تہ عائده چيو:

”تون ٿڪل هئين، رات تنهنجي طبيعت خراب هئي. هتي توکي اڪشي اچي سمهاري ويو. تون سمهڻ سان ڪونگهرا هڻڻ لڳين، وري ٿوري دير کان پوءِ ننڊ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيئي، جڻ ڪنهن سان وڙهندو هجين. پر ڳالهايئہ انگريزيءَ يا هتان جي ٻوليءَ ۾ نہ، پر ڪنهن ٻي ٻولي ۾ پئي. ٿي سگهي ٿو تنهنجي مادري زبان هجي. انکان علاوهہ پاسا پئي بدلايئي. انڪري مان هيٺ سمهيس تہ جيئن آرام سان سمهي سگهين“.

آيان کي ياد نہ هو تہ هو ڪهڙي ريت هتي پهتو هو. پر ڪيس اهو ضرور ياد هو تہ هن پيتو گهڻو هو. هُو هڪ غصي ۾ هو. هاڻي هن کي شرمندگي ٿي رهي هئي. آيان، عائده کان پڇيو:

”مان ڪا غلط ڳالهہ تہ نہ ڪئي رات؟!“

”نہ بس تون ڪاوڙ ۾ هئين شايد، پر رات تون پيتو گهڻو هو“.

”ڪنهن سان وڙهيس تہ نہ، ڪنهن کي گاريون تہ نہ ڏنيون؟“.

”نہ بس، خاموش هئين، انڪري سڀ فڪر ۾ پئجي ضرور ويا تہ توکي ڇا ٿيو آهي؟ ڇو جو سڀ چون پيا تہ تون اهڙو ورتاءُ ڪڏهن بہ نہ ڪيو آهي“.

“اوهہ، واقعي زندگيءَ ۾ ايئن نہ ٿيو آهي تہ مان ايئن مدهوش ٿيو هجان“.

“ها سڀ ائين پيا چون. پر هنن سڀني جو اهو خيال هو تہ تون ٿڪيل هئين، ننڊ بہ گهٽ ڪئي هوندئي، تنهنڪري ائين آهين“.

عائده وڏيڪ چيو: ”مون بہ کين اهو چيو ۽ سچي ڳالهہ ٻڌايم تہ سمورو عرصو اسان کي ننڊ جو موقعو گهٽ مليو آهي. ورڪشاپ جي ڪري بہ ۽ پيو دوستن جي ڪري بہ. اهو بہ چيم تہ رات بہ ٽين وڳي ستا هياسين ۽ صبح جو وري بس هئي. مان تہ بس ۾ سمهي رهيس پر آيان جاڳندو رهيو“.

”مهرباني“.

”مهرباني جي ڪهڙي ڳالهہ آهي، مون کين سچي ڳالهہ ٻڌائي“.

”اها بہ مهرباني تہ دوست ڪنهن دوست جو ڏڪ رکي“.

”ڏارين وانگر ڇو ٿو ڳالهائين؟ اڃان تائين ناراض آهين؟“.

”نہ ناراض ڇو ٿيندس؟“.

”رات تہ هئين؟“.

”مطلب؟“.

”رات تون جيڪي ڳالهيون ڪيون، اهي تون اڳ ڪڏهن نہ ڪيون آهن. جيترو تون نرم رهيو آهين، اهي ڳالهيون تنهنجن انهن سپني تنهنجن روين کان، ڳالهين کان مختلف هيون“.

”ڇا چيو مون؟!“.

”ڪا خراب ڳالهہ نہ هئي پر ان ۾ ڪاوڙ ضرور هئي“.

”ها پر مونکي ياد ڪونهي. پليز ٻڌاءِ مون ڇا چيو؟“.

” تون چيو، ڪجهہ ڪونهي منهنجو دماغ خراب نہ ڪر. مان ڪجهہ بہ ناهيان، نہ خوبصورت آهيان، نہ وري ڪو سقراط آهيان، نہ وري راجا اندر آهيان، نہ راسپوٽين آهيان. مان هڪ خصيص ماڻهو آهيان، ڄٽ آهيان، مون کي تہ لڳي ٿو تہ مان هڪ وڏو فراڊي آهيان، مان ماڻهن جي جذبن ۽ احساسن سان کيڏان ٿو. مونکي ڪو حق ناهي ڪنهن جي جذبن سان کيڏڻ جو. ضرور مون ۾ ئي ڪا خرابي هوندي جو ڇوڪريون ايئن سمجهن ٿيون، منهنجو ئي ڪو اهڙو عمل هنن کي ايئن سوچڻ تي مجبور ڪندو هوندو. مان ڏوهي آهيان، مان ڪرمنل آهيان“.

آيان خاموشيءَ سان ٻڌندو رهيو. چيائين:

”مون ائين چيو؟!“.

”جي“.

آيان گهڻي دير چپ رهيو پوءِ چيائين:

”سچ ڳالهہ اها آهي تہ مان ان وقت الائي ڪهڙي موڊ ۾ هيس، مون کي ياد آهي تہ تون ڪجهہ چيو هو ان جي جواب ۾ مان ائين چيو هوندو. پر ان کان پوءِ ياد ناهي. مان بي اختيار ٿي ويو هيس. اهڙو واقعو اڳ بہ آيو هو جڏهن منهنجي ماءُ جي

وفات جي خبر مون تائين پهتي هئي تہ مان الائي ڪهڙي حالت ۾ اچي ويو هيس. سمجهان پيو تہ سڀ ڪجهہ غلط ٿو ڪيان. ڳالهايان غلط ٿو پر مان پنهنجو پاڻ تي ڪنٽرول نہ پئي ڪري سگهيس. منهنجو ڊاڪٽر دوست، جنهن مون کي انجيڪشن هڻي سمهارڻ پئي چاهيو. ان کي مون چيو تہ مان سڀ ڪجهہ سمجهان ٿو مان سمهڻ نہ ٿو چاهيان. مان نيڪ ٿي ويندس. پر مان پنهنجو پاڻ تي ضابطو نہ ٿو رکي سگهان.. جڻ مان ٻرنڪ هجان..... چاهيندي بہ ڪجهہ نہ ٿو ڪري سگهان“.

”ڪالهہ بہ اهڙي ڪيفيت هئي“.

”ڪا ڳالهہ ناهي“.

”نہ گهڻي خراب آهي“.

”پر مان اهو پڇي سگهان ٿي، اهڙو ڇا ٿيو هو ڪالهہ جو تون ساڳي ڪيفيت ۾ اچي وئين اهڙي ڪيفيت ۾، جڏهن دنيا ۾ پنهنجي سڀ کان وڏيڪ محبوب شخصيت وڃائي هيئي“.

آيان، گهڻي دير سوچيندو رهيو.پوءِ چيائين:

”اصل ۾ هڪ ڳالهہ مون کي اهو محسوس ڪرايو تہ مان زندگيءَ ۾ فلرٽ ڪندو رهيو آهيان. مون سان جيڪي ڇوڪريون واسطو رکن ٿيون، انهن سان مان فلرٽ ڪندو رهيو آهيان. مان نہ ڪو خوبصورت، نہ شاهوڪار نہ ناميارو ۽ نہ وري ڪو فلاسافر. تہ پوءِ اهي سڀ ڇوڪريون، جن جو تعداد گهڻو آهي، اهي جي مون کي چاهين ٿيون.... يا مان ائين چوان تہ هو ، مون مان ڪي اميدون رکن ٿيون.... تہ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ..... جڏهن مون ۾ اهڙيون ڪي بہ خصلتون ناهن، جيڪي مون چيو... تہ ان جو مطلب اهو ٿيو.... تہ مون ۾ ڪائي خرابي آهي، ڪائي بدمعاشي آهي.ضرور منهنجو ڪو نہ ڪو ڪم تہ اهڙو هوندو جيڪو هنن کي ان ريت سوچڻ لاءِ مجبور ڪندو هوندو. جڏهن تہ مان پنهنجي دل ۾ اهڙي ڪابہ ڳالهہ محسوس نہ ٿو ڪيان“.

”اجازت هجي تہ هڪ سوال پڇان؟“.

”جي“.

”پر اهو سڀ تنهنجي ذهن ۾ ڪالهہ ئي ڇو آيو؟“.

آيان گهڻي دير چپ رهيو. پر عائده هن ڏي نهاريندي رهي. آيان چيو:

”آهي تہ امانت ۾ خيانت. يا ڪنهن جي شخصيت جي باري ۾ غلط تاثر ڏيڻ وارو. پر جيئن تہ ان جو ردعمل مون خراب ڪيو آهي. جنهنجو مان انتهائي شرمسار آهيان. انڪري ٻڌائڻ ضروري آهي“.

”اهو يقين رک تہ مان ان جي مشهوري نہ ڪنديس. اهو سڀ منهنجي من ۾ دفن ٿي ويندو. پر جي سمجهين ٿو تہ مان اجان ان لائق نہ ٿي آهيان تہ اها ڳالهہ ٻڌان تہ پوءِ ڇڏينس“.

”نہ اهڙي ڳالهہ ناهي. پر ٻي جي لڄ ۽ عزت ڪي بہ ڏسڻ منهنجو فرض آهي. خير“.

آيان هڪ وڏو ساهہ کڻي ، خاموش رهيو ۽ پوءِ چيائين:

”رات جيڪا افغان ڇوڪري مون سان نچي پئي. هن زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ اهڙو احساس نہ ڏياريو تہ هوءَ مون کي چاهي ٿي. پر ڪالهہ اوچتو هن اهڙو اظهار ڪيو. ان ڪان علاوهہ هڪ ٻي ڇوڪريءَ جو بہ ذڪر ڪيائين. جنهن جي بہ مون کي خبر نہ هئي. پوءِ مون کي محسوس ٿيو ڪجهہ غلط آهي. ڪنهن نہ ڪنهن هنڌ ڪجهہ غلط آهي. پوءِ مان ان نتيجي تي پهتس تہ غلطي منهنجي آهي. جيڪڏهن مان اهڙو ڪو بہ اشارو ڪو بہ عمل يا رد عمل نہ ڪيان. تہ اهو سڀ ڪجهہ نہ ٿئي ها. ان ۾ ڪو شڪ ناهي منهنجي اڪ عاشق ۽ آرٽسٽ اک آهي. هوءَ ڪا بہ سهڻي شئي پوءِ اها ٻي جان هجي يا جان واري. ان جي پنيان رهي ٿي ۽ جڏهن ڪنهن هنڌ بہ اها ملي ٿي. ان کي پسنديدگيءَ جي نگاهہ سان ڏسي ٿي. مان ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ اهو ئي غلط آهي. جڏهن اڳلو جاندار اهو محسوس ڪري ٿو تہ پوءِ هن جي من ۾ بہ ڪي خواهشون ڪنهن باک جيان ڪر موڙي پيدا ٿين ٿيون. جڏهن اهي پاڻ وٽ انهن جو قيدي سمجهي انجي پويان هلن ٿيون تہ مون وٽ پهچن ٿيون يا منهنجي تصور تائين پهچن ٿيون.

پر ڳالهہ اها آهي تہ ان سچي عمل جو بنياد تہ منهنجي ڪنهن عمل جي ڪري ٺيو نہ. تہ پوءِ مان ئي ڏوهي آهيان. انڪري ئي شايد ڪالهہ تنهنجي ڪنهن سوال جي جواب ۾ اهو سڀ ڪجهہ چيو هو. پر ان چوڻ سان مان هڪ عجيب ڪيفيت ۾ اچي ويو هيس، منهنجي من ۾ واچوڙا هيا، طوفان هئا، زوڪات هئا. پوءِ مون کي خبر ناهي مون ان ڪيفيت ۾ ڇا ڪيو ڇا نہ ڪيو!“.

آيان، هڪ ڏوهاريءَ جيان ، ڪنڌ جهڪائي ويهي رهيو.

عائده، هيٺان اٿي، بيڊ تي آئي آيان کي پنهنجي ڇاتيءَ تي ليٽائي چيائين:

”آءُ تنهن جي ان مفروضي يا نظرئي کي ميڃان هان، پر تيستائين جيستائين تو سان نہ ملي هيس. پر هاڻي جڏهن مان پنهنجو مثال وٺان ٿي تہ ان ۾ تون ان حوالي سان ڪٿي بہ ڏوهي نہ ٿو لڳين، اها ٻي ڳالهہ آهي اجان ڏوهي مان ٿي لڳان. انڪري پنهنجي ذهن مان اهي ڳالهيون ڪڍي ڇڏ“.

آيان جي اکين مان ڳوڙها نڪتا. هن عائده کي ڀاڪر ۾ ڀري ڇڏيو.

ذڪاءُالله، صبح جو پنهن جي گاڏيءَ ۾ سلوواڪيا جي هِل اسٽيشن، ”تاترا“ ڏانهن وڃڻ لاءِ، آيان ۽ عائده کي ريلوي اسٽيشن تي ڇڏڻ لاءِ آيو هو. جيئن

ئي اسٽيشن تي پهتا تہ ذڪاکين ريسٽورنٽ وٺي ويو ڇو جو گاڏي اچڻ ۾ اجان اڌ ڪلاڪ هو. هنن اتي ويهي ڪافي پيتي. ذڪا، آيان کي يادگيري ڏياريندي چيو :

”ياد ٿئي پاڻ پهريون ڀيرو تاترا ڏانهن ٻوليءَ واري اسڪول ۾ ايسٽر جي موڪلن تي هليا هياسين. ڪل ملائي اٺ ڄڻا هياسين. ڏاڍو مزو آيو هو. اسان ٻنهي کي سلوواڪ نہ پئي آئي پر اسان سان گڏ جيڪي يمني دوست هليا هئا انهن کي اچي پئي، ڇو جو هو هڪ سيمسٽر اڳ ۾ پڙهي چڪا هئا. پر اسان جو مزو ڪرڪرو ٿي ويو هو جو اسان جي الجيرين دوست برف تان ترڪي پيو هو ڪيس فريڪچر تہ نہ ٿيو هو پر سندس پير سڄي پيو هو ۽ هو منڊڪائي پئي هليو انڪري اسان پنهنجو دورو مختصر ڪري واپس براتيسلاوا آيا هياسين“.

ذڪا اجان بہ ڳالهين جي موڊ ۾ هيو پر ان وقت لائوڊ اسپيڪر تي گاڏيءَ جي اچڻ جو اعلان ٿيو. هن اتان ڪجهہ بيئر جون بوتلون وٺي آيان کي ڏنيون. جنهن تي آيان کيس چيو :

”اها تڪليف ڇو ڪيئي، گاڏيءَ ۾ بہ بار، ريسٽورنٽ آهي“.

”ڀلي هجي، پر سفر ۾ پنهنجو ٿمر ساڻ هجڻ ضروري آهي“.

هو ٽئي پنهنجي گاڏيءَ ڏانهن وڌيا. آيان ۽ عائده، پنهنجين سيٽن تي وڃي ويٺا ۽ آيان دريءَ جي شيشي کي هيٺ سرڪائي هٿ لوڏي ذڪا کان موڪلايو تہ گاڏي بہ چرڻ لڳي.

عائده ۽ آيان پنهنجا جيڪٽ لاهي مٿي رکيا. ٻن سيٽن ۽ ٻن برٿ واري ان ڪُوپي ۾ هنن سان گڏ هڪ سلوواڪ پوڙهي بہ ويٺي هئي. هو ٻئي هڪ سيٽ تي ٿي ويٺا.

ڪجهہ دير هو خاموشيءَ سان ٻاهر ڏسندا رهيا. ان کان پوءِ عائده، آيان جي جهوليءَ ۾ مٿو رکي سمهي پئي. آيان، دريءَ کان ٻاهر ڏسندو رهيو. ان وچ ۾ پوڙهيءَ پنهن جي ٿيلهي مان گهر جا ٺهيل سينڊوچ ڪڍي کائڻ لڳي ۽ آيان کي بہ دعوت ڏنائين پر آيان انڪار ڪندي کيس چيو:

”نہ مهرباني!“.

پوڙهيءَ هن ڏي ڏنوءِ پڇيائينس:

”وِي ويئيچي سلووينچينا“. (اوهان سلوواڪ ڄاڻو ٿا؟)

”آنو“. (ها)

”تا توبي واشا منجلڪا؟“. (اها اوهان جي گهر واري آهي؟).

”نيئي، پراتيئلڪا“. (نہ، محبوبا آهي).

”ڪراسنا يي“. (خوبصورت آهي).

”جيڪوئييم“. (مهرباني).

لڳي پيو تہ پوڙهيءَ کي بہ ڳالهيون ڪري سفر ڪاٽڻو هو پر آيان کي بہ ان تي ڪو اعتراض ڪو نہ هو.

”ڪام ايديئچي“. (ڪيڏانهن پيا وڃو؟).

”تاترا“.

”اليهہ پريسني گجي“. (هاٽي پر ڪٿي؟)

پهريان تہ استاري سموڪوويتس ۾ رهنداسين، پوءِ وري سڄي تاترا ۾ پيا گهمنداسين

هاٽي وري آيان کانئنس پڇيو:

”اوهان، براتيسلاوا ۾ رهندا آهيو؟“.

”نہ، هتي پٽ رهندو آهي، هونئن اسان پوپراد شهر جا آهيون“.

پوءِ ان پوڙهيءَ جنهنجو نالو مگدا هو . کيس ٻڌايو تہ هوءَ پٽ وٽ آئي هئي، بہ ٽي ڏينهن رهي هاٽي گهر پئي وڃي. هن جو مڙس مري ويو هو. کيس صرف هڪ پٽ هو جيڪو ڪنهن اسڪول ۾ استاد آهي. هوءَ پاڻ بہ استاد هئي، هاٽي رٽائر آهي. سندس مڙس بہ سال اڳ جيري جي ڪينسر ۾ مري ويو. آيان کانئس پڇيو تہ پوءِ هوءَ پٽ سان گڏ ڇو نہ ٿي رهي. ان تي هن چيس: ”اسان وٽ اهو رواج گهٽ آهي، شايد توهان وٽ هجي تہ بزرگ والدين پنهنجن ٻارن سان گڏ رهن. هتي والدين وٽ جي گهر هجي ۽ اتي ٻار شادي ڪرڻ کان پوءِ بہ رهڻ چاهين تہ والدين اجازت ڏيندا آهن پر ايئن گهٽ ٿيندو آهي تہ والدين ڪنهن شادي شده ٻار وٽ

وڃي رهن. هر هڪ جو پنهنجو ڪٽنب آهي. هو جيئن پنهنجن ٻارن جي تربيت ڪرڻ چاهين، تيئن ڪن. زال مڙس جيئن پاڻ ۾ رهڻ چاهين تئين رهن. هڪ نسل جو فرق وڌو ٿئي ٿو. اسان جو وقت پيو هو اسان جي سوچ بہ اها هوندي تہ هاڻي مان ڪيئن پنهنجي پٽ کي صلاح مشورو ڏئي سگهنديس يا هن کي ڪجهہ چئي سگهنديس يا وري پوٽي کي ڪجهہ سمجهائي سگهنديس. مونکي ڪمپيوٽر جي کهڙي ڄاڻ. آيان ان پوڙهيءَ جون اهڙيون منطقي ڳالهيون ٻڌي سوچڻ لڳو تہ اسان جي ڪا پوڙهي هجي ها تہ ننهن جي گلا تہ ضرور ڪري ها. روئي بہ ضرور ها، تہ هن عمر ۾ ٻار سندس خيال نہ ٿا رکن. مگدا وري کيس ٻڌايو تہ هوءَ پوپراد جي پرسان پنهنجي گهر ۾ رهي ٿي کيس ڪچن گارڊن بہ آهي، جنهن ۾ هوءَ اونهاري ۾ ڀاڄيون پوکي ٿي. جنهنڪري کيس پٽاٽا، پيز، گوبي، بند گوبي پنهنجي ٿئي، جنهنکي هوءَ وري برنين ۾ حفاظت سان رکي سڄو سال استعمال ڪندي آهي ۽ گهڻو ڪجهہ پنهنجي پٽ ڏانهن بہ موڪليندي آهي. پيو تہ سندس سهيليون بہ ان ڳوٺ ۾ آهن. اتي رهڻ ڪري هاڻي ان جي زندگي اها ئي آهي.

پوءِ هن آيان کي زوري ساسيجز ڏنا تہ اهي سندس گهر جا ٺهيل آهن. ان کان علاوه کيس هڪ بوتل بہ ڏني ۽ چيو تہ هي ”سلوووِيتسا“ (آلوبخاري جو شراب جيڪو گهڻو تيز هوندو آهي) تاترا جي سردي ۽ محبوبا جي موجودگيءَ ۾ کيس گهڻو ڪم ايندو. هن جي گهڻي زور ڀرڻ تي آيان اهي شيون پاڻ وٽ رکيون. ان پوڙهيءَ کيس پاڻ وٽ رهڻ لاءِ چيو پر آيان کيس چيو تہ هو اڳ ئي تاترا جي مختلف هنڌن تي رهڻ جي جڳهن جي بوڪنگ ڪرائي چڪو آهي. پر پوڙهي بہ ڪا مڇڙو هئي يا ايڏي قربدار هئي جو آيان کي پنهنجي ايڊريس ۽ ٽيليفون نمبر ڏيندي چيائين تہ واپسيءَ ۾ جي کين وقت ملي تہ هن وٽ هڪ بہ ڏينهن رهي پون.

ڪجهہ دير خاموشي ٿي وئي ۽ ٻئي ٻاهر نهارڻ لڳا. عائده اڃان ننڊ ۾ هئي. پوڙهيءَ آيان کان پڇيو تہ هو ڪهڙي ملڪ جو آهي آيان کيس پاڪستان جي باري ۾ ٻڌايو تہ هن وري عائده جي باري ۾ پڇيو جنهن تي آيان کيس ٻڌايو تہ هوءَ البانيا جي آهي. جنهن تي عورت پڇيس تہ ، ٻئي محمدن (مسلم) آهيو؟! آيان

ڪيس ٻڌايو تہ هو آهي. باقي عائده عيسائي آهي. جنهن تي عورت حيران ٿيندي ڪيس چيو تہ اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ آيان ڪيس چيو تہ پيار ۾ عشق جي ڪري سڀ ممڪن آهي.

پوپراد پهچڻ وارا هئا تہ آيان کي مهندر ياد آيو. جيڪو بہ جڏهن پوليس کان ڀڄل هو تہ تہ هن شهر جي ڪنهن هوٽل ۾ رهيل هو. جتان وجي پوءِ هن خودڪشي ڪئي هئي ۽ پوليس کي لکيل خط ۾ پوپراد جي هوٽل جي بار ي ۾ لکيل هو. پوپراد، ان شهر ڪوشيتسي کان گهٽ پري ناهي جتي مهيندر پڙهندو هو. اهو حصو "اوپر سلوواڪيا" سڏبو آهي.

آيان، عائده کي اٿاريو تہ اسٽيشن اچڻ واري آهي. هو ٻئي اسٽيشن تي لٿا. پوڙهي ڪين پيار ڪري موڪلائي وئي. هو وري اسٽيشن جي ڪائونٽر طرف ويا جتان هنن استاري سموڪوويتس لاءِ ٽڪيٽ ورتي، اتان ڪين ٻي ٽرين ڪٽڻ واري هئي، جنهنکي ڪيبل ٽرين پئي سڏيو ويو جيڪا ننڍي گيج جي هئي. اها ڪيبل ٽرين بہ بجليءَ تي ئي هئي پر ان جي هيٺان هڪ لوهي رسو بہ هو جنهن سان جڙيل هجڻ ڪري هو مٿاهين ڏانهن وجي پئي سگهي.

پوپراد جي اسٽيشن بہ خوبصورت ٺهيل هئي، جنهن مان اهو پئي ٻکيو تہ ڪنهن پهاڙي علائقي جي اسٽيشن آهي. آيان کي ياد آيو تہ ان علائقي ۾ سڀ اسٽيشنون اهڙيءَ ريت ٺهيل آهن جتان ان علائقي جي ثقافت جي ڄاڻ پئي ٿي. انهن هنڌن تي ڪاٺ جو بہ گهڻو استعمال ٿيل آهي، جو پراڻي زماني ۾ انهن هنڌن تي ماڻهو ڪاٺ جو جهوپڙيون ۾ گهر ناهي رهندا هئا.

هو ٻي پليٽ فارم تي آيا. جتان هنن جي ٽرين وڃڻي هئي. ان کان اڳ ۾ آيان هڪ فوڊ اسٽال تان سينڊوچ ورتا. بوگيءَ ۾ چڙهڻ کان پوءِ هنن ڪا خلاصي سيٽ پئي ڳولهي. هونئن گاڏيءَ ۾ گهڻا ماڻهو ڪو نہ هئا. ان ريل ۾ سيٽن تي نمبر بہ ڪو نہ هئا. جنهن کي جتي وڻي اتي ويهي. ٽرين هلڻ لڳي. شهر کان ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ خوبصورت منظر شروع ٿي ويا. ٻاهران ننڍا ڳوٺ، سر سبز ٻنيون. آيان ۽ عائده بيئر پيئڻ لڳا ۽ سينڊوچ بہ کائڻ لڳا. ان وچ ۾ ننڍيون اسٽيشنون بہ پئي

آيون. جن تي ڪي مسافر لٿا پئي تہ ڪي وري چڙهيا پئي. آيان، عائده کي ٻڌايو تہ ڪيس تاترا هل اسٽيشن ڏاڍي وڻندي آهي، انڪري جڏهن بہ ڪجهہ ڏينهن موڪل هوندي هئي تہ هن طرف نڪري ايندو هو. ڪڏهن دوستن سان تہ ڪڏهن اڪيلو. ڪيس هتان جون خوبصورتيون، وڻن جي خوشبوءِ، ٻيلي ۾ ڪنيپون ميڙڻ ڏاڍو سٺو لڳندو آهي. هن ڪيس ٻڌايو تہ هڪ ڀيري هو اڪيلو ئي هن طرف نڪري پيو هو. ڇو جو سندس دل تنها رهڻ پئي چاهيو. هو پاڻ سان ڪتاب ۽ موسيقيءَ جون ڪيسيٽون کڻي آيو هو. ان وقت هن ڪنهن بہ هوٽل يا ريسٽ هائوس ۾ بوڪنگ نہ ڪرائي هئي. هن جو خيال هو تہ جتي سندس دل چوندي تہ ان اسٽيشن تي لهي پوندو. جتي هن جي دل چاهيندي اتي رهي پوندو. جڏهن اونده ٿيڻ لڳي هئي تہ هو "پود ليسوم" (ٻيلي هيٺان) اسٽيشن تي لهي پيو هو. ان ننڍڙي اسٽيشن تي لٿو تہ ماڻهو ڪيس حيرت مان ڏسي رهيا هئا. ڇو جو ان هنڌ تي گهٽو ڪري سياح لهندا ئي ناهن جي ايندا بہ آهن تہ سياري ۾ اسڪنگ جي لاءِ. پر انهن ۾ بہ هنن ڪڏهن ناسي يا ڪارو سياح نہ ڏٺو هو باقي نہ تہ رڳو هتان جا يا ويجهڙ جي ڳوٺن جا ماڻهو لهندا هئا. هو سڌو ٽڪيٽ ڪائونٽر تي ويو ۽ اتي ويٺل ڇوڪريءَ کان پڇيو تہ هتي رهڻ لاءِ ڪيس ڪا جڳهہ ملي سگهندي؟!. ڇوڪريءَ ڀهريائين تہ ڪيس حيرت مان نهاريو پوءِ ٻڌايائينس تہ اهو هڪ ننڍو ڳوٺ آهي پر وري بہ بہ اهڙيون جڳهون آهن جتي رهي سگهجي پيو پر جيئن تہ هاڻي ٽوئرسٽ سيزن ناهي انڪري انهن جي بہ مرمت پئي هلي. اها ڳالهہ ٻڌي، آيان پريشان ٿي ويو. هن وري ڪائنٽس استاري سموڪوويٽس لاءِ ٻي ٽرين جو پڇيو. جنهن تي هن ڪيس ٻڌايو تہ اها آخري ٽرين هئي جنهن مان هو لٿو هو. ان تي آيان وري پريشان ٿيو. هن کي پريشان ڏسي ان عورت ڪيس چيو تہ اسٽيشن جي ويٽنگ روم ۾ رات رهي سگهي ٿو. صبح جو جيئن ٽرين اچي تہ هو پوءِ پلي وڃي. آيان سندس لک ٿورا مڃيا. ان عورت ڪيس ويٽنگ روم کولي ڏنو. آيان پنهنجو رڪ سيڪ ڪمري ۾ رکي پاڻ ٻاهر اچي، ان ساڳي عورت کي پنهنجو تعارف ڪرايو. ان بہ پنهنجو نالو سِويتلانا ٻڌايو. آيان ڪيس چيو:

”آءُ ڳوٺ ۾ وچي ڪجھ ڪائي پي اچان، پوءِ اھو روم ڪليل ھوندو يا ڪا چابي ڏيندئو؟!“

جنھن تي سويتلانا، ڪيس ٻڌايو:

”آءٌ ھتي ئي رھنديس، مان بہ ٻي ڳوٺ جي آھيان، ھاڻي واپسي نہ ٿيندي، جڏھن منھنجي اھڙي ڊيوٽي ھوندي آھي تہ رات ھتي ئي رھي پوندي آھيان، تنھنڪري جنھن وقت واپس اچو تہ ڪمري جو در کڙڪائجو“.

آيان سندس مھرباني مڃيندي، ڪائنس ريسٽورنٽ تان ڪجھ وٺي اچڻ لاءِ پڇيو. جنھن تي ھن انڪار ڪيو. ھن ڪيس ڳوٺ جي ڪرچمي(پب) جو ڏس ڏنو.

آيان اسٽيشن مان نڪري گھٽين ئي گھٽين مان ان پب ڏانھن وڌيو. ڪيس ننڍڙو ڳوٺ سھڻو لڳي رھيو ھو. گھٽيون ڪشاديون، گھر سھڻا، درين ۾ گلن جون ڪونڊيون رکيل، گھٽن گھرن تي ٻاھران فانوس لڳل ھئا. ھو پب ۾ داخل ٿيو. اتي دونھين ۽ آوازن جو انبوھ ھو. ھن ڏٺو تہ ان ننڍي پب جون سڀ ميزون ڀريل ھيون. ھن جي داخل ٿيڻ تي سيني ھن ڏانھن حيرت مان ڏٺو پر وري پنھنجين ڳالھين ۾ لڳي ويا. آيان ڪائونٽر جي سامھون رکيل ھڪ اسٽول تي وڃي ويٺو. بارمين سندس ويجھو آيو ۽ ڪيس چيو

”دوبري ويچر“. (گڊ ايوننگ).

”دوبري ويچر“. آيان ڪيس وراڻي ڏئي ڪيس پنھنجي لاءِ بيئر جو آرڊر ڏنو. آيان پنھنجي چوڌاري نظر ڊوڙائي تہ پب ۾ ڪيس وچولي عمر وارن ۽ پوڙھن جي گھٽائي نظر آئي. انھن ۾ بہ گھٽا ھاري يا مزدور لڳي رھيا ھئا. جيڪي وڏي آواز ۾ ڳالھائي رھيا ھئا. ھن جي پير ۾ ٻي اسٽول تي بہ ھڪ ڪراڙو ويٺل ھو. جڏھن آيان جو بيئر آيو تہ ان پوڙھي ڪيس چيئرس ڪيو. آيان ٻن ٽن بيئرس ڪان پوءِ بارمين کان کاڌي لاءِ پڇيو تہ ھن ٻڌايس تہ ھن وٽ رڳو بند گوبيءَ جو ۽ مٽرن جو سوپ آھي. آيان ڪيس مٽرن جي سوپ جو آرڊر ڏنو. ھن کي اھو سوپ دال وانگر لڳندو ھو.

ٿوري دير ۾ بارمين، سوپ ۽ هڪ ننڍي ٽوڪريءَ ۾ دسترخوان ۾ ويڙهيل ناسي بريڊ رکي. آيان اها کائڻ لڳو.

واپسيءِ ۾ آيان هڪ ڳاڙهي وائين جي بوتل ۽ بيئر جون بوتلون ورتيون.

اسٽيشن تي آيو هن دروازو کڙڪايو تہ سِويتلانا، دروازو کوليو ۽ آيان کي ويٽنگ روم جي چابي ڏنائين. سِويتلانا، پنهنجي يونيفارم لاهي، سليپنگ سوٽ پاتو هو. آيان کيس، وائين جي بوتل ڏيندي چيو :

”هي اوهان جي لاءِ“.

”مون تہ اوهان کي منع ڪئي هئي“.

”منهنجي دل چاهيو“.

ائين چئي آيان چابي کڻي ويٽنگ روم جو دروازو کولي اندر هليو ويو. هن پنهنجي رڪ سيڪ مان جاڳنگ سوٽ ڪڍيو. جنهنکي هو سمهڻ جي ڊريس طور استعمال ڪندو هو. ايتري دير ۾ دروازي تي کٽ کٽ ٿي، آيان ڏٺو تہ سِويتلانا هئي جنهن جي هٿ ۾ وائين جي بوتل ۽ ٻي هٿ ۾ ٻہ گلاس هئا.

”جي وٽي آيا آهيو تہ پوءِ اچو تہ پيئون“.

آيان هن جي اندر اچڻ لاءِ در کوليو تہ سِويتلانا کيس چيو:

”نہ ٻاهر ورانڊي ۾ ٿا ويهون“.

آيان دروازو بند ڪري ٻاهر آيو ۽ هو ٻئي ورانڊي ۾ رکيل هڪ بينچ تي ويهي رهيا. ڳوٺ ۾ خاموشي هئي پريان ڪٿان ڪٿان ڪنهن ڪتي جي ڀونڪ ٻڌڻ ۾ پئي آئي.

سِويتلانا، هڪ گلاس ۾ وائين وجهي ٻي ۾ وجهي رهي هئي تہ آيان کيس منع ڪندي چيو:

”مان بيئر پيئندس آهي، اهو ئي پيئندس“.

هن بيئر جي بوتل کنئي تہ سِويتلانا، آفيس مان ٻجي کولڻ لاءِ اوپنر کڻي آئي.

سِويتلانا، هن کان پڇيو تہ هو هن هنڌ ڪيئن رهي پيو؟! ان تي آيان کيس ٻڌايو تہ بس ڪجھہ ڏينهن کان هو بي چين هو کيس تبديلي کپندي هئي. پر هن اڪيلو پئي رهڻ چاهيو، انکان علاوھ پنهنجي زندگيءَ مان ترتيب ڪڍي ڪجھہ گهڙيون حالتن جي حوالي سان گهارڻ پئي چاهيون. انڪري هن اهو ارادو تہ ڪيو تہ کيس تاترا وڃڻو آهي، پر هن اهو فيصلو نہ ڪيو هو تہ رات ڪٿي گذاريندو؟!.

”توهان کي گرل فرينڊ ناهي؟“.

”آهي، پر هن دفعي ان کي بہ ساڻ ڪٺڻ نہ پئي چاهيم جنهن تي هوءَ مون کان چڙي بہ سهي“.

”بي چيني ڇو؟“.

”بس اها خبر هجي ها تہ اها بي چيني ختم نہ ڪري ڇڏيان ها“. ويرم رکي وري چيائين:

”بس پنهنجو پاڻ کي ڳولهڻ پئي چاهيم“.

”اڄ تائين ڪنهن پنهنجو پاڻ کي ڳولهي لڌو آهي، ڪنهن بہ نہ“.

”ائين ناهي، اسان وٽ صوفين، هندو ۽ ٻڌ ڌرم ۾ رشين، ساڌوئن، ڀڪشوئن پاڻ کي ڳولهي لڌو آهي“.

سِويتلانا، کلي تہ آيان کي لڳو تہ هُن تي وائين اثر ڪري رهيو آهي. سويتلانا چيو:

”منهنجي خيال ۾ تہ ايئن ناهي، هو تہ ٻي کي ڳولهيندا آهن، خدا کي ڳولهيندا آهن، ايشور کي ڳولهيندا آهن، ٻڌا کي ڳولهيندا آهن. پر اهو ڳولهيندي ڳولهيندي هنن تي اهو راز کلندو آهي، تہ هو جنهن کي ڳولهين پيا اهو تہ هنن جي اندر ۾ موجود آهي، سو هو ڳولهين ٻين کي پيا پر لڀي پاڻ ۾ پيين“.

”پنهون پنهون ٿي ڪيم پنهون هيس پاڻ“.

”رب رب ڪردي فران..“.

”ڇا چيو توهان؟“.

”توهان واري ڳالهہ جي تصديق پئي ڪيم. اسان وٽ صوفي شاعر ائين چئي ويا آهن. پر اجان تائين بہ منهنجو من نہ ٿو مڃي. مان سمجهان ٿو تہ مون وٽ ڪو دليل ناهي پر اهو ضرور چئي سگهان ٿو تہ جيستائين ماڻهو پنهنجو پاڻ کي نہ ٿو ڳولهي سگهي، تيستائين ٻي ڪنهن کي ڪيئن ڳولهي سگهندو؟!“.

”مون اهو سڀ ڪجهہ ائين نہ چيو آهي، مون ٿيالوجي پڙهي آهي، مسٽسزم پڙهي آهي، هندو ڌرم کي پڙهيو اٿم، ٻڌ ڌرم جو پيرو ڪنيو اٿم. اوشو جي ڪتابن کي ولوڙيو اٿم. تڏهن ان نتيجي تي پهتي آهيان جيڪو نج منهنجو پنهنجو نظريو آهي“.

”توهان يونيورسٽي ۾ اهو سبجيڪٽ ڪنيو هو ڇا؟“.

”يونيورسٽي پاس هجان ها تہ هن ننڍي اسٽيشن تي ٽڪٽ وڪڻندڙ هجان ها. مان تہ رڳو جمنازيم پاس ڪئي آهي، يونيورسٽي ڪٿي پڙهي سگهيم؟! خواهش تہ ڏاڍي هئي. باقي اهو سڀ ڪجهہ پڙهڻ جو موقعو بہ هن نوڪريءَ جي ڪري مليو. اڄ توهان اتفاق سان رهي پيا آهيو نہ تہ هفتي ۾ منهنجي ٽي دفعا ٻٽي ڊيوٽي هوندي آهي. پوءِ مون کي هتي رهڻو پوندو آهي. هتي اڪيلي، هوندي آهيان، پهريائين تہ موسيقي ٻڌندي هيس، ڪنهن پنهنجي سهيلي يا دوست کي هتي رهڻ لاءِ چوندي هيس. پر ڪيستائين؟! ان ڪري اڪيلي رهڻ لڳيس. ان خاموشيءَ، ان گهڻي وقت مون کي سوچڻ جو موقعو ڏنو. پهريائين تہ عجيب سوچون هونديون هيون. سيڪس جون، سڦل جيون گذارڻ جون، ٻي ڪنهن کي هارائي پاڻ کي کٽرائڻ جون. پر پوءِ مون کي لڳو تہ اهو سڀڪجهہ اجايو آهي. انڪري مون دنيا جي تخليق کان وٺي انسان جي تخليق تي سوچڻ شروع ڪيو پوِ اهو سوچيو تہ هن جي تخليق جو مقصد ڪهڙو آهي؟“.

”ان عمل ۾ ڪو استاد يا رڳو توهانجي سوچ هئي؟!“.

“منهنجي پنهن جي سوچ هئي. هتي تہ سوشلسٽ حڪومت ۾ اهڙي سوچ رکڻ گناهہ هو. انڪري اهو اندر ۾ لڪائي پئي جيئندي هيس. پوءِ هڪ منهنجي سهيلي مون کي ٻڌازم تي ڪتاب آڻي ڏنو. هوءَ ايسٽ جرمني وئي هئي ۽

اتي ڪنهن دوست جي گهر ۾ اهو ڪتاب ڏسي منهنجي لاءِ وٺي آئي هئي. اهو پڙهيم. پوءِ اهڙي ريت جستجو وڌندي وئي. مون گهڻي پڙهائي 1989 جي انقلاب کان پوءِ ڪئي. جڏهن سرحدون کليون تہ جيڪي دوست ٻاهر جرمني، آسٽريا يا ڪن ٻين ملڪن ۾ ويندا هئا تہ هنن کي ڪتاب لکي ڏيندي هيس..... ڪتاب تہ نہ پر مذهبن جا نالا، اوشو جو نالو، اهڙي ريت مون وٽ ڪتاب پهچندا ويا ۽ منهنجي دنيا محدود مان لامحدو ٿي وئي پر وري محدود ٿي وئي“.

”اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي!!“.

”سمجهہ ۾ ايندءِ بہ نہ، جي ڪنهن جي سمجهائڻ سان اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ها تہ دنيا ۾ ايڏا وڳوڙ نہ هجن ها“.

”هاڻي توهان مطمئن آهيو؟“.

”مطمئن ڪوئي ڪڏهن بہ ڪو نہ هوندو آهي پر طمع مري وئي آهي“.

”ڇا جي؟“.

“سُک جي، خواهشن جي مڪمل ٿيڻ جي. پنهنجو پاڻ کي امر ڪرڻ جي“.

”ٻار آهن؟“.

”هئا؟“.

”مطلب؟“.

”مڙس ڇڏي ويو ٻارٻاڻ سان وٺي ويو“.

”ڇو ڇڏي ويو؟“.

”ڇيائين تون هاڻي ، فرج جيان ٿڌي ٿي وئين آهين. مون کي رسپانس نہ ٿي ڏين“.

”بس انڪري؟!“.

”ها انڪري“.

”پوءِ ٻار ڇو وٺي ويو؟“.

”اها مون کي پاڻ سمجهہ ۾ نہ آيو. شايد، هميشهہ لاءِ مون مان جان ڇڏائڻ چاهيائين نہ تہ ڪو نہ ڪو رابطو تہ رکڻو پئيس ها“.

”پوءِ؟“.

”شادي ڪري ڇڏيائين، ٻار هن جي ماءُ سان گڏ رهن ٿا“.

”توهان ڪو ڪيس نہ ڪيو عدالت ۾؟!“.

”نہ، مون کي الائي ڇو يقين هو ۽ آهي تہ ٻار منهنجا آهن، ڪٿي بہ رهن منهنجا آهن ۽ مون ڏي ورندا ضرور“.

”هاڻي ايندا آهن؟!“.

”هڪڙو تہ ننڍو آهي پر وڏو ڇوڪرو پيءُ کان لڪي مون وٽ ايندو آهي، ڪيس جام پيار ڪندي آهيان، هو رڳو منهنجن هٿن کي چمندو ۽ سنگهندو رهندو آهي، ۽ چوندو آهي تہ مون اهڙي خوشبو ڪٿي نہ سنگهي آهي“.

آيان جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو ڪيس پنهنجي ماءُ جي هٿن جي خوشبو ياد اچي وئي.

”هو مون ڏي ئي ورندا، پر الائي ڇو يقين اٿم تہ منهنجو مڙس بہ مون ڏانهن ورندو. جڏهن سندس جنسي خواهشون ڍريون ٿينديون، جيڪي ضرور ٿيڻيون آهن“.

”جنس يا سيڪس گناهہ تہ ڪونهي؟ اوشو بہ ايئن چيو هو“.

“ها، پر ان تي مون کي اوشو سان اختلاف آهي، سيڪس کي گناهہ نہ سمجهجي پر ان کي پنهنجي مٿان مڙهڻ نہ ڏجي“.

”خير اهو وقت طلب بحث آهي“.

سِويتلانا، هن کان پڇيو:

”يوگا ڪندا آهيو ڇا؟“.

”ها پر پابنديءَ سان نہ“.

”ڇو جو توهان ڳالهائيندي ڳالهائيندي اٽڪاٽائيءَ ۾ پدم آسڻ ۾ ويهي رهيا“.

آيان ڪليو.

”ھا ايئن ڪرڻ سان منھنجو ٽڪ پڇندو آھي“.

”پر لڳي ٿو تہ يوروپين ۽ انڊين سڀ ڪانٽينٽ جي ايناٽاميءَ جو فرق آھي. اسان کي ان لاءِ ڏاڍي رياضت ڪرڻي پوندي آھي تہ ٻنھي پيرن کي سٿرن جي مٿان ڪيئن رکون پر توھان آسانيءَ سان ڪري ويندا آھيو“.

”شايد. ائين ھجي مون کي خبر ناھي“.

ڳالھين ئي ڳالھين ۾ آيان پنھنجي بيئر جون بوتلون خالي ڪري ويو. ڪيس اڃان ٻاڙ ٿي. ٻيو ھن جي اندر جي بيچيني بہ وڌندي پئي وئي تہ اھڙي خوبصورت ماحول ۾ سھڻي عورت ساڻ ھوندي بہ ھن کي پيار نہ پئي ڪري سگھيو.

سِويتلانا. ھن ڏانھن پنھنجي وائين جي اڌ بوتل وڌائيندي چيو:

”ھي پيئو. باقي ٻيو ڪم ٿي نہ سگھندو“.

آيان شرم کان ڪنڌ ھيٺ ڪيو تہ ھن سندس سوچن کي ڪيئن پڙھي ورتو.

”پر. آءُ اوھان کي ڀاڪر ۾ ڀري سگھان ٿي. توھان کي اڪيلي پڻ جي احساس کان نجات ڏيارڻ لاءِ“.

ھن آيان کي ڀاڪر پاتو. آيان کي اھا خوشبو پنھنجي پنھنجي لڳي.

ھو گھڻي دير اتي ويٺا رھيا.

آيان کي ھڪ ڳالھ جي حيرت لڳي تہ ھن جي ڀاڪر ۾ بہ ھوندي جيڪا ھڪ سھڻي عورت بہ آھي، ھن جي من ۾ سيڪس جي خواھش ڪر ڇو نہ ڪنيو. ان تي سوچڻ لڳو تہ ڪيس سِويتلانا چيو:

”پنھنجو پاڻ کي ٿڪايو نہ. توھان گھڻا ٿڪيل آھيو جڳن جا ٿڪيل آھيو. اکيون بند ڪري، ڏسو تہ توھان ڪيئن نہ جھرڻي جي ھيٺيان ويٺا آھيو. پاڻيءَ جي موسيقي محسوس ڪيو. محسوس ڪيو توھان ھڪ پوپٽ ۾ تبديل ٿي ويا آھيو. توھان اڏامي ھڪ گل تي ويھو ٿا....“.

اھو ٻڌندي ٻڌندي، آيان کي ننڊ اچي وئي. صبح جو اٿيو تہ ڏٺائين تہ ھو سِويتلانا جي ھنج ۾ ستو پيو ھو. ھوءَ بہ ستي پئي ھئي سندس ڪنڌ بينچ جي پٺيءَ تي ھيو. ھن جا سونھري وار سندس سيني تي پکڙيل ھئا.

آيان جي چرپر جي ڪري سويتلانا بہ سجاڳ ٿي وئي. ھو ٻئي پنھنجي پنھنجي ڪمري ۾ ويا.

ٿوري دير کان پوءِ آيان جي ڪمري جو دروازو کڙڪيو. ھوءَ ڪافي کڻي آئي ھئي. ان سان گڏ مکڻ ۽ گھر جي ٺھيل جيم لڳل بريڊ بہ.

آيان تيار ٿيو. ھن کي پنھنجي اندر ۾ ھڪ تبديلي محسوس ٿي.ٻاھر استاري سموڪوويتس وچڻ لاءِ اسپيڪر تي انائونسمينٽ ٿي. ھن پنھنجو رڪ سيڪ کنيو. سِويتلانا، بہ ٻاھر بيٺي ھئي. آيان بي اختيار جھڪي سندس پيرن تي ھٿ رکيا ۽ ھن سندس پيشانيءَ کي چميو. آيان کي لڳو تہ اھا چمي سندس نرڙ تي چمڪي رھي ھئي.

گاڏي چرڻ شروع ٿي، ٻنھي جا ھٿ لڏندا رھيا ۽ ماٺڪين جا لينس ڏنڏلا ٿيندا ويا.

آيان کي پيشانيءَ تي چمي محسوس ٿي، اھا عائده ھئي جنھن ڪيس ھن حالت ۾ واپس ورايو ۽ چيائين:

”ٻڏائيندي ٻڏائيندي ڪٿي گم ٿي وئين. پر مون ڏٺو تہ تون پنھنجي ڌن ۾ مگن ھئين انڪري تو کي ڊسٽرب نہ ڪيم“.

آيان خاموش رھيو. ٽرين آھستي آھستي رڪجي رھي ھئي.

اسٽاري سموڪوويٽس جي اسٽيشن اچي وئي ھو ٻئي اتي لٿا. عائده کي اسٽيشن جي عمارت وڻي، جيڪا اھا پراڻي ۽ ثقافتي انداز ۾ ٺھيل ھئي. ٻاھر نڪتا تہ آيان پنڌ ئي پنڌ ھلڻ لڳو تہ عائده ڪائنئس پڇيو تہ ٽيڪسي تي ھلبو؟! جنھن تي آيان چيو:

”ان تي بہ ھلي سگھجي ٿو پر پيادل بہ پري ناھي. مان ايئن ويندو آھيان“.

”تہ پوءِ ٺيڪ آھي“.

ھو ٻئي ھٿ ھٿ ۾ ڏئي سنسان روڊ سان ھلندا ويا. عائده کي اھو ننڍو شھر تہ نہ پر ننڍو ڳوٺ سنو لڳي رھيو ھو. ڪجھہ دير کان پوءِ ھو روڊ ڇڏي ٻيلي ۾ ھلڻ لڳا. آيان ڪيس ٻڌايو تہ ھتي اڪنامڪس يونيورسٽي جو ريسٽ ھائوس آھي. جيڪو ھن جي سپروائزر ھنن لاءِ بوڪ ڪرائي ڇڏيو آھي. ان طر ف ھلون ٿا. عائده مرڪي ڪيس ڏٺو. ھو ھڪ ھنڌ پھتا. اھو ئي سندن مسڪن ھو. ھڪ ٻن منزلن وارو گھر ھو. ھو پنھنجي ڪمري تي ويا. سامان رکيائون ڪچن جو جائزو ورتائون گيس، فرج ، ٿانو موجود ھئا. ڪجھ دير آرام ڪرڻ کان پوءِ گھمڻ نڪتا. اوندھہ ٿي چڪي ھئي. رستي جون فوگ لائٽس ٻري رھيون ھيون. ھو انھن پيچرن تان ھلندا مين روڊ تي آيا. آيان ڪيس ان طر ف وٺي ويو جتي ريسٽورنٽ ھئا.

پر ان کان اڳ ۾ آيان عائده کي چيو تہ ناشتي لاءِ ڪجھہ وٺو هجي تہ وٺي ڇڏ، جو پوءِ دڪان بند ٿي ويندا. عائده خريداري ڪئي بل آيان ڏنو.

پوءِ هڪ ريسٽورنٽ تي آيا، جتي بيئر پيڻ بہ لڳا ۽ اتي ئي هنن بيف اسٽيڪ جو آرڊر ڏنو. جيڪو کائڻ کان پوءِ هو ٻئي هٿ هٿ ۾ ڏئي انگريزي فلمن جي گهوڙن جيان وات مان ٻاڦ اوڳاڇيندا پنهنجي ڪمري ڏانهن وڌيا.

عائده چيو:

”مون کي هي سڀ هڪ خواب ٿو لڳي، ايتري رومينٽڪ جڳهہ هي وڻ مان برسات کان پوءِ ڪرندڙ قطرا، پائينس جي خوشبوءِ، تنهنجي خوشبو، اڪيلا رستا، پيليون روشنيون ۽ تنهنجو ساٿ“.

”انڪري ئي توکي هن طرف وٺي آيس. مان هي جڳهہ پسند ڪندو آهيان“.

” پر مان ان کي پيار ڪرڻ شروع ڪيو آهي“.

سردي وڌي رهي هئي. هو اندر گهر آيا، ٿي ويءَ واري ڪمري ۾ هڪ فيملي ويٺي هئي، زال مڙس ۽ سندن هڪ ٻار هو. هنن انهن کي شام جو سلام ڪيو. هنن بہ ڪين وراڻي ڏني. هي ٻئي مٿي پنهنجي ڪمري ڏانهن وڌيا.

سندن بيڊ سان گڏ، ئي شيشي جي وڏي دري هئي. جنهن تي سنها اڇا ريشمي پردا، ۽ انهن جي اڳيان وري ناسي ٿلهي ڪپڙي مان ٺهيل پردا لڳل هئا. عائده ڳرا پردا هٽائي ڇڏيا، دريءَ مان ٻاهر ٻيلي جو منظر پئي نظر آيو. آيان ڪمري جي لائيٽ بہ بند ڪري ڇڏي تہ جيئن ٽيوب لائيٽ جي دريءَ جي شيشي تي رفليڪشن نہ پئي.

رڳو هڪ خوشبوءِ واري ميڻ بتي جيڪا هن دڪان تان خريد ڪئي هئي، اها ٻاري.

هو ياڪر ۾ ويٺا، پنهنجي مٿان ڪمبل وجهي ڇڏيائون. ٻاهر هلڪي روشني هئي. عائده البينين ٻوليءَ ۾ هڪ نغمو ڳائڻ شروع ڪيو. آيان خاموشيءَ

سان ٻڌندو رهيو. جڏهن عائده اهو ڳائي پورو ڪيو تہ پاڻ ئي ان جو ترجمو ٻڌائڻ لڳي:

In this world, love lives no more
Time has no time for us anymore, no
Noo, oh
Noo... oh...
Time has no time for us anymore

(هن دنيا ۾ پيار گهٽو
وقت نہ ٿو رهي،
وقت کي اسان لاءِ وڏيڪَ
وقت ناهي...... ناهي)

My airplane lands
On your souls's unlit runway.
They elbow their way and rise today,
Those who couldn't live yesterday.

(منهنجو جهاز،
تنهن جي روح جي اونداهي رن وي تي لٿو
اهي مڙيا ۽ جاڳي پيا
جيڪي ڪالهہ زندهہ رهي نہ سگهيا)

But yesterdays have no importance
they were devoured by stormy seas.
Oh, tomorrows won't bring anything,
Only hope without hope and madness...

(پر ڪالهہ کي ڪا اهميت ناهي
اهي ختم ٿي ويا طوفاني سمندن ڪري
اوهہ، سڀاڻو ڪجهہ بہ نہ کڻي ايندو
رڳو اميد، اميد بنا ۽ چريائپ..)

Let me cry... cry... cry...
Cause this is the best I can do now
Cause this is the best I can do now

(مون کي روئڻ ڏي
چو جو هن وقت اهو ئي ڪم چڱي نموني ڪري سگهان ٿي)

اهو ٻڌڻ کان پوءِ آيان، عائده کي چيو: ”مون تہ سمجهيو تہ ڪو رومينٽڪ گانو ٻڌائيندينءَ، هن مهل جهڙو هن موسم جهڙو پر ٻڌايئي بہ تہ اداسيءَ وارو، ڏک ۾ ڪاوڙ وارو“.

”ان جو مون وٽ ڪو خاص سبب ڪونهي، بس دل ائين چيو تہ مان بہ ٻڌائي وينيس. تون سنجيده نہ ٿي“.

هو ٻئي خاموش رهيا.

تاترا جي سير ۽ براتيسلاوا ۾ آيان جي گائيڊ پروفيسر سان ملڻ کان پوءِ هُو پراگ واپس آيا. سلوواڪيا مان واپسيءَ جي ٻي ڏينهن تي عائده جي واپسيءَ جي فلائيٽ هئي.

واپس اچڻ کان پوءِ هنن ٻنهي کي هڪ اداسي وکوڙي وئي. هنن کي پاڻ ۾ ڳالهائڻ ڪپندو هو جو هنن وٽ وقت ٿورو هو. پر ائين پئي لڳو ته هو جي ڳالهائيندا ته روئي ويهندا. انڪري ٻئي خاموش ٿي رهيا.

پراگ جي پراڻي شهر ۾ هو جڏهن ”اورلي پراها“، جيڪو ستارن جي علم جي حساب سان ٺهيل ٽاور آهي، جنهن ۾ وقت سان گڏ، گرهن جي چر پر به معلوم ڪري سگهجي ٿي، پهتا ته ان وقت ڏينهن جا يارهن وڄڻ وارا هئا، هو به ٻين سياحن جيان ان ٽاور وٽ اچي بيٺا. گھنڊ لڳڻ شروع ٿيو. ٽاور جون دريون کليون، ان مان ڪاٺ مان ٺهيل مختلف مذهبي شخصيتن جا مجسما نظر ايندا ويا ۽ آخر ۾ ڪڪڙ ٻانگ ڏني ۽ هڪ هڏائون پڇرو ڪري پيو. ان وقت سڀني سياحن جون ڪيمرائون ڪلڪ ڪلڪ ڪرڻ لڳيون. آيان به پنهنجي ايسٽ جرمن ڪيميرا پريڪٽيڪا سان فوٽو ڪڍيا. پر ان وقت به هو خاموش رهيا. باقي هو ٻانهن ۾ ٻانهن وجهي گهمي رهيا هئا. اتان ٿي هو پيدل ٿي پيدل چارلس برج تي آيا. هڪڙي مجسمي جي اڳيان عائده بيهي رهي ۽ ان مجسمي جي پاڙ ۾ هيٺ تي چار ماڻهو شيخن واري ڪوٺڙي ۾ بند هئا، ۽ مٿان هڪ ماڻهو پٽڪي سان بيٺل هو ۽ هڪ ڪتو انهن باندين تي ٻاهي رهيو هو. عائده، آيان کان پڇيو ته هي ڪنهن جا بت آهن ڇا ڪي ٿا ظاهر ڪن؟

آيان کيس ٻڌايو: ”اهي باندي عيسائي آهن جيڪي سلطنت عثمانيا وٽ قيد آهن. اهو پٽڪي وارو ماڻهو ترڪ سپاهي آهي. هي مٿي جيڪي مجسما آهن، اهي يان آف ماٿا، فليڪس آف واليسءِ ايوان جا آهن. سينٽ ايوان، جيڪو سلاو قوم جو سرپرست آهي، ان جو مجسمو هتي سمجهه ۾ نه ٿو اچي، باقي ٻئي ٻيا سينٽ، عيسائيت جا پرچارڪ رهيا آهن ۽ معاف ڪرڻ ۽ آزادي ڏيارڻ وارا به آهن. ڇو جو اهي ترڪن وٽ غلام بڻايل عيسائين کي خريد ڪري آزاد ڪندا هئا. هي جيڪي ماڻهو هيٺ بنديخاني ۾ آهن، اهي به ان ئي آس سان هنن کي پڪاري رهيا آهن ته جيئن کين به آزادي ڏيارين“.

”انهن ترڪي وارن وڏا ظلم ڪيا آهن، هتان ٻار ڪٽي ويندا هئا جن کي پاڻ وٽ رهائي انهن کي ٽريننگ ڏئي جنگ ۾ يورپ سان وڙهائيندا هئا ته جيڪڏهن مرن ته ٻنهي پاسن کان اهي ئي مرن. البانيا تي به انهن جي حڪومت رهي آهي، اسان وٽ به هنن جي تاريخ ڪا سٺي نه رهي آهي“.

ان مجسمي تان هٽي هو سينٽ جان آف نيپومڪ جي مجسمي جي پرسان آيا. آيان، کيس ان جي باري ۾ ٻڌايو ته عائده، پنهنجو هٿ پل تي ٺهيل نشان تي رکي ڇپن ئي ڇپن ۾ دعا گهري ۽ پوءِ پنهنجي سيني تي هٿن جي اشاري سان صليب جو نشان ٺاهيو.

چارلس پل پار ڪري هو مالا استرانا طرف آيا، ان جي ڇيڙي وٽ پراڻي زماني جي هڪ پاڙيءَ تي هلندڙ ڇڪي به لڳل هئي ۽ ان کان علاوه هڪ ننڍو واهه ولتاوا نديءَ مان ڪڍيو ويو هو، جيڪو پوءِ وري ڦيرو کائي ڪجهه مفاصلي کان پوءِ ساڳي ولتاوا سان مليو پئي. اهو هنڌ آيان کي ڏاڍو وڻندو هو، جو ان واهه جي ٻنهي طرف گهر ٺهيل هئا، جن پنهنجي دڪين تي گلن جون ڪونڊيون رکيون هيون، جيڪي سهڻيون لڳي رهيون هيون ۽ هن کي اهو پاسو وينس جي ڪنهن گهٽيءَ جهڙو لڳندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ان ۾ ننڍا ٻتيلا به هلندا هئا، جيڪي ماڻهن جا خانگي هئا. اتي پهچڻ سان هڪدم عائده چيو ته :

”هي ته جڻ وينس جي ڪا گهٽي هجي“.

”ها، مونکي بہ لڳندو آهي. جڏهن تہ مان وينس رڳو فوٽن ۾ ڏٺي آهي“.

”آءُ تہ اتي وئي آهيان، هڪ ڀيرو تہ پنهنجي البينين دوست سان بہ وئي هيس، پر اتي وڃي لڳو تہ مان غلطي ڪئي هئي. ڇو جو ان ٽوئر ۾ ئي اسان جا اختلاف وڌيا هئا، جنهن ڪري ئي پوءِ علحدگي ٿي وئي“.

”اوهہ“. آيان افسوس جو اظهار ڪيو تہ عائده موٽ ۾ وراڻيو:

”نہ افسوس جهڙي ڳالهہ ناهي، ان وقت ظاهر آهي تہ مان ٽٽي پئي هيس، پر هاڻي پاڻ سنڀالي وئي آهيان. يا ائين چوڻ صحيح ٿيندو تہ سنڀاليندي سنڀاليندي وري وکري وئي آهيان“.

”نہ ائين ناهي، اسان تہ رڳو هتان وڇڙون ٿا..... پر دلين کان تہ نہ ٿا جدا ٿيون، اهي مفاصلا اجان اسانجو قرب وڌائيندا“.

”ان بحث ۾ پوڻ نہ ٿي چاهيان. تو وٽ ان لاءِ پنهنجو منطق آهي، مون وٽ پنهنجو. آءُ اج وارو ڏينهن خراب ڪرڻ نہ ٿي چاهيان، انڪري تو سان ڪو بہ بحث ڪرڻ نہ ٿي چاهيان. انڪري ئي پنهنجو پاڻ تي ضبط ڪيو هو. جو هڪ تہ ڳالهائيندي روئي پوڻ جو خوف ٿو رهي، ۽ ڪا اهڙي ڳالهہ ٿي پوڻ جو بہ جنهن تي اسان پاڻ ۾ ڪاوڙجي پئون يا ٿورو بہ چڙي پئون“.

آيان ڪجهہ ڳالهائڻ پئي چاهيو تہ هن جا چپ جڪڙجي ويا ۽ هن جي ساهن ۾ ولتاوا ۽ ليپا جي خوشبو پکڙجي وئي.

هو جڏهن گهٽين مان ٿيندا، هرادچاني(صدارتي محل) پهتا تہ ان وقت فوجين جو هڪ جٿو پنهنجي ڊيوٽيءَ تي وڃي رهيو هو. انهن کي ڏسڻ لاءِ سڀ سياح بيهي رهيا ۽ هنن فوٽو ڪيڻ شروع ڪيا. جنهن تي عائده، هن کان پڇيو :

”هتي واقعي بہ صدر ويهندو آهي ڇا؟“.

”ها، هڪ پاسو صدارتي آفيس آهي ٻيو سياحن لاءِ کليل آهي“.

هو ٻئي چٽا چوڏهين صديءَ ۾ جڙيل گاٿڪ طرز تعمير واري چرچ جي فوٽو ڪيڻ کان پوءِ ان ۾ داخل ٿيا. اها چرچ پٿر جي ٺهيل هئي. اندر بہ اوچيون ڇتيون، وڏا وڏا ٿنيا ۽ شيشي جي درين تي تصويرون ڏاڍيون سهڻيون لڳي رهيون

هيون. عائده هڪ بينچ تي اڪيون ٻوٽي ويهي رهي. آيان تيستائين چرچ جي مختلف هنڌن جي فوٽوگرافي ڪندو رهيو.

اتان نڪرڻ کان پوءِ عائده وري هڪ ڀيرو خاموش رهي. هو ڪجهہ دير محل جي ٻاهران ٻيهي هيٺ نظر ايندڙ پراگ کي ڏسي رهيا هئا. وري اتان ئي هيٺ ويندڙ هڪ گهٽي، جنهن ۾ هر ڏهن ٻارهن ڏاڪن کان پوءِ ٽلهو هو. اها گهٽي آيان کي ڏاڍي وڻندي هئي، جو ان طرف گهٽ ماڻهو هوندا هئا پر اتان هيٺ يا مٿي ڏسڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو هو. هڪ ڀيري تہ هو اتي پنڌ پهڻ تي ويو هو جڏهن ان جي وچ تي هڪ عورت تمام وڏي سر ۾ اوپيرا ڳائي رهي هئي. هو ڏاڪا چڙهندو اتي پهتو، ڏٺائين تہ اها عورت انڌي هئي. هو ڪجهہ دير تہ هن کي ٻڌندو رهيو پوءِ هن جي آڏو وڇايل رومال ۾ ڪجهہ پيسا رکيائين.

هيٺ لهي هو بس اسٽيشن تي ويٺا رهيا. ٿوري دير کان طئي ٿيل وقت مطابق فهد بہ پهچي ويو.

هو ٻئي ڄڻا فهد جي ڪار ۾ پراگ پرسان سلاپي ويا. هو ان ساڳئي هنڌ تي پهتا، جتان ڀهاڙيءَ کان هيٺ، نديءَ ۾ سڙهہ واريون ٻيڙيون ٻيٺل نظر اچي رهيو هيون ۽ پريان گهاٽا گهاٽا وڻ هئا، هڪ خوبصورت منظر هو. هو ٻئي اداس هئا، آيان، هُن کي پنهنجي اڳيان بيهاري ڇڏيو هو. هُو ان خوبصورت منظر کي ڏسي رهيا هئا، پر هنن ٻنهي جو ڳالهائڻ ۾ ڪو چاهہ نہ هو. بس هو انهن منظرن کي، انهن گهڙين کي پنهن جي حافظي ۾ محفوظ ڪري رهيا هئا.

رات بہ هنن اتي ڪيمپنگ ڪئي. ٻاهہ ٻاري، وائين پيئندي، ساسيجز گرل ڪندي، هڪٻئي کي پيار ڪندي گذاري.

رات جو عائده روئندي رهي، آيان کي بہ هر وقت ڳلي ۾ ڳوڙهو محسوس ٿي رهيو هو.

صبح جو هاسٽل تان تيار ٿي ايئرپورٽ آيا، جتي بہ پورو وقت عائده، آيان کي ڀڪر ائي پائي روئندي رهي. ڊپارچر وقت، بورڊنگ ڪارڊ وٺندي، هُن ايترا ڳوڙها ڳاڙيا جو بورڊنگ ڪارڊ ڏيندڙ ڇوڪريءَ جي اکين ۾ بہ پاڻي اچي ويو هو ۽ آيان کي چيو هيائين:

”شي لوس يو ٽو مچ“. جنهن تي آيان هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو هو.

عائده روئندي، اميگريشن ٽپي اندر هلي وئي ۽ هُن جي پٺيان در بند ٿي ويو.

آيان اداس ٿي سوچيو تہ شايد هن قصي جو ٿي انت ٿي ويو.

پر ايئن نہ ٿيو.

ٻئي ڏينهن تي آيان جي ڪمري تي عائده جي البانيا مان فون آئي، جيڪا روئي آيان کي چئي رهي هئي:

”آءٌ توکان سواءِ رهي نہ ٿي سگهان“.

هوءَ زور زور سان روئندي رهي. ٻي پاسي کان آيان کيس پيار مان سمجهائيندو رهيو پر هوءَ بس ڪرڻ واري نہ هئي. عائده کيس چيو:

”تون مون سان ڇو مليئين؟!، تنهنجو ملڻ منهنجي لاءِ عذاب بڻجي ويو آهي“.

آيان وٽ خاموشيءَ کان وڌيڪ ڪو سٺو جواب نہ هو. هوءَ روئيندي ڪيس چوندي رهي:

”ڪِس يو ڪس يو.... آءِ هيٽ يو آءِ لو يو.... “.

ان کان پوءِ هوءَ روزانہ آيان کي فون ڪندي هئي.

آيان ڪجھہ ڏينهن پراگ ۾ رهي، جڏهن پاڪستان پهتو تہ سندس ان باڪس ۾ عائده جون ايميلز انتظار ڪري رهيو هيون.

”..تون منهنجي ميسيج جو جواب ڇو نہ ٿو ڏين؟ ڪيئن آهين تون؟ مان تنهنجي لاءِ پريشان آهيان تہ توکي ڇا ٿيو آهي؟ اها بہ پڪ ناهي تہ صحيح سلامت پهتو بہ آهين يا نہ؟ مهرباني ڪري مون کي جواب ڏي. پليز... آءُ چري پئي ٿيندي وڃان“.

”مان ٺيڪ آهيان پر هڪ شئي جي ڪمي آهي. اهو آهين تون. مون کي دوست آهن، هر پارٽيءَ ۾ بہ وڃان ٿي پر توکي وسارڻ ڏکيو آهي. پنهنجن لاڳاپن کي وسارڻ ڏکيو آهي“.

”ڪرسمس ويجهو آهي، پاڻ ٻئي گڏ هجون تہ ڪيڏو نہ سٺو“.

”پر اهو بہ سٺو آهي تہ نہ ملون ڇو جو آءُ هڪ ڀيرو ٻيهر توکان ڌار ٿيڻ جي سگهہ شايد ساري نہ سگهان. جلدي جواب ڏي، مِس يو ۽ ڪس يو“.

آيان ڪيس جواب لکيو تہ هو بہ ڏينهن اڳ پاڪستان پهتو هو ۽ هُن جي لاءِ بہ هتان جي زندگي عجيب عجيب پئي لڳي. لڳي ٿو تہ هو پنهنجي جسم ۽ روح جو ڪجهہ حصو اتي وساري آيو آهي.

رات جو ٽيچرس بيچلر هاسٽل جو پٽيوالو آيان جي روم تي ٻڌائڻ آيو تہ هُن جي فون آئي آهي. هن جيئن ئي فون تي ”هيلو“ چيو تہ پريان عائده جي آواز جي موسيقي وڄي. آيان جي من اندر ۾ هزارين روشنيون ڦُٽي پيون.

هوءَ ڳالهائي رهي هئي، کلي رهي هئي، چمي رهي هئي ۽ چئي رهي هئي:

”تنهنجي ايميل ملي، آءُ خوش آهيان تہ تون مون کي نہ وساريو آهي. حالانڪ اسان ڏاڍو مختصر عرصو گڏ گذاريو پر توکي وسارڻ ڏکيو آهي“.

”ها، مون کي بہ ايئن ٿو لڳي، هاڻي تہ خيرپور جون ڪجيون بہ تنهنجو ايپي پيير انتظار ڪندي نظر اچن ٿيون. منهنجي ڪمري جي هر ڪنڊ ۾ تون ٿي نظر اچين“.

”مان سينيما تي وڃان ، ٿيئٽر تي وڃان ، ڊسڪو تي وڃان ، هر هنڌ لڳي ٿو تہ تون مون سان گڏ آهين. تنهن ڪري ٻي ڪنهن ڇوڪري کي ويجهو آڻي ئي نہ ٿي سگهان. جيتوڻيڪ تون صلاح ڏيندو ٿو رهين. آءُ هر روز تو کي وڌيڪ مِس ڪيان ٿي“.

”ڏس، مان وري بہ توکي اهو ئي چوندس تہ پنهنجي لاءِ ڪو دوست ڏس. نہ تہ اڪيلائي تو کي ڏکيو ڪندي“.

”پر اھو مون لاءِ تيستائين مشڪل آھي، جيستائين پيٽ لاءِ تون موجود آھين. تنھن جي آڏو ھر ماڻھو ننڍڙو ۽ خسيس ٿو لڳي“.

”ائين ھرڳز نه آھي، ان نموني ته تون اڪيلي ٿي ويندينءَ. مون کي يورپ جي معاشري جي خبر آھي، ان ۾ دوستي رکڻ تمام ضروري آھي نه ته ماڻھو اڳلي کي ايبنارمل سمجھندا آھن“.

”ته آءٌ وري ڪھڙي نارمل آھيان؟“. ائين چئي عائده کلڻ لڳي.

آيان اڃان ڪجھ چوڻ پئي چاھيو ته چمين جي روشنيءَ ۾ فون بند ٿي وئي.

شام جو ايميل، آيان جو انتظار ڪري رھي ھئي.

”مان وري ڀيھر توکي صرف ”گُڊ نائيٽ“ چوڻ لاءِ ميل ڪئي آھي. ڪاش مان توسان گڏ ساڳي بستري تي ھجان ھا ۽ سوين ڀيرا توکي چمان ھا ۽ يقين اٿم ته تون به ائين ڪرين ھا. مان ان اڻ ڏٺل عورت سان حسد ٿي ڪيان، جيڪا تو سان سمھندي. ڇو جو تو صرف منھنجو آھين“.

آيان، عائده جي چري محبت تي سوچيندو رھيو. ھن سوچيو ته ھوءَ جيتري سھڻي ۽ جوان آھي ته ھُن لاءِ ته ڪيترا ئي محبت ڪندڙ ھوندا پر ھوءِ ڇو ھن لاءِ ايڏو انتظار ٿي ڪري؟! اھو انتظار جيڪو اڻ ڪٿ آھي.

آيان، يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجي ڊپارٽمينٽ پهتو، تہ سندس ٽيبل تي هڪ خط انتظار ڪري رهيو هو.

”...تون جيڪو بہ وقت مون سان رهين، اهو مان وساري نہ ٿي سگهان. مون کي خوشي آهي تہ تون بہ مون کي نہ وساريو آهي، مون کي اهو بہ يقين آهي تہ تون مون کي چاهين ٿو ڇو جو مان تو کي شدت سان چاهيان ٿي.

بس هڪ شيءِ کان نفرت آهي اها آهي اسان ٻنهي جي وچ ۾ وڏو مفاصلو.

آءُ جڏهن پراگ ڇڏيو هو تہ اندر ئي اندر ۾ فيصلو ڪيو هيم تہ تنهنجي باري ۾ نہ سوچينديس، پر ايئن ڪري نہ سگهيس. جڏهن تنهنجين سوچن جو بار وڌي ويو، تہ مان پنهنجي هڪ سهيليءَ کي ان باري ۾ ٻڌايو. جيڪا پڻ اسان جي پيار تي حيران هئي. سچ تہ اهو آهي تہ مان پاڻ سوچيان ٿي تہ اسان ٻنهي جي وچ ۾ ڇا هيو؟ ايتري مختصر عرصي ۾ ايڏيون شديد فيلنگس. آءُ جڏهن توکان پراگ مان موڪلائي جهاز ۾ آيس، تہ سموري سفر ۾ روئيندي رهيس ۽ منهنجي ڀر ۾ ويٺل هڪ اٽالين جوڙو منهنجي حالت تي افسوس ڪندو رهيو.

گهر موٽڻ جي خوشي ٿي، پر جڏهن هو مون کان پراگ جي باري ۾ پڇن ٿا تہ مان کين اهو چئي چپ ٿي ڪرايان تہ اهو سڀ ايترو سٺو هو جو وسارڻ مشڪل آهي.

منهنجي ماءُ ڏاڍي پريشان آهي تہ آءُ ايتري چپ ۽ سنجيده ڇو آهيان؟! هُن ويچاريءَ کي ڇا پتا تہ مون کي ڪهڙو روڳ لڳل آهي؟!!

خبر ٿي ڪجهہ ڏينهن اڳ هڪ نئين لپ اسٽڪ ورتي اٿم ۽ ان جو نالو ڇا آهي؟.

نالو اٿس "ٿائوزنڊ ڪسز اسٽي آن" مون جڏهن ڏٺي تہ اهو سوچيو تہ ڪاش اها توسان ملڻ وقت مون وٽ هجي ها تہ اسان ٻنهي کي پرابلم نہ ٿئي ها. نہ منهنجا چپ بغير رنگ جي هجن ها ۽ نہ ئي تنهنجا ڳل ۽ چپ ڳاڙها ٿين ها. هاڻي جڏهن مان هي لفظ لکي رهي آهيان تہ توکي پنهن جي پر ۾ محسوس ڪيان ٿي. آءُ سوچيان ٿي تہ مون کي پنهنجي پهرين ۽ آخري ناول "ماءِ ڊيئر" جي پهرين باب جي پڇاڙي ڪرڻ کپي.

ڪِس يو مور اينڊ مور.

آيان، عائده کي خط لکيو:

"زندگيءَ جي مختصر لمحن ۾ ڪنهنجو ملڻ، ايڏو گهرو ٿيڻ، هڪ حد تائين تہ ناممڪن ٿو لڳي، پر اسان ان ناممڪن کي ممڪن بڻايو آهي، پر جي ايئن چوان تہ تون ان کي ممڪن بڻايو آهي تہ بهتر ٿيندو. ان ۾ ڪوشڪ ناهي تہ جيئن تون فيصلو ڪيو هو تہ پراگ مان وڃڻ کانپوءِ تون مون کي وساري ڇڏيندينءَ، مون کي بہ يقين هو تہ پراگ ايميگريشن جي سلائيڊنگ دروازي بند ٿيڻ سان ان باب جي پڇاڙي بہ ٿي. پر ايئن نہ ٿي سگهيو. خاص ڪري تنهنجي فون، ايميل ۽ خط تہ ان جي نفي ڪري ڇڏي. پر سچي ڳالهہ ٻڌين تہ توکان پري رهڻ کان پوءِ تنهنجي لاءِ منهنجي چاهت وڌي آهي. مونکي لڳي ٿو تہ هتي موجود هوندي بہ مان هتي موجود ئي ناهيان، تو وٽ آهيان. مونکي ڏک بہ ٿيندو آهي. تنهن جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي قصوروار بہ سمجهندو آهيان. هڪ پرسڪون زندگي هئي تنهنجي، ان ۾

داخل ٿي مان توکي وڏيڪ پريشان ڪيو آهي. هونئن ڏس نہ تون, مونکان ننڍي آهين, مان تہ اهڙو سنجيده ٿي سگهان ٿو تون ڇو پنهن جي جوانيءَ کي روڳ لڳائي جواني ۾ يورپ جي مزي کي ڪرڪرو ٿي ڪرين؟!, تون انجواءِ ڪر, دوست ناهہ. پنهنجو وري ملڻ ٿئي يا نہ. باقي اها حقيقت آهي تہ مان توکي وساري نہ سگهندس, دليون روز روز تہ ڪنهن سان نہ جڙنديون آهن.. خبر ٿي جڏهن تنهنجون سوچون مون تي حاوي ٿي وينديون آهن, تہ مان فقير وٽ ويندو آهيان, توکي تہ رڳو يوگي فقيرن جي باري ۾ ٿوري گهڻي سڌ هوندي. پر ائين سمجهہ تہ هي فقير بہ ائين ٿين. اهي پنهنجو رشتو الله سان جوڙيندا آهن پر ڪٽر مذهب پٺي سان نہ..... هو سڀني مذهبن جي عزت ڪندا آهن, انهن جو خيال رکندا آهن. هو ڪڏهن بہ ڪنهن سان مت ڀيد نہ رکندا آهن. هونئن اسان جو علائقو پراڻي وقت کان وٺي ائين رهيو آهي, ٻين جو خيال رکڻ وارو ۽ پرامن رهڻ وارو. انڪري تہ سنڌ جي پراڻي تهذيب موهن جي دڙي مان بہ ڪو جنگي هٿيار نہ مليو آهي. مان مذهبي ناهيان ۽ نہ وري ڪو صوفي آهيان, پر ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ مذهبي مت ڀيد کان متاثر نہ رهيو آهيان. ماڻهن جي دلين کي ٽوڙڻ وڏو گناهہ سمجهندو آهيان. ڪنهن جانور کي تنگ ڪرڻ بہ عجيب لڳندو آهي, پيار کي پنهنجي زندگيءَ جو مول ۽ متو سمجهندو آهيان. انڪري اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ وارا چاهي پوءِ اهي ڪهڙي بہ مذهب سان واسطو رکندا هجن, انهن کي پنهنجو سمجهندو آهيان. انهن وٽ ويهڻ سٺو لڳندو آهي. ٻيو تہ هو جنهن هنڌ رهن ٿا. ويهن ٿا, اتي هڪ قسم جو سڪون محسوس ٿيندو آهي. انڪري اهڙن هنڌن تي ويندو آهيان. ان سڪون جو سبب هنن جي يڪسوئي ۽ رياضت بہ ٿي سگهي ٿو.

سو ان فقير وٽ ويهڻ وقت لڳندو آهي تہ مان وڻ جي گهاٽي ڇانو ۾ ويٺو آهيان. انڪري ئي جڏهن تنهن جي ياد گهڻو تنگ ڪندي آهي تہ ان طرف نڪري ويندو آهيان“.

آيان پنهنجي دل ۾ عائده لاءِ وڏيڪ محبت محسوس ڪري رهيو هو. هُن کي به ڪنهن ڳالهه ۾ ڪنهن شي ۾ مزو نه اچي رهيو هو. اڄ جڏهن سبينا سندس آفيس ۾ آئي هئي، جنهن سان ڪچهري ڪندي ڪيس مزو ايندو هو. ان جي ڪمپني به ڪيس بور ڪري رهي هئي. هُن مٿي جي سور جو بهانو ٺاهي هُن کان موڪلايو هو. هو موٽر سائيڪل تي درازا هليو ويو هو. ڪيس ان هنڌ هڪ سڪون محسوس ٿيندو هو. هو جڏهن به ڪنهن مونجهه ۾ يا بي سبب اداس هوندو هو ته هو سچل سائينءَ جي مزار تي هليو ايندو هو. پوءِ هو فقيرن سان ڪچهري ڪندو هو يا منهن مونن ۾ وجهي سوچيندو رهندو هو ۽ ليٽي پوندو هو. ڪيس تڏي جي خوشبوءِ سڪون ڏيندي هئي. سوچي ٿو ته ڇا عائده، هنن جڳهن کي پنهنجو ڪري سگهندي؟ هتي رهي سگهندي؟ هو پنهنجي آسپاس جي شين کي تڪي توري ڏسي ٿو ته سندس من اداس ٿي وڃي ٿو جو ڪيس اندران ئي جواب ٿو ملي ته هوءَ جيڪا يورپ جي رهواسڻ آهي، جنهن پابنديون ڪڏهن ڏٺيون ئي ناهن، ماڻهن جي ڪنهن به معاملي ۾ دخل اندازي نه سٺي اٿائين. اها ڪئين اهي سڀ ڳٺ

قبول ڪري سگھنديءَ! يا هن گند ۾ رهي سگھنديءَ! اتي تہ هر گھٽي ۾ هر گام صاف آهي. هڪ فقير سچل جي مزار آڏو بيهي ڳائي ٿو.

محبت جي مي ماريو، ڙي مون کي،
ڪاڪيون ڪنهن سان ورهہ وراهيان!
عقل علم سڀ چوڙ ڏتوسي، عشق ڏنو اولارو،
اکيان کول تہ ظاهر ڏيکين، سير سڄڻ جو سارو،
پُرجهي پير ايڏاهين پايو، هوت اٿو هاڪارو،
محبت مون منصور وجهايو ڦِچيءَ جي وچ ڳارو،
سنبر سچيڏنا! چڙ سانباها، ورهہ جيو جان وارو.

آيان، پنهنجي ڪيسي مان عائده جو صبح پهتل خط ڪڍي، پڙهڻ شروع ٿو ڪري تہ کيس لڳو تہ هوءَ بہ هُن سان گڏ ان تڏي تي ويٺي آهي ۽ کيس ٻڌائي رهي آهي:

”مان البانيا مان رومانيا يونيورسٽي پهتي آهيان. هاسٽل تي تنهنجو خط ۽ ڪارڊ مليو تہ مون کي ڏاڍي خوشي ٿي پر تنهنجو خط مختصر هيو. مون سوچيو تہ تون منهنجو ڊگھو خط ڏسي حيران ٿيو هوندين. مون کي خط لکڻ جي عادت ڪونهي پر توسان ملي ۽ وچڙي مون جيڪو محسوس ڪيو اهو سڀ لکڻ چاهيان ٿي ۽ اهو جذبو ئي ايڏا وڏا خط لکرائي ٿو.

منهنجا پيارا! مون کي يقين آهي تہ مان تو کي ايئن سڏي سگھان ٿي تون اجان تائين منهنجو آهين ۽ مان تنهنجي سوئيٽ هارٽ (جيئن تون چوندو هئين).

آءُ هي خط ڪلاس هلندي لکي رهي آهيان. هڪ بور ليڪچر هلي رهيو آهي. ها تون بہ تہ ليڪچرر آهين پر مون کي يقين آهي تہ تو کي شاگرد چاهيندا هوندا ۽ خاص ڪري شاگرديائيون. تو ۾ عورتن لاءِ اٽريڪشن آهي.

جيستائين منهنجي ذاتي زندگيءَ جو تعلق آهي تہ آءُ اجان تائين اڪيلي آهيان ۽ رهڻ چاهيان ٿي. ان جو سبب تون آهين. تون ئي منهنجي دل ۾

وسين ٿو ۽ هونئن بہ توکي خبر آهي تہ جسماني ۽ جنسي طرح مان اهو سڀ ڪجهہ ڪري نہ ٿي سگهان جيڪو بيا چاهين ٿا.

هونئن توسان مون ڏاڍي زيادتي ڪئي آهي، مان سوچيندي آهيان تہ نارمل ناهيان. پر مان اهو پڪو پهہ ڪيو آهي تہ ٻيهر جڏهن بہ توسان ملنديس تہ مان توسان سڀڪجهہ ڪنديس. ڇو جو مان چاهيان ٿي تہ، جنهن کي آءَ چريائپ جي حد تائين چاهيان ٿي اهو ئي مون کي ڇوڪريءَ مان عورت بڻائي.

مون توکي ٻڌايو هو تہ منهنجا گهڻا دوست رهيا آهن، پر منهنجو پيار ٻن سان رهيو آهي. هڪ البانيا جو ۽ هڪ چريو پاڪستاني. سو ايندڙ سال جڏهن پراگ ۾ ملنداسين، تہ مان سڀ ڪجهہ توکي ارپينديس.

مون کي تو ٻڌايو هو تہ تون شادي ڪرڻ چاهين ٿو پر مهرباني ڪري اسان جي ٻيهر ملڻ تائين نہ ڪجانءِ. مون لاءِ اهو عذاب سٺو نہ ٿيندو. هونئن بہ مان سوچي ڇڏيو آ تہ جڏهن تون شادي ڪندين تہ مان توسان ناتا ٽوڙي ڇڏينديس، ڇو جو تون منهنجو محبوب آهين. تو کي دوست واري جڳهہ ڏئي نہ ٿي سگهان.

تون ڪڏهن سوچيو آهي تہ مون سان ملڻ هتي اچين؟ منهنجي ڪمري ۾، منهنجي بيڊ تي، منهنجي باٿ روم ۾..... اوهہ اهو سوچيندي ئي مون کي محسوس ٿئي ٿو تہ تون اتي ڪٿي آهين. ڏس منهنجو ساهہ بہ تنهنجي ساهہ سان ٽڪرائڻ لڳو آهي. منهنجا هٿ تنهنجي ڇاتيءَ جي وارن تي گهمڻ لڳا آهن...“

خط پوري ٿيڻ سان آيان، عائده کي پنهنجي قريب محسوس ڪري ٿو. مزار جو فقير سندس قريب اچي ٿو ۽ سندس روئندڙ اکين کي ڏسي چئي ٿو:

”بابا! ڇا ٿيو آهي؟ جو روئين ٿو؟!“.

آيان خاموشيءَ سان پنهنجا ڳوڙها اگهيا، فقير وري کيس چئي ٿو:

”بابا گريو تہ عاشق ڪندا آهن، مون تو کي اڳ ۾ ڪڏهن ان حالت ۾ نہ ڏٺو آهي“.

آيان،جي نيڻن مان نير بند ئي نہ ٿا ٿين،ٻانهون ٻڌي فقير کي چئي ٿو:

”سائين! مون کي سمجهه ۾ ڪجهه نه ٿو اچي“.

”سڀ سمجهه ۾ اچي ويندو، هر ڳالهه جو وقت متعين آهي“.

”ڪڏهن پنهنجو پاڻ کي سمجهايان ٿو ڪڏهن انکي وقت جي وهڪري ۾ آيل هڪ پل ٿو سمجهان ته ڪڏهن وري ان پل کي ئي زمانو ٿو سمجهان“.

”ڪهڙي پل جي ڳالهه ٿو ڪرين؟“.

”اهو پل، جنهن پل هن من اندر ۾ رنگن جون معنائون، خوشبوئن جون شڪليون، ۽ آوازن جا احساس هڪ نئين رنگ ۽ روپ سان ظاهر ٿيڻ لڳا“.

”ڪنهن پيار جي ڳالهه ٿو ڪرين؟“.

”سائين! لڳي ٿو ته محبت ٿي وئي آهي“.

فقير، کيس گهوريندي چئي ٿو:

”پوءِ اڃان جيئرو آهين؟“.

آيان حيراني ۽ سواليا نگاهن سان فقير کي ڏٺو جنهن تي فقير کيس چيو:

”بابا! محبت ۾ ته پاڻ مارڻو پوندو آهي“.

آيان هاڪار ۾ ڪنڌ ڏوڻي ٿو. فقير وڌيڪ کيس چيو:

”بابا! محبت ۾ ته ڪائنات قربان ڪرڻي پوندي آهي“.

فقير مرڪي کيس چئي ٿو.

”مون کي پڪ آهي، ته ڪائنات جو مفهوم ته سمجهين ٿو نه؟“.

آيان کيس ورندي ڏي ٿو:

”جي سائين!“.

فقير کيس چيو:

”پُٽ! اڃان ان ڏاڪي تي نه پهتو آهين. اصل محبت اها آهي ته مون سميت، سڀ شيون تو کان وسري وڃن. اها ڪهڙي محبت چئبي جو تو کي هر ڪم لاءِ وقت ملي ٿو!“.

آيان هڪ گهري سوچ ۾ گُم آهي. فقير اٿندي سندس پٺي ٺپيندي چئي ٿو:

”پر خير آهي بابا! ڪا ڳالهہ ناهي، مان نماز پڙهي وڃان. تون ننگر ڪائي پوءِ وڃجان“.

شام جي اونداهي پکڙجڻ سان آيان جي اداسي بہ گهري ٿيندي وئي. هُن عائده سان ڳالهائڻ پئي چاهيو. هُن وٽ عائده جي هاسٽل جو فون نمبر هو پر ان تي ڳالهائڻ ڪيس اجايو لڳو. ڇو جو، هاسٽل جي ڪاريڊور ۾ رکيل فون ڪو شاگرد يا شاگردياڻي کڻي ها، اهي رومينين ٻولي ڳالهائين ها. آيان کي اها ٻولي نہ ايندي هئي ۽ اتي انگلش گهٽ سمجهي ويجي ٿي، ان ڪري عائده کي روم تان سڏائڻ مسئلو ٿئي ها. آيان، اڳ ۾ بہ اهو ڀوڳي چڪو هو. هو هاسٽل جي لان ۾ گل مهر وڻ جي هيٺيان وينو هو تہ لان ۾ ئي سرينهن جي وڻ هيٺيان رکيل فون جي گهنٽي وڳي، هُن جي دل چاهيو تہ الله ڪري اها عائده جي فون هجي. جنهن پروفيسر فون کنئين هئي ان آيان کي سڏ ڪيو. ٻي طرف کان وائلن جهڙو آواز وڳو عائده هئي:

”آءِ لو يو منهنجن انهن لفظن تي يقين رک“.

آيان خوش ٿيندي کيس چيو:

”چڱو ٿيو جو تون فون ڪئي. اڄ ڏاڍو اداس هيس، توکي مِس پيو ڪيان“.

”توکي اداس ٿيڻ جي ضرورت ناهي، ڇو جو تنهنجي يورپين محبوبا هر وقت تنهنجي باري ۾ سوچي ٿي“.

هوءَ روئڻهارڪي انداز ۾ چئي ٿي:

”مان جڏهن تنهنجو خط پڙهيو تہ ڏاڍي رنس، ڇو جو منهنجي لاءِ اهي لکيل لفظ نہ هئا پر ائين پئي لڳو تہ تون مون سان ڳالهائي رهيو آهين“.

”تنهنجي ڪا سهيلي ڪونهي ڇا؟ يا ڪوئي دوست؟ پنهنجو پاڻ کي بزي رک“.

” رومانيا ۾ مون کي روزمرهہ جي زندگيءَ ۾ گم ٿيڻ لاءِ ڪوڙ بهانا آهن. پر اهو خيال ئي ڏاڍو ڏکيو آهي تہ ان شخص کان بغير رهجي جنهن سان بيحد محبت هجي“.

”اهو تہ آهي پر اها بہ حقيقت آهي تہ اسان هڪ ٻئي کان پري آهيون ۽ پري ئي رهنداسين“.

”اها مون کي بہ خبر آهي، پر تون جيڪڏهن مون سان پيار ڪرين ٿو تہ مون کي خط لکندو رهہ، تہ جيئن مون کي گذارو ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. آءُ تنهنجو آواز ٻڌڻ ٿي چاهيان، توکي ڀڪلي لڳائڻ ٿي چاهيان، پر جي تون ناهين تہ مون کي ڪير سمجهندو؟ ڪير آهي منهنجو؟“.

عائده روئڻ لڳي تہ آيان کيس چيو:

”نہ روءُ، اڄ منهنجي دل بہ اداس آهي“.

”هڪ تنهنجي پيار جي تڙپ، ٻي هيءَ مشڪل پڙهائي، خبر نہ ٿي پئي تہ ان سان منهن ڪيئن ڏيان؟! مون کي لڳي ٿو تہ هاڻي وڇڙي وڃڻ کان پوءِ ٻيهر مون کي پيار نصيب ئي نہ ٿيندو“.

“ايئن ناهي، ڏس! هن وقت بہ تنهنجو پيار، توسان ڳالهائي ٿو ۽ هر وقت تو ساڻ رهي ٿو. هي مفاصلا جسماني طرح تہ آهن. پر ذهني ۽ دلي طرح ويجهو آهن“.

”متان ڪارڊ ختم ٿي وڃي، فون بند ٿي وڃي. مان وري پوءِ ڪڏهن توسان ڳالهائيندس، پر منهنجي اي ميل پڙهي، ان جو جواب ضرور ڏجانءِ. نہ تہ مون کي ننڊ نہ ايندي. لويو...“.

آيان فون رکي، ڪمپيوٽر ڊپارٽمينٽ فون ڪئي تہ شام جي ڪلاسز ڪري اتي سندس دوست اجان موجود هيو. هو ان وٽ ويو ۽ کيس ايميل چيڪ ڪرڻ لاءِ چيو. هُن کيس ٻڌايو تہ اڄ سڄو ڏينهن، سکر کان ورتل انٽرنيٽ ڪنيڪشن خراب رهيو آهي. پر وري بہ ڏسون ٿا.

پر اتفاق سان ان وقت ڪنيڪشن ملي ويو ۽ آيان ايميل کولي ان ۾ عائده جي ميل هئي.

”مون کي يقين آهي تہ تون خوش هوندين. اصل ۾ مان بہ خط لکڻ ۽ ايميل ڪرڻ وقت خوش هوندي آهيان، ڇو جو مون کي لڳندو آهي تہ مان توسان ڳالهائي رهي آهيان. يا ايئن چوڻ بهتر ٿيندو تہ مان ڳالهائي رهي آهيان ۽ تون ٻڌي رهيو آهين. ڇو جو جڏهن پاڻ گڏ هوندا هياسين تہ مان ئي ڳالهائيندي هيس ۽ تون رڳو ٻڌندو هئين ۽ خاموش رهڻ جو سبب پڇڻ تي تون وراڻيندو هئين، تہ تون مون کي محسوس ڪرڻ چاهين ٿو.

تون پنهنجي باري ۾ ٻڌاءِ؟ مون کي خبر آهي تہ تون مصروف آهين، پر پنهنجي پياريءَ لاءِ ڪجھ گهڙيون ڪڍي سگهين ٿو. تنهنجو خط مون کي ڏاڍو وڻيو. ايئن محسوس ٿيو تہ تون مون کي پنهنجن هٿڙن سان ٿڏڙا ڪيندو هجين.مون کي محسوس ٿيندو آهي تہ تون منهنجي اندر موجود آهين.

هڪ ڳالھ مون کي هميشہ تنگ ڪندي آهي، اها آهي پنهنجي گڏ گهارڻ وارن ڏينهن ۾، تنهنجي هر معاملي ۾ پرفيڪٽ هوندي بہ. بستر ۾ تو سان کيڏندي هيس ۽ توکي مون سان گڏ هوندي بہ سيڪجھ هوندي بہ سيڪس ڪرڻ

نہ ڏيندي هيس. ڪيڏي نہ بيوقوف هيس، ڪيڏو نہ توسان ظلم ڪندي هيس. پر تون منهنجي مجبوري کي سمجهندي مون کي اهو چئي مطمئن ڪندو هئين تہ: ”ڪا ڳالهہ ناهي“. اهو صرف تون ئي ڪري سگهين ٿو. ٻيو ڪوئي بہ نہ. توسان هوندي مون کي لڳندو هو تہ مان جنت ۾ آهيان. پر سچ پڇين تہ مان جهنم جي لائق آهيان. تو جهڙي شخص سان زيادتي ڪرڻ جي ڪري. يقين ڄاڻ تہ مون کي اهو سڀ ڪجهہ سهڻ ڏکيو لڳندو هو. مان پاڻ بہ توسان سيڪس ڪرڻ چاهيندي هيس پر منهنجا آدرش انهن ڳالهين جي اجازت نہ پيا ڏين. پر جي تون زور ڪري مون سان سنجوڳ ڪرين ها تہ اهو تنهنجو منهنجو آخري ڏينهن هجي ها ۽ توکي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪري سگهان ها.

آءُ هتي پنهنجن دوستن سان گهمڻ ڦرڻ ويندي آهيان. ڪڏهن ڪو ڇوڪرو مون ۾ دلچسپي وٺڻ لڳندو آهي تہ مان کيس اهو چئي بريڪ هٽائيندي آهيان تہ منهنجي مڱڻي ٿيل آهي. ڪالهہ بہ مان پنهنجي سهيلي ۽ هن جي بواءِ فرينڊ سان هڪ ڪيسينو ۾ وئي هيس. اتي هنن جو هڪ ٻيو واقفڪار بہ مليو جنهن ڪافي پيسا کٽيا ۽ مون کي چئي پيو تہ آءُ هُن جي لاءِ ڀاڳ ڀڄي آئي آهيان. جڏهن تہ مون کيس چيو تہ تنهنجي ڪري منهنجو ڀاڳ نہ ٿو کُلي. اسان پوءِ ڊنر ڪئي، هو مون کي هاسٽل تائين پنهنجي گاڏي ۾ ڇڏڻ آيو. هُن جڏهن منهنجي اڪيلي هجڻ جو سبب پڇيو. تہ مون کيس وراڻيو تہ منهنجو بواءِ فرينڊ پاڪستان ۾ آهي. هُن حيرانيءَ مان مون ڏي ڏٺو ۽ حقارت سان چيو:

”تون بواءِ فرينڊ بہ ڪيو تہ اهڙي ملڪ جو... ۽ يقين نہ ٿو اچي تہ تون ڪنهن مسلمان سان پيار ڪيئن ٿي ڪري سگهين؟!“.

مون کيس جواب ڏنو:

”مون کي تہ توهان تي حيرت آهي، ها پهرين تہ پنهنجي زبان سنڀاليو مون کي تون نہ پر توهان ڪري مخاطب ٿيو“.

مون کي هُن جو چهرو ڪنهن شيطان جيان لڳي رهيو هو ۽ کيس چيو:

”پاڪستان ۾ رهندڙ شخص، منهنجو عشق آهي ۽ عشق جي ڪا عمر، مذهب يا ملڪ نه هوندو آهي“.

هن جي ڳاڙهيءَ مان لهندي ڪيس چيو:

”هاڻي توهانجو چهرو مون کي ڪنهن شيطان جيان لڳي ٿو. اجان به رومانيا جا اصلي ڊراڪولا ٿا لڳو. مون سان ملڻ جي ڪڏهن ڪوشش نه ڪجو“.

اهو ٻڌي هُن جي چهري جا تاثر ئي بدلجي ويا. مون کي هُن کان ان لمحي ئي نفرت ٿي وئي.

سبينا، پنهنجي حسين چهري تي اداسي ويڙهيون، آيان جي آفيس ۾ هُن جي آڏو ويٺي هئي. هُن آيان کان پڇيو:

”اڄ ڪلهه توهان خاموش رهو ٿا؟ ڪا خاص ڳالهه آهي ڇا؟“.

”نه اهڙي ته ڪا ڳالهه ناهي“.

”مون محسوس ڪيو آهي تہ جڏهن کان توهان ٻاهران واپس آيا آهيو تڏهن کان اداس، سدائين سوچن ۾ گُم ۽ ذهني طور تي غير حاضر آهيو“.

”مون چيو نہ تہ اهڙي ڪا بہ ڳالھ ناهي“. آيان بيزاريءَ مان وراڻيو.

”هاڻي تہ توهان کي منهنجي ڳالهائڻ تي چڙ بہ اچي ٿي، بيزار ٿي پيا آهيو؟“.

آيان ڪيس ڪو بہ جواب نہ ڏنو تہ سبينا کيس چيو:

”معاف ڪجو ڪنهن انگريزياڻيءَ کي تہ دل نہ ڏئي آيا آهيو؟“.

آيان چڙ مان وراڻيو:

”جي ايئن هجي بہ، ان سان تنهنجو ڪهڙو واسطو؟“.

سبينا اکين ۾ آيل پاڻي کي لڪائيندي ڪنڌ هيٺ ڪندي چيو:

”خبر ناهي، واسطو آهي بہ يا نہ؟ جي سمجهو تہ وڏو واسطو آهي، نہ سمجهو تہ ڪو بہ واسطو ناهي“.

هُن جي اکين مان ڳوڙها ڪرڻ لڳا. آيان کي ٿوري پشيماني ٿي ۽ ٿڌي لهجي ۾ کيس چيائين:

”بس ڪا ڳالھ ناهي، مون کي پاڻ سمجھ ۾ نہ ٿو اچي“.

”مون کي ٿورو گهڻو سمجھ ۾ اچي ٿو ۽ مان توهان جي دوست آهيان، پلي ڪٽي توهان ڪڏهن بہ نہ مڃيو آهي. جي مان اوهان جي ڪا مدد ڪري سگهان تہ حاضر آهيان. مان توهان ڏي آيل ايميلز پڙهيون آهن ۽ انهن مان اوهان جيڪي نہ پڙهيون آهن، انهن جي پرنٽ ڪڍي آئي آهيان“.

آيان حيرانيءَ مان سبينا کي ڏسي ٿو پر کيس ڪجھ چئي نہ ٿو ڇو جو يونيورسٽيءَ ۾ گهڻو ڪري انٽرنيٽ نہ هلندو هو ۽ آيان پاڻ ئي پنهنجو پاس ورڊ کيس ٻڌايو هو تہ جيئن سبينا سکر ۾ ايميل چيڪ ڪري سگهي پر ان کان اڳ تہ هن جون ايميلز رڳو اڪيڊمڪ هونديون هيون. آيان خاموشيءَ سان سبينا کان پيپر وٺي پڙهڻ شروع ڪيا:

منهنجا پيارا دوست!

مون کي ڏاڍي ڪل آئي جڏهن مون سوچيو تہ تون منهنجو دوست آهين. مون توکي شروع کان ٻڌايو آهي تہ آءُ تنهنجي دوست ٿي نہ ٿي سگهان. مان صرف ۽ صرف تنهنجي محبوبا ۽ تون منهنجو محبوب ٿي سگهين ٿو. ڪڏهن ڪڏهن سوچيندي آهيان تہ مون پنهنجي زندگيءَ سان ڇا ڪيو؟ ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟ جو مون کي خدا سزا ڏئي رهيو آهي؟ مون کي پيار ڏنائين ۽ سڀ کان سٺو محبوب ڏنائين وري ان کي مون کان ڪسي ايڏو پري ڪري ڇڏيائين. ڇا مان ان لائق آهيان؟ يا مان حوا آهيان جو جنت جهڙي زمين تي آدم کان سوين ڪوهہ پري ڦٽو ڪري ڇڏيائين. خبر ناهي وري ملنداسين بہ يا نہ؟

مون کي پنهنجي سڄي ڏينهن جو پرگرام وقت سميت لکي موڪل تہ تون ڇا ڪندو آهين؟ تہ جيئن مان تصور ڪري سگهان تہ هن وقت، هن مهل ڪٿي هوندين، ڪهڙو ڪم ڪندو هوندين ۽ ڪيئن لڳندو هوندين؟!

تنهنجا خط ۽ ايميل دير سان ايندا آهن تہ پنهنجو پاڻ کي مارڻ تي دل چاهيندي آهي، اهو سوچي تہ ڇا تون مون سان پيار ڪرين بہ ٿو يا نہ؟ پر جڏهن وري تنهنجو خط يا ايميل ايندي آهي تہ هڪ هِير گُهلي ويندي آهي من اندر ۾ ۽ يقين ايندو اٿم تہ تون مون کي چاهين ٿو. پر هيءَ دوري مون کي نهوڙي وجهندي آهي. مان تہ توکي ڇهڻ چاهيان ٿي، توکي چمڻ چاهيان ٿي، توسان ڳالهائڻ ۽ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ چاهيان ٿي، جيئن تون ۽ مان پراگ ۾ ڏيندا هياسين.

منهنجا محبوب آءُ توسان نفرت ڪيان ٿي. تون مون کي ايڏو پيار ڏئي ۽ وري وڇوڙو ڏئي گهر موڪلي ڇڏيو. ايئرپورٽ تي اچي مون کي موڪلڻ بجاءِ پاڻ وٽ رکي ڇو نہ ڇڏيئي؟

آءُ هتي ڪنسرٽ ۾ وڃان ٿي، آرٽ نمائشون ڏسان ٿي، پارٽيز ۾ وڃان ٿي. دوستن سان خوش آهيان پر جڏهن ڪو جوڙو ڏسان ٿي تہ اداس ٿي وڃان ٿي. هر ڪو پنهنجي پيار جي ويجهو آهي، باقي آءُ ڇو نہ؟

هاڻي مهرباني ڪري هميشہ جيان اها صلاح نہ ڏجانءِ تہ مان ڪو بواءِ فرينڊ رکان. منهنجي لاءِ ممڪن ئي ناهي. مان هُن کي پنهنجو بُت ڪيئن ڇهڻ

ڏينديس؟ جنهن بت تي تنهنجا هٿ گهميا هجن! ڪيئن هُن کي ڪس ڪيان؟ نہ نہ...

ڪالهہ فِنليند مان آيل پنهنجن دوستن سان ريسٽورنٽ ۾ پيزا کائڻ وياسين. سمورو وقت انگلش ۾ ڳالهہ ٻولهہ هلندي رهي تہ تون ياد آئين.

مون کي اهو ئي ڪارو ريمپر پاتل هو جيڪو تو کان وڇڙڻ مهل پاتل هيو. اسان هڪٻئي سان چرچا ڪري رهيا هياسين تہ هنن مان هڪ پڇيو تہ منهنجي جينز ڪرائون ڪمپني جي آهي. مون کيس ها چيو تہ هُن چيو:

”تو جهڙي سونهن راڻيءَ کي ڪرائون جينز نہ پر اصلي ڪرائون مٿي تي پائڻ گهرجي“.

اهو ٻڌي مون کي روئڻ اچي ويو. ڇو جو تون مون کي ايئن چوندو هئين. مون کي روئيندو ڏسي هو پريشان ٿي ويا ۽ معافي گهرندا رهيا تہ شايد هنن جي ڳالهہ مون دل ۾ ڪئي آهي.

اڳلي ڏينهن تي اسان سڀ ٻن آرٽسٽن جا انٽرويو ڪرڻ وياسين. هو ٻئي ڏاڍا سٺا هئا. مون کي آرٽسٽ وڻندا آهن. جيئن تون مون کي وڻندو آهين. آءُ ٽرانسليٽر جو ڪردار ادا ڪري رهي هيس. هنن مون کي پنهنجي تصويرن جي ڪاپي پنهنجي صحيءَ سان ڏني ۽ اڳتي بہ اچڻ لاءِ چيو. موڪلائڻ مهل هنن منهنجي هٿ تي ڪِس ڪئي مون کي سٺو لڳو. پر مون کي ان وقت مزو ايندو هو جڏهن تون منهنجي هٿ تي ڪِس ڪري ان کي پنهجين اکين تي رکندو هئين. مون کي ڏاڍو سُڪون ايندو هو. پر تون ڪڏهن بہ نہ ٻڌايو تہ تون اکين تي ڇو رکندو هئين؟ ڪو بہ ايئن نہ ڪندو آهي. تنهنجو هر عمل ايڏو مڪمل هوندو هو جو آءُ پنهنجو پاڻ کي بهشت ۾ محسوس ڪندي هيس. پر ڇا اهو سڀ ڪجهہ پاڇو هو؟ ڪيڏانهن ويو؟ مان توسان ملڻ چاهيان ٿي پر نہ وڇڙڻ لاءِ. پر ڪيئن ۽ ڪٿي؟

تون پنهنجو احوال ڏي، ڇا ٿو ڪرين؟ اڃان اڪيلو آهين يا ڪو ٻيو توسان آهي؟ هوءَ ڪيئن آهي؟ مون کان بهتر؟ تو کي جيڪڏهن اهو احساس ٿي وڃي تہ تون ڪهڙي ڇوڪريءَ کي وڃايو آهي تہ تون مون کي هرگز وڃڻ نہ ڏين ها.

ڪنهن بہ تو کي ايترو نہ چاهيو هوندو، جيترو مون توکي چاهيو آهي، يا تو کي پوڄيو آهي. ايئن تہ ناهي مان غلط آهيان. مون تي ڪلجاڻ نہ. تون هميشہ اهڙين ڳالهين تي ڪلندو هئين. مان ڄاڻان ٿي تہ مان تنهنجي لٽل گرل آهيان(جيئن تون چوندو هئين) پر اهو يقين رک تہ تنهن جي لٽل گرل توکي گهڻو چاهي ٿي ۽ هوءَ تو کي انهن سڀني کان بهترين ماڻهو سمجهي ٿي جن سان هوءَ اڄ تائين ملي آهي..

آءُ اسٽنگ جو هڪ گانو ٻڌان پئي ”ميڊ اباﺋوٽ يو“ ۽ منهنجيون اکيون پڄي پيون. ان گاني جي احساسن کي استعمال ڪندي منهنجو ڪجهہ اظهار هن ريت آهي:

مان چانڊوڪيءَ ۾ اڪيلي گهمندي رهيس
۽ لکين ستارن جي چمڪڻ تي سوچيو
منهنجي دل ڪنهن ڏورانهين گرهہ تي گم ٿي وئي
جيڪا اپريل جي چنڊ چوڌار گهمندي رهي
چوڌار ڦيرا ٿيون ڄڻ هڪ ڪمان
مان توکان سواءِ ڪجهہ بہ ناهيان
مان توکان سواءِ ڪجهہ بہ ناهيان
حالانڪ منهنجون سڀ بادشاهتون
واريءَ ۾ تبديل ٿي ويون
۽ سمنڊ ۾ غرق ٿي ويون
مان تنهن جي لاءِ چري آهيان،
مان تنهنجي لاءِ چري آهيان

تون مون سان گڏ ڇو ناهين يا آءُ توسان گڏ ڇو ناهيان؟ گڏ هجون ها، توسان بيڊ ۾ هجان ها، تنهنجي گرم ٻُت کي ڇهان ها، چمان ها، تنهنجي ساهن جي خوشبوءِ محسوس ڪري سگهان ها ۽ تو کي هر هر چمان ها.

ٻي پيري تي سگهي ٿو تہ مان پروگريس ڪيان ۽ توسان سنجوڳ ڪيان. يا هن پيري تون انڪار ڪندين؟

ايندڙ پيري مان پنهنجي دل کان ”ها “ ڪرائيندیس. ڇوجو اها تنهنجي آهي. مان پيو ڇا ڪنديس جيڪڏهن تو سان سنجوڳ نہ ڪنديس؟ تنهنجو خط مليو آهي. تون ايڏا سهڻا لفظ لکين ٿو جو مان خوش ٿيڻ سان گڏ اداس بہ ٿي وڃان ٿي. خوش ان ڪري جو مان تنهنجي آهيان ۽ اداس انڪري جو تو کان پري آهيان. توکي محسوس نہ ٿي ڪري سگهان، نہ ئي وري تو کي ڇرين جيان ڇُمي سگهان ٿي. خير ڪا ڳالهہ ناهي. اسين انتظار ڪري سگهون ٿا. مان پاڪستان اچڻ لاءِ پيسا گڏ ڪيان ٿي يا وري پراگ ۾ ملڻ لاءِ.

مان واعدو ٿي ڪيان تہ هن پيري مان سنِي ۽ فرمانبردار ڇوڪري هونديس. تون مون مان ايترو خوش ٿيندين جو مون کي وڃڻ نہ ڏيندين.

مون کي پورو يقين آهي تہ تون خوش هوندين ڇوجو تون پنهنجي مُلڪ ۾ پنهنجن سان آهين. هتي مان پرديس ۾ هر شيءِ کان محروم آهيان. گهر کان، والدين کان ۽ وڏي ڳالهہ تہ تو کان بہ.

رات توسان فون تي ڳالهہ ٿي مان تہ توکي وڏيڪ مِس ڪيان ٿي. توسان گهڻو ڳالهائڻ پئي چاهيو پر لڳي ٿو تہ ڪارڊ تي پنهنجيون ڳالهيون پوريون نہ ٿي سگهنديون. منهنجا پيسا ايميلز(ڪيفي) ۽ فون تي خرچ ٿي وڃن ٿا. سوچيان ٿي تہ هن پيري مان پنهنجي والدين کان توڏانهن اچڻ لاءِ پيسا گهران.

پر وري سوچيان ٿي، ايڏانهن نہ اچان. مان وري پيهر ايتري سگهہ ڪٿان آڻي سگهنديس، تہ تو کان ڌار ٿي سگهان. مان وري اهو ڏينهن ڪيئن برداشت ڪنديس؟

سچ ۾ منهنجي لاِءِ اهو سڀ ڪجهہ اذيت ڏيندڙ آهي. توکان ڌار گذارڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. خاص ڪري جڏهن مان تو کي ايترو چاهيان ٿي. مان توکي هر گهڙي گڏ ڏسڻ چاهيان ٿي.

پر هڪ ڳالهہ مون محسوس ڪئي آهي، تہ مان آهستي آهستي تبديل ٿيندي ٿي وڃان. مونکي حاصلات ۽ نہ حاصلات هڪ جهڙي لڳڻ لڳي آهي. مان راتين جون راتيون جاڳان ٿي. مونکي محسوس ٿئي ٿو تہ مان اهو سڀڪجهہ حاصل

ڪيو آهي جيڪو ڪنهن کي زندگيءَ ۾ حاصل ٿيڻ کپي. تنهنجو عشق مونکي هڪ نئين راهہ ڏيکاري ٿو. ان ڏينهن ان آرٽسٽ سان ڪچهري ٿي جنهن لاءِ مون توکي اڳ ٻڌايو هو تہ هن مونکي پنهنجون ناهيل تصويرون بہ تحفي طور ڏنيون هيون. هن مونکان سوال ڪيو تہ ڇا مان بہ آرٽسٽ آهيان؟ تہ مون ڪيس نهڪر ۾ جواب ڏنو. هن چيو تہ منهنجو آرٽ کي سمجهڻ وارو انداز بنهہ مختلف آهي، مان پينٽنگ کي ان جي ظاهري رخ کي نہ ٿي ڏسان پر ان جي ٻين رخن کي بہ سمجهان ٿي، جيڪي تمام ٿورا ماڻهو سمجهندا آهن. پوءِ هن مونکان پڇيو تہ پڙهڻ يا لکڻ ۾ دلچسپي، جنهن تي مون ڪيس چيو تہ :

”ڪتاب پڙهندي تہ آهيان پر لکندي رڳو خط آهيان“.

جنهن تي هن حيران ٿيندي چيو: ”خط“ مون زور ڏيندي چيو: ”ها خط“. پوءِ هن مونکان پڇيو:

”جي ٻڌائڻ پسند ڪرين تہ ڪنهن کي خط لکندي آهين!“.

خبر ٿي مان تنهنجو اڪيلي سر بار ڪٿي ڪٿي ٽڪجي پئي آهيان جڏهن هن پڇيو تہ منهنجين اکين مان بي اختيار ڳوڙها نڪتا ۽ هن حيرانيءَ مان مون ڏي ڏٺو. مون ڪيس تنهنجي باري ۾ ٻڌايو.

هو گهڻي دير تہ خاموش رهيو. پوءِ وڏيڪ تفصيل سان پڇندو رهيو. اهو پڇيائين:

”ڇا هو جسماني ۽ جنسي طرح ايڏو سگهارو آهي ڇا؟“.

مون ڪيس وراڻيو:

”اها ڳالهہ اسان ٻنهي لاءِ ايڏي اهميت نہ ٿي رکي. ايترا ڏينهن گڏ هوندي بہ اسان ڪڏهن ان جي تڪميل يا اوج تي نہ پهتاسين. مون وٽ هڪ پنهنجو اصول هو ۽ هو وري منهنجي مانَ کي مانُ ڏيندو هو“.

آرٽسٽ وات ڦٽي منهنجيون ڳالهيون ٻڌندو رهيو. پوءِ وري تنهنجي وڇڙڻ جو ۽ روز جي رابطي جو ٻڌايم تہ هو ڪجهہ گهڙيون تہ پنهنجي مٿو هٿن ۾ جهلي هيٺ نهاريندو رهيو.

پوءِ ڪنڌ مٿي کڻي مونکي چيائين:

”يقين نہ ٿو اچي، مونکي تہ لڳي ٿو تہ مان سترھين صديءَ جي ڪِن عاشقن جون خبرون ٿو ٻڌان. يا وري ايئن ٿو لڳي تہ ڪنھن مستڪ شاعر جو سٽون ٿو پڙھان. ڪٿي آھي اڄڪلھہ اھڙو عشق؟!. نہ رڳو عشق پر ان جو اھڙو انداز، اھڙيون ڳالھيون، اھڙو پيار، ايڏي شدت، ايڏي تڙپ. ڪير يقين ڪندو تہ رومانيا ۾ يونيورسٽي پڙھندڙ ڇوڪري سائنس جي اصولن کي پڙھندي پنھنجي سوچ ۾ ايڏي سگھاري ھوندي، جو ھو تخيل ۾ پنھنجي ھڪ دنيا جوڙي. ان ۾ رھي بہ ٿي ۽ ان مان سگھہ بہ حاصل ڪري ٿي.

ھن مونکي، بہ ٿي شعر ٻڌايا، مونکي ڏاڍا وڻيا. مون ڪائنس پڇيو تہ ڪنھن جا آھن تہ ھن ٻڌايو تہ ترڪي جي مستڪ شاعر روميءَ جا آھن.

You try to be faithful
And sometimes you're cruel.
You are mine. Then, you leave.
Without you, I can't cope.

(تون وفادار، سچو بہ رھڻ جي ڪوشش ڪرين ٿو
۽ ڪڏھن تون وري ظالم آھين
تون منھنجو آھين، ۽ پوءِ تون ڇڏي وئين
تو بغير، مان جي نہ ٿو سگھان)

And when you take the lead,
I become your footstep.
Your absence leaves a void.
Without you, I can't cope.

(۽ جڏھن تون اڳواٽي ڪئي
تہ مان تنھجن قدمن تي ھليس
بغير تنھنجي ڪجھہ بہ ناھي
تو بغير، مان جي نہ ٿو سگھان)

You have disturbed my sleep,
You have wrecked my image.
You have set me apart.
Without you, I can't cope.”

(تون منھنجون ننڊون وڃائي ڇڏيون
تون منھنجومان مرتبو ٽوڙي ڇڏيو
تون مون کي ورھائي ڇڏيو
تو بغير، مان جي نہ ٿو سگھان)

مون اھي ٻڌا تہ مون کي لڳو تہ مان بہ تہ ائين ئي ٿي سوچيان پر اظھاري نہ ٿي سگھان. ان ڏينھن کان وٺي مون ۾ ھڪ خاص تبديلي آئي آھي. مونکي لڳي ٿو تہ تون مون ۾ جذب ٿيندو ٿو وڃين. مان، مان نہ ٿي رھان تون ٿي ٿي وڃان.

ھاڻي تہ خواب بہ عجيب ٿي ويا آھن. ڪڏھن ڪڏھن ڏسندي آھيان تہ ھڪ واچوڙو مونکي اڏائي ٿو وڃي ۽ مان ڪائنات جي رنگينين کي ٿي ڏسان، ڪنھن ڪيرڊارا جي پرسان ٿي گذران، ڪنھن سمنڊ جي گھرائيءَ ۾ ٿي وڃان پر خبر ٿي ھڪ عجيب ڳالھ آھي. انھن سيني ۾ تون آھين. يار، مونکي الائي ڇا پيو ٿيندو وڃي؟ چري تہ نہ ٿي ٿيان؟.

ڇڏ انھن ڳالھين کي. خبر ٿي ھتي موسم عجيب آھي. ڪڏھن ٿڌ تہ ڪڏھن وري ايتري مناسب موسم آھي، جو مان مني اسڪرٽ پائيندي آھيان. مان جڏھن تو وٽ ايندس تہ اھڙو لباس پائيندس تہ جيئن مون کي تون پنھنجي ڇاتيءَ سان لڳائڻ لاءِ آتو ھجين.

مون کي رستو نہ ٿو ملي تہ تو وٽ ڪيئن پھچان؟ پر مان ضرور ايندس. مان تو کي جاب تي بہ وڃڻ نہ ڏيندس، رڳو تو کي چمندي رھيندس ۽ پوءِ سرشار ٿي تو کي چوندس ”ييس“. پر مون کي شڪ نہ پر يقين آھي تہ تون اھو چئي مون کي منع ڪندين تہ اھو صحيح ناھي.

پر آءُ ڪو طريقو ڪڍي تو کي راضي ڪري وٺندس. ڇا ٿو سمجھين مان ائين ڪري سگھندس؟.

آءُ ڪجهہ عرصي لاءِ تو کي خط متان نہ لکي سگهان. ڪرسمس لاءِ ترڪي، يونان ۽ البانيا وڃڻو آهي.

توکي خط لکندي ايئن محسوس ٿيندو آهي، مان ڄڻ ڊائري لکندي هجان. حالانڪ اڄ تائين مان ڊائري نہ لکي آهي. پر هاڻي تو آهين مان تو کي لکندي آهيان ۽ تون منهنجو آهين تہ ان ڪري ڄڻ مان پنهنجي لاءِ ڊائري لکي رهي آهيان.

هتي منهنجو هڪ استاد آهي، هو مون ۾ دلچسپي وٺندو آهي. مون کي ڪافيءَ تي بہ انوائيٽ ڪيو هيائين، هُن مون سان گهڻيون ڳالهيون ڪيون ۽ ان وقت مون سوچيو تہ تون بہ تہ ڪنهن اسٽوڊنٽ سان ائين شام نہ ملهائيندو هجين.

هُن مون کان پڇيو تہ مون کي پروفيسر ڪيئن لڳندا آهن تہ مون تصور ۾ توکي آڻيندي چيو تہ ڏاڍا سٺا لڳندا آهن. هو خوش ٿي ويو. هُن وٽ ڪالهہ منهنجي واءِ واز بہ هئي. يقين آهي تہ سٺا نمبر ڏيندو، ايئن نہ سمجهہ تہ هو مون کي چاهي ٿو، ان ڪري سٺا نمبر ڏيندو پر منهنجو امتحان بہ سٺو ٿيو آهي.

توکي مون تي فخر ڪرڻ گهرجي تہ تنهنجي وڇوڙي جو بار سهي بہ اسٽڊي ڪيان ٿي.

تون ٻڌايو تہ پراگ مان انويٽيشن آئي آهي. مان خوش آهيان تہ انتظار ٿي ڪيان تہ اهو ڏينهن اچي. پر اهو عرصو ڪيئن گذرندو؟“.

آيان اي ميل بہ پڙهندو رهيو ۽ سبينا کي بہ ڏسندو رهيو ۽ پوءِ ڪيس چيائين:

”معاف ڪجانءِ جيڪو پڙهيو ٿي اهو سچ آهي، عائده مون سان گڏ هئي خبر ئي نہ پئي تہ ڪيئن ايڏو ويجهو ٿي وياسين“.

”توهان معاف ڪرڻ جو نہ چئو، هونئن بہ توهان مون کي اها حيثيت ڏني ئي ڪٿي آهي؟!“.

سبينا روئيندي، آيان کي چيو:

”مان تہ توهان کي لفظ بہ نہ چئي سگهيس، ڪيڏي نہ خوشنصيب آهي اها ڇوڪري جنهن مهيني ۾ توهان جو ايڏو قرب بہ حاصل ڪري ورتو تہ پيار بہ“.

آيان ڪنڌ هيٺ ڪري چيو:

”مون کي پاڻ خبر ناهي تہ هوءَ ڪيئن خوشبوءِ جيان منهنجي حواسن تي ڇانئنجي وئي“.

آيان ڪنڌ مٿي ڪري سبينا کي چيو:

”مان مڃان ٿو تہ پاڻ ٻنهي جي سٺي انڊراسٽينڊنگ آهي، ۽ مون کي توسان ڳالهائڻ، ويهڻ ۾ مزو ايندو آهي سڪون ملندو آهي“.

”بس اها ئي تہ غلطي آهي منهنجي، توهان منهنجي لاءِ گهڻو ڪجهہ آهيو. پر توهان کي ڪجهہ چئي ئي نہ سگهيس ۽ هاڻي بہ توهان کي وڃائڻ لڳي آهيان. تڏهن ايتري جرئت سان ڳالهايان ٿي“.

آيان خاموش رهيو.

”تون وري بہ معاف ڪجانءِ، مان واقعي بہ عجيب ڪيفيتن ۾ آهيان، مون کي ڪنهن جو بہ رخنو ڏاڍو ڏکيو لڳي ٿو. مان صرف عائده سان رهڻ چاهيان ٿو“.

سبينا کيس چيو :

“مان تہ توهان کي اهو بہ نہ چئي سگهيس تہ توهان منهنجا **pacemaker** آهيو. توهان آهيو تہ لڳي ٿو تہ مان جيئري آهيان، دل نارمل ڌڙڪي ٿي، نہ تہ دل ڏڪ گسائي ٿي“.

آيان اڃان تائين خاموش هو.

سبينا ڪجهہ دير خاموش رهڻ کان پوءِ وري چيو:

”توهان منهنجي آڪسيجن آهيو“.

آيان کيس سختيءِ سان وراڻي ڏني.

”پر، توکي اها چڱي ريت خبر پئجي چڪي آهي تہ منهنجي آڪسيجن ڪو ٻيو آهي“ .

سبينا، آيان ڏانهن ڏسندي چيو:

”پر مون کي هڪ خوف آهي تہ توهان 8000 ميٽر کان مٿي نہ چڙهي وڃو جتي آڪسيجن گهٽ هوندي آهي.... ڪِٿي ساهہ بہ نہ کڻي سگهو“.

آيان تيزيءَ مان ڪيس چيو:

”تون مون کي اهڙو بي وفا سمجهيو آهي ڇا؟“.

”منهنجو مطلب ڪجهہ پيو هو“.

آيان جي چهري تي ڪاوڙ نظر اچي رهي هئي, سبينا ڪيس چيو:

”نہ, منهنجو مطلب آهي تہ آڪسيجن نہ توهانکي ڇڏي وڃي, ۽ زيرو Altitude تي هوندي بہ توهانکي ساهہ کڻڻ ۾ تڪليف ٿي ۽ لڳي تہ توهان 8000 ميٽر ليول تي آهيو“.

ٻئي ڪجهہ دير خاموش رهيا.

سبينا ڳالهايو:

”پلا هڪ واعدو ڪريو“.

”اهي واعدا نہ ڪري سگهندو آهيان جيڪي وفا نہ ڪري سگهان“.

”نہ مان اهڙو ڪو بہ واعدو نہ ٿي وٺان جنهن سان توهان کي ڪا ڏکيائي ٿي“.

”باقي؟“.

”اهو واعدو ڪيو تہ جيڪڏهن ڪڏهن ايئن ٿي پئي, اوهان جي آڪسيجن گهٽجڻ لڳي, تہ توهان مون وٽ ضرور ايندئو“.

آيان, ڪا وراڻي نہ ڏيندي پر هن جي منهن مان ”ها“ بکي رهي هئي.

سبينا پنهجين اکين تان ڳوڙها اگهندي چيو:

”پنهنجو پاس ورڊ بہ بدلائي ڇڏجو“.

هوءَ آفيس مان تيزيءَ سان نڪري وئي.

آيان، ارائيول بورڊ تان هٽي پاسي سان رکيل بينچن تي ويٺو هو. ڪيس يادگيريون وڪوڙي ويون هيون. اوچتو آيان پنهنجي ڪلهي تي ڪنهن جو هٿ محسوس ڪيو. پوئتي مڙي ڏٺائين، فهد هڪ وڏو ٿهڪ ڏئي ڪيس ڏسي رهيو هو. هن فهد کي ايميل ۽ فون تي پنهن جي ۽ عائده جي اچڻ جي باريءِ ۾ ورڪشاپ جي باري ۾ ٻڌايو هو. آيان پنهنجي جڳهہ تان اٿي هن کي ڀاڪر ۾ ڀري ڇڏيو هو ٻئي ڄڻا ڪجهہ دير هڪٻئي جي ٻانهن ۾ ئي هئا. فهد کيس چيو:

”ويلڪم اگين ٽو پراگ، دي سٽي آف بيوٽي“.

”نو نو سٽي آف لورس“.

”ها، عاشق جيئڙا! ها....“.

”عائده جي فلائيٽ هاڻي ڪهڙي وقت آهي؟!“.

”ڏهين وڳي“.

”باقي ملڻ جي ٽائمنگ واهہ جي رکي ٿي، تون اڌ ڪلاڪ اڳ پهتو آهين ۽ هوءَ ڪلاڪ کان پوءِ، ها ٻي ڳالهہ آهي تہ فلائيٽ دير ڪري وڃي“.

”ها اسان ٻنهي اهو طئي ڪيو هو تہ پراگ ۾ هڪ ئي وقت هجون، جيڪڏهن اسان مان ڪو هڪ ڏينهن اڳ يا پوءِ هجي ها تہ شايد ٻنهي کي مزو نہ اچي ها“.

هو فلائيٽ جي باري ۾ انائونسمينٽ ٻڌن ٿا، اهو ٻڌي تہ تيرانا کان اچڻ واري فلائيٽ اتي جي موسم جي خرابيءَ جي ڪري هڪ ڪلاڪ ليٽ آهي، فهد کيس ڪافي پيارڻ شاپ تي وٺي اچي ٿو.

آيان پنهنجي بيگ ٽيبل جي پرسان ۽ جيڪٽ لاهي ڪرسيءَ تي رکي. سيلف سروس جي ڪري فهد، آيان ۽ پنهنجي لاءِ دخل تان ڪافي وٺي آيو.

ڪافي پيئندي هو ٻئي هڪٻئي کي ڏسي مرڪي رهيا هئا.

آيان، فهد کي پنهنجائپ واري لهجي ۾ چيو:

”ادا ! توهان پراگ وارن جي مهرباني جو وري اسان کي هتي گهرايو اٿو“.

”ڪا ڳالهہ ناهي، پر توهان ٻنهي جو ڪنو پروگرام ٿيو اها وڏي ڳالهہ آهي“.

”ها، جيئن ئي هتان انويٽيشن آئي تہ چارلس يونيورسٽي سمر اسڪول جي ڏهين سال تي گذريل سيني بيچز کي هتي گهرائي رهي آهي، تہ اسان سمجهيو تہ ملڻ جو اهو سٺو موقعو آهي، انڪري بغير ڪنهن دير جي ٻنهي هيڏانهن اچڻ جو پروگرام ٺاهيو. مون کي يونيورسٽيءَ وارن سرڪاري طرح ان اسڪول جي اجازت نہ ڏني، پر مان موڪل وٺي پنهنجي خرچ تي آيو آهيان“.

”استاد! تڏهن تہ مون توکي عاشق جيئڙو چيو“.

ايئن چئي ٻئي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳا.

”پر، اها خراب ڳالهہ آهي جو اوهان مون وٽ نہ ٿا رهو، سڄو زهرادڪي ٿا وڃو“.

”ها، اهو بہ اسان جو واعدو ۽ خواب هو تہ چيڪ ۾ پهريون ڏينهن ۽ رات اتي گذاريون جتي اسان جي پيار جنم ورتو هو“.

”واهہ“.

”پر پوءِ مون وٽ ڪڏهن ايندئو؟“.

” جيئن ئي سمر اسڪول پورو ٿيو“.

”جيئن توهان جي مرضي“.

تيرانا ڪان ايندڙ فلائيٽ جي انائونسمينٽ ٿي تہ هو ٻئي ارائيول گيٽ طرف آيا. ٿوري دير ۾ تيرانا ڪان ايندڙ فلائيٽ جي ليندنگ واري ٻتي جهرمر ڪرڻ لڳي ٿي، آيان بہ پنهنجي من ۾ اهڙين لائيٽن جي قطار ۽ جهرمر محسوس ڪري ٿو.

ڪيس اهو وقفو وڏو ڏکو محسوس ٿي رهيو هو. ويهن منٽن کان پوءِ گيٽ کليو تہ پهرين نڪرڻ واري ، ٻي ڪائي نہ عائده هئي. آيان کي ڏسي پنهن جي ٿيلهي کي زمين تي ڦهڪائيندي، هُن ڏانهن ڊڪي. ساٽس ڳلي ملي روئڻ لڳي. آيان سندس وارن ۾ هٿ ڦيريندو ۽ چمندو رهيو. گهڻي دير ايئن رهڻ کانپوءِ آيان، عائده کي پاڻ کان ڌار ڪندي فهد طرف اشارو ڪري چيو:

”سائين جن جي تعارف ڪرائڻ جي ضرورت آهي ڇا؟“.

عائده، لڄي ٿيندي فهد سان هٿ ملايو. فهد ڪيس پراگ اچڻ تي خوش آمديد چيو. فهد، عائده جو سامان کنيو تہ، عائده شرمندگيءَ مان هُن کان سامان وٺڻ جي ڪوشش ڪئي پر فهد آيان ڏنهن ڏسندي، ڪيس مرڪي چيو:

”هن جي خبر ناهي باقي مان اجان تائين جينٽلمين آهيان“.

هو ٽئي ڄڻا ايئرپورٽ جي عمارت مان نڪري، پارڪنگ ۾ فهد جي ڪار ۾ وٽ پهتا. هن ڀيري فهد وٽ نئين ڪار هئي، فهد سندن وڏيون بيگون، ڊگي ۾ رکي، ڇاٽي واٽي ننڍو سامان اڳين سيٽ تي رکي، هنن ٻنهي کي پوئين سيٽ تي ويهڻ لاءِ چيو.

”اهو ڇا؟ تون ڪو ڊرائيور تہ ناهين، جو اسان پويان ويهون ۽ تون اڳيان“.

”ڊرائيور تہ ناهيان پر عاشق ضرور آهيان، ان ڪري پلي توهان پنهنجي ڪچهري ڪيو تہ مان خوش ٿيان“.

”وڏا!، تنهنجا وڏا احسان پر...“.

”ڇڏ پر ڪي، ويهين ٿو يا مان پويان ويهان ۽ تون اڳيان“

ٻنهي کان ٻي اختيار ٽهڪ نڪري ويا.

گاڏي پراگ جي رستن تان گذرندي رهي تہ هو ٻئي ڄڻا رستن کي گهڻي پيار سان ڏسندا ۽ رکي رکي هڪٻئي کي چمندا رهيا. هو ڪُڇن گهٽ پيا پر سندن هر عضوو هر احساس ڳالهائي رهيو هو.

پراگ شهر مان نڪري، هاءِ وي تان لهي جڏهن زهرداڪي واري لنڪ روڊ تي آيا، تڏهن بہ هو ٻئي ڄڻا هٿ هٿ ۾ ڏئي ٻاهر ڏسڻ ۽ ٻاهرين منظرن سان پنهنجو پاڻ کي محسوس ڪندا رهيا. کين خبر ئي نہ پئي جڏهن فهد جي گاڏي، ان

محل جي گيٽ وٽ پهتي. ٻنهي جي اکين ۾ چمڪ اڀري آئي، هو هيٺ لهي هڪٻئي کي پاڪر ۾ پيري، وڏا وڏا ساهہ کڻي اتان جي وڻن ۾ ماحول جو خوشبو سنگهي، هڪٻئي کي پيار ڪندا رهيا. گاڏيءَ مان سامان لاهڻ کان پوءِ فهد ڪائنن موڪلائي ٿو. عائده کيس رهڻ لاءِ چئي ٿي، هن جي انڪار تي کيس گهٽ ۾ گهٽ ڪافي پيئڻ لاءِ چئي ٿي، پر فهد کيس انڪار ڪندي چيو:

”هڪ بزنس ڊنر آهي، انڪري وقت سان وڃڻ ضروري آهي“.

”بزنس ڊنر آ يا...“ آيان کيس مرڪندي چيو تہ فهد پنهنجين اک تي هٿ رکندي امالڪ چيو:

”الله سُنهن“.

آيان وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳو. ڳالهہ محسوس ڪرڻ کان پوءِ فهد بہ پنهنجو سُر هن جي ٽهڪن سان ملائي ڇڏيو. عائده، فهد کان پڇيو:

”اکين تي هٿ رکڻ جي معنيٰ ڇا آهي؟“.

”اهو اسان خدا جو قسم کڻڻ وقت ڪندا آهيون“.

”پر انڊيا وارا تہ ڳچي يا ساهہ جي نلي تي هٿ رکي قسم کڻدا آهن“.

”ها، اهو رڳو اسان جو طريقو آهي“.

عائده، وري ڪائنس پڇي ٿي:

”پلا، ڪا بي شئي چمي، انکي پنهنجين اکين تي رکڻ جو مقصد ڇا آهي؟“

”اهو رڳو پيار ۽ احترام ڪرڻ جو طريقو آهي، اسان گلاب جي گل کي بہ ائين ڪندا آهيون تہ جيئن راحت ملي“.

عائده آيان ڏانهن ڏٺو تہ هن ٽڪڙ ۾ فهد کي چيو:

”ابا وڃڻو ٿي تہ وڃ. باقي هتي ويهي ثقافت تي ڀاشڻ نہ ڏي متا!“

فهد، کلي چيو:

”ادا! ڇو ڪا ڪچي ٿي پئي ڇا؟“.

آيان کلي چيس:

”ادا، پراگ وڃڻ وارو رستو سامهون اٿي“.

فهد ويڪ اينڊ تي ملڻ جو واعدو ڪري، ڪلندي هنن کان موڪلائي گاڏيءَ ۾ ويهي، سيٽ بيلٽ پائي، اشاري سان سلام ڪري، گاڏيءَ کي محل جي گيٽ کان ٻاهر ڪڍي هليو ويو.

عائده، آيان کي ڏسندي چيو:

”هاڻ خبر پئي تہ تون منهنجا هٿ چمي اکين تي ڇو رکندو هئين؟!“.

فهد، مرڪيو. اهو ئي سندس جواب هو.

هو پنهنجو سامان کڻي رستي تي ڪريل پنن تان هلندا وشال آڳر ۾ پهتا تہ فائونٽين ۾ ان جي ڀر واري بينچ کي ڏسي امالڪ مُرڪي پيا.

اوچتو عمارت جو دروازو کليو. ان مان زدراوڪو ۽ روزي ڊڪندا هنن ڏانهن آيا ۽ هڪبئي سان ڀاڪرن ۾ چمين جي روشنيءَ ۾ مليا. اهي ئي کين ٻڌائن ٿا تہ هنن جي بيچ مان هن وقت تائين اهي چار ڄڻا ئي پهتا آهن.

”چڱو ٿيو تہ اوهان پهچي ويا، نہ تہ اسان تہ پريشان ٿي وياسين تہ ڇو ڪو بہ نہ پهتو آهي؟!“ روزيءَ چيو.

”مون کي تہ پڪ هئي تہ رومانيا واريون ديلا، ديتلينا ۽ ڊائنا تہ ضرور آيون هونديون“. عائده چيو.

آيان وري هنن کان پڇيو :

”ڀلا، هو ٻئي ڇيڪ ڇو ڪريون؟“.

انهن مان ليونا آئي آهي، اها آرگنائزرس مان هڪ آهي“.

”اڇا، انهن سڀني کي تہ ضرور هجڻ کپي ها“.

“ليونا ٻڌايو تہ اڳ ۾ جيڪا آرگنائزر هئي، اها پي ايچ ڊي ڪرڻ امريڪا وئي آهي“.

”اوه آءِ سي“. عائده چيو.

”جلدي جلدي سامان رکو، سائيڪلون اسپورٽس روم مان کڻو، هلون ٿا پنهنجي ڊيڊ تي“. زدراوڪو کين چيو.

”۽ ها عائده روزيءَ سان گڏ رهي ۽ تون مونسان ڪمري ۾ رهندين“

زدراوڪي، آيان کي مخاطب ٿيندي چيو.

”اچو اچو“. زدراوڪي، عائده جو سامان کنيو. دخل تي هنن پنهنجي پهچ جو اطلاع ڏنو ۽ زدرواڪو جي مشوري مطابق، آيان رسيپشنسٽ کي پنهن جي لاءِ زدراوڪي جي ڪمري جو نمبر ۽ عائده، روزيءَ جو نمبر ٻڌايو.

رسيپشنسٽ، ڪمپيوٽر تي ڏسي کين چئي ٿي:

”انتظاميا تہ توهان جو ٻين ڪمرن ۾ انتظام ڪيو آهي“.

”پر، جي ممڪن هجي تہ ائين ٿيندو تہ پلو ٿيندو“.

رسيپشنسٽ، ڪمپيوٽر ۾ نهاريندي رهي، مختلف ڪي دٻائڻ کان پوءِ چيو:

”ٺيڪ آهي، هُنن کي ٻي هنڌ ايڊجسٽ ڪنداسين، هونئن بہ هن المنائي سيمينار جو مقصد ئي ڏهن سمر اسڪولن ۾ شريڪ ماڻهن کي پنهنجي نيٽ ورڪ ۾ رکڻ آهي، توهان تہ پاڻ اها گهر ڪيو ٿا تہ واهہ واهہ“.

هو سندس ٿورا مڃيندي، چابيون وٺي پنهنجو پنهنجو سامان کڻڻ ڪمري ڏانهن روانا ٿين ٿا. روزي کين چئي ٿي:

”توهان سامان رکي فريش ٿي هيٺ اچو، اسان توهان جو ڪيفي تي انتظار ڪيون ٿا“.

هو پهرين منزل تي پهچي، پنهنجن ڪمرن ڏانهن مختلف ڏسائن ۾ هليا ويا. آيان سوچيو تہ ڪيڏو نہ سنو ٿئي ها جي کيس ساڳي ڪمرو ملي ها، جنهن ۾ ڪجهہ سال اڳ هو رهيو هو. پر سندس حيرت جي حد نہ رهي جڏهن چابيءَ تي لکيل ڪمرو ڳولهيندي ڳولهيندي، ڪمري تي پهتو تہ ڏٺائين تہ ڪمرو تہ اهو ئي آهي، پر ڪمري جو نمبر اڳي کان مختلف هو.

هن خوشيءَ مان در کولي، اندر گهڙي، سامان در وٽ رکي، پيلي واري پاسي جي دريءَ جا پردا هٽايا ۽ دري کولي، منظر ۽ خوشبوءِ کي پنهنجي اندر ۾ اوتيندو رهيو.

هو جلد تيار ٿي هيٺ ڪيفي ۾ پهتو. جتي عائده اڳ پهچي چڪي هئي.

آيان پنهنجي لاءِ پريسو ڪافي جو آرڊر ڏنو. ٿوري دير ۾ ننڍي ڪپ ۾ ڪافي آئي، جيڪا ٻن ڍڪن جيتري هئي، پر ڇڙ تہ ڪافيءَ جي بينز جو عرق هو. آيان کي اها ڪافي وڻندي هئي ۽ کنڊ کان بغير پيئندو هو. هن سپ پري تہ سندس

مٿي مان ٽڙڪاٽ نڪتا، هن کي ڪافيءَ جي خوشبو ، ذائقي ۽ ڪيفين توانائي ڏني ڇڏي. عائده ۽ آيان اسپورٽس روم تان سائيڪلون ۽ هيلمٽ اڏارا وٺي آيا ۽ زدرواڪو ۽ روزيءَ بہ ڪيفي جي پير ۾ رکيل اسپورٽس روم تان ورتل سائيڪلون ڪنيون .

هو چارئي ڄڻا، سائيڪلن تي ڍنڍ ڏانهن روانا ٿيا. رستي جي خوبصورتين کي محسوس ڪندا، ٻنين کي پار ڪندا، آسمان جي نيراڻ کي اندر ۾ اوتيندا هو ڍنڍ تي پهتا.جتي هنن پنهجون سائيڪلون، ڪناري تي رکيون، ڪاٺ واري پليٽ فارم تان، ٿيندا، اتي ويٺل پوڙهيءَ تائين پهتا تہ آيان کيس چيو:

” اسان کي چئڻ ڄڻن وارو بتيلو ڏيو“.

اتي زدراڪو روزيءَ کي پاڪر پائي چمي ڏني تہ سڀ مرڪڻ لڳا. هن چيو تہ:

”اسان هتان وچڻ کان پوءِ بلغاريا ۾ هڪٻئي کي گهڻو ويجهو ٿي ويا آهيون. انڪري ہہ الڳ لڳ بتيلا وٺون ٿا تہ جيئن توهان بہ مزو ماڻيو ۽ اسان بہ هن مهل، هن پل، هن خوشبو کي امر ڪيون“.

“قبول آ” آيان رڙڪئي.

هنن پوڙهيءَ کي چيڪ ڪرائون ڏئي بتيلا ورتا. زدرواڪو ۽ روزيءَ کي نيرو تہ وري آيان ۽ عائده کي بسنتي رنگ وارو بتيلو مليو.

هو ٻئي پنهنجن پنهنجن بتيلن ۾ ويٺا، زدراوڪو ۽ آيان بتيلن جي ونجهن کي هلائيندي ڍنڍ ۾ وڌندا رهيا.

”اڄ مونکي اهو ڏسي حيرت ٿئي ٿي تہ خوابن جي بہ پورائي ٿيندي آهي“.

عائده، جيڪا بتيلي ۾ آيان جي سامهون ويٺي هئي ، هن آيان جي اکين ۾ نهاريندي چيو.

”مطلب؟!“

”مطلب اهو تہ منهنجي زندگيءَ ۾ اها خواهش هئي تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ڀيهر هن ڍنڍ تي تو سان اچان، توکي محسوس ڪيان، تنهنجن هٿن جي ذريعي ونجهن کي ملندڙ رڌمر پاڻيءَ سان ملي پيدا ٿيندڙ سمفنيءَ کي محسوس ڪري سگهان. اڄ اهو خواب پورو ٿيو آ تہ پنهنجو پاڻ تي يقين نہ ٿو اچي“.

”يقين تہ مون کي پاڻ نہ ٿو اچي، اسان جهڙن ملڪن ۾ رهندڙ ماڻهو تہ سوچ ۾ بہ هي سڀ ڳالهيون افورڊ نہ ڪري سگهندا آهيون، تہ ٻاهر وڃڻ جو موقعو ملي. اهو بہ ان ملڪ لاءِ جتي ڪنهن مخصوص وقت ۾ موقعي تي وڃڻو هجي. عائده، اسان جهڙن ملڪن جا ماڻهو تہ سفارتخانن ٻاهران پاسپورٽ ڪڍي، خيرات ملڻ جي هڪ علامت ٺڄي وينا هوندا آهيون. جتان پوءِ سندن تذليل جو سلسلو شروع ٿيندو آهي، جيڪو لائين نهارائڻ وارن ڪان وٺي، ڊيسڪ تي وينل رسيپشنسٽ تائين تہ هوندو ئي آهي، جيڪي هوندا تہ آهن پنهنجي ئي ملڪ جا، پر هو ان غلاميءَ تي بہ ناز ڪندي، پنهنجن ماڻهن جي تذليل ڪندا آهن. جيستائين وڃي ويزا ڪائونسلر تائين پهچجي، جي اهو فارينر دل جو سٺو آهي تہ ٺيڪ، نہ تہ بل ڊاگ جهڙا تاثر ڏئي ۾ اهڙوئي آواز ڪڍي سائل کي ٻاهر وڃڻ جو اشارو ڪندو ۾ ٻئي جو نمبر ڪائونٽر تي لڳل لائيٽ تي نمايان ٿيندو پر هو جنهن کي ويزا نہ ملي ليلڙائيندو، جواز پيش ڪندو. پر ڪجهہ نہ ورندس. سو اسان ان ملڪ جا آهيون. ويزا ملي وڏي ڳالهہ ٿي “

”آر يو ڪڊنگ؟!“ .

”نو آءِ ايم سيريس“.

”ريئلي“.

”آف ڪورس“.

”مان هتي آهيان، تنهنجي سامهون آهيان، تنهنجي هر ڇهاءَ کي محسوس ڪيو اٿم. چاهيندو هيس، تہ مون سان هر وقت گڏ رهي، جيڪا مون سان گڏ ڪلاس ۾ ليڪچر ڏيڻ دوران ساڻ هوندي هئي، تہ وري فقير سان ملندي بہ مون سان گڏ هوندي هئي، تڏهن تہ فقير چوندو هو :

”بابا! تنهنجون اکيون هڪ ناهن ٻٽيون آهن“.

اهو مطلب مان نہ سمجهي سگهندو هيس.

عائده پيار مان کيس ڏسندي رهي ۽ چيائين:

”خبر رومانيا جي هاسٽل واري ڪمري ۾، البانيا جي گهر ۾، مان مختلف هنڌن تي فريم ٽنگيا هيا، جن ۾ ڪا تصوير نہ هوندي هئي بس اڇو پنو بارڊر سان هوندو هو، سڀ چوندا هيا تہ اها ڪهڙي بي وقوفي آهي خالي فريم ٽنگڻ جي؟!“

عائده خاموش ٿي پنهنجو هٿ ڍنڍ جي پاڻيءَ ۾ وجهي ٻڪ ڀري منهن تي هڻي چيو:

”هنن کي ڪهڙي خبر تہ اهو فريم خالي آهي يا ڀريل. منهنجي لاءِ تہ تون انهن ۾ هئين“.

”حيرت آ“.

”حيرت جي ڳالهہ ناهي، توکي شايد حيرت لڳي يا نہ. پر منهنجي بيڊ تي بہ ويهاڻا هوندا هيا. هڪ تنهنجو هڪ منهنجو. ڪافيءَ جا بہ مڳ هوندا هيا. هڪ تنهنجو هڪ منهنجو پر خبر ٿي تو وارو مڳ ڪهڙو هو؟“

”نہ“.

”ان مگ جو هٿيو ڳن جيان هو ۽ ان تي وان گوف جو هڪ قول لکيل هيو“.

”اوهہ. جنهن لاءِ چون ٿا تہ هن پنهنجو ڪن ڪٽي محبوبا کي پيش ڪيو هو“.

”ها ان ۾ صداقت ڪيتري آهي پر هن جو اهو عمل مون کي وڻندو هو. انڪري تو وارو مڳ اهو رکيو هيم. منهن جو مڳ سادو بلڪل سادو. ڇو جو منهنجن رنگن تي تہ تنهجن احساسن ۽ ڪيفيتن جو اولڙو هوندو هو. منهنجا رنگ تہ آهن ئي تنهنجي ڪري... نہ تہ مان بي رنگ، ٻُسي ٻُسي. ڪڏهن ڪڏهن مون کي لڳندو آهي تہ تون هڪ ڍنڍ آهين ۽ مان ان جي مٿاڇري تي ترندڙ ٻين ٻيڙين جيان هڪ.. ٻيڙي تہ اها مهان ٿي سگهي ٿي نہ جنهنکي ڍنڍ جو پاڻي چاهي“.

”تنهنجو مقصد الائي ڇا آهي. پر مان تنهن جي لاءِ آهيان“.

”ڪين وي گو نائو“. (ڇا هاڻي هلون؟).

زدراوڪي جي آواز سندن گفتگوءَ کي ٽوڙيو.

آيان بہ اشاري سان هن کي هلڻ تي رضامندي ڏيکاري.

ڍنڍ تان موٽڻ کان پوءِ، هو ان ڳوٺ جي ننڍي پب ۾ ويا. سڀ کان پهرين تہ هن ويٽر کي پنهنجي ڪيميرا ڏئي فوٽو ڪڍڻ جو چيو. پوءِ اتي ڪچهري ڪندي هڪٻئي سان حال اورڻ لڳا. روزيءَ هنن کي ٻڌايو تہ پوليند واري جوانا ساڻس رابطي ۾ رهندي هئي، ان کي بہ هن موقعي جو گهڻو انتظار هو ۽ سيني سان ملڻ جو شوق هو تہ ملي پنهنجيون پراڻيون يادون تازيون ڪنديون. خاص ڪري عائده کي

گهڻو پئي ياد ڪيائين، پر هن وٽ سندس ايڊريس يا فون نمبر نہ هو. پر افسوس جو هفتو اڳ ڪيس چاتيءَ جو ڪينسر ڊائگنوز ٿيو آهي، جنهنڪري هوءَ اچي نہ سگهي. ان وقت ئي سيني روزيءَ کي فون ملائڻ لاءِ چيو پر هنن اهو بہ پاڻ ۾ طئي ڪيو تہ ڪيس اهو احساس ناهي ڏيارڻو تہ بيماريءَ جي ڪري هوءَ اسان وٽ ناهي. فون تي سيني ڪيس پيار ڏنو سندس ڪميءَ جو احساس ڏياريو. فون بند ڪرڻ کان پوءِ هنن پنهنجو پيگ جوانا جي صحت لاءِ ٽوسٽ ڪيو. ٿوري جهٽ کان پوءِ زدراوڪو مزي ۾ اچي ويو هن پنهنجي ٽيبل جي چوڌاري بيري کي چئي وڌيڪ خالي ڪرسيون رکرايون ۽ وچڙندڙ آواز ۾ هر ڪرسي تي نالو رکندو ويو... تہ هن تي دميتري ويٺو آهي، هن تي بيٽي ويٺو آهي، هن تي ڊيٽلينا ويٺي آهي، هن تي ديلا ويٺي آهي، هتي انڊونيشيا جو نور هادي ويٺو آهي.... پوءِ واري واري سان جنهنجو نمبر ڪنهن وٽ هو ان سان ڳالهايو پئي ويو موبائل آن ڪري ۽ اها ان وقت هن جي ڪرسيءَ تي رکي پئي وئي. آيان لاءِ اها فون نئين ڳالهہ هئي، جو پاڪستان ۾ اجان نہ آئي هئي.

موٽڻ مهل، زدرواوڪو گهڻو پيتل هو موٽندي هڪ هنڌ رستي تي تہ هو ويهي رهيو تہ آيان سندس هٿ پنهنجي ڪلهي تي رکي، پنهنجو هٿ هن جي ڪچن ۾ وجهي ڪيس مٿي ڪنيو۽ هن کي محلات طرف آندو.

عائده، آيان کي چيو تہ روزي چئي ٿي تہ زدراوڪي جو انهن ڪمرن وٺڻ جو مقصد اهو هو تہ هوءَ ۽ زدرواڪو گڏ رهندا ۽ بي ڪمري ۾ اسين. پر هوءَ هن حالت ۾ هن کي پاڻ سان رکڻ نہ ٿي چاهي ڇو جو ان حالت مان رڪور ڪرڻ کان پوءِ هو ايگريسو هوندو آهي، انڪري اڄ قانون مطابق سمهون. توهان بہ ئي گڏ ۽ اسان ٻئي“.

آيان کي اها صلاح تہ نہ وڻي پر مجبورن ها ڪيائين.

صبح جو افتتاحي تقريب ٿي، جنهن ۾ آرگنائيزرن خير مقدم ڪيو.

اهو بہ ٻڌايو تہ ڪهڙا اساٽي وچڙي ويا.

انهن ۾ آمريڪا وارو پروفيسر وليم سارو بہ هو جنهن گهر واريءَ سان گڏ پراگ ۾ عائده ۽ آيان کي وائين جي دعوت بہ ڏني هئي. عائده ۽ آيان کي ڏاڍو افسوس ٿيو.

هر بيچ جي نمائندي تقرير ڪئي.

آيان پنهنجي بيچ جي نمائندگي ڪندي چيو:

”ان اسڪول گھڻو ڪجھہ ڏنو. معلومات، سرٽيفڪيٽ، مختلف قومن جي ماڻهن سان گڏ رهڻ جو سلوڪ. انڪان علاوهہ پيار ڪرڻ ۽ پيار حاصل ڪرڻ جو ڏانءُ بہ ڏنو“.

ان جملي تي گهڻيون تاڙيون وڳيون. ان ڪان پوءِ پورو ڏينهن ڪلاس هلندا رهيا. ڪين مزو اچي رهيو هو تہ هو وري ساڳي پراڻي زماني ۾ پهچي ويا هيا. ان نموني ڪلاس ۾ مذاق، کل ڀوڳ، ڪيفي ۾ ڪافيءَ تي ڪچهريون. شام جو وري بيلي ۾ گهمڻ ڦرڻ، شام جو پب ۾ ڪچهريون.

ان شام جو جڏهن پب تان اٿيا تہ ساڳي نموني هڪٻئي جي ڪلهن تي هٿ رکي لوڪ گيت ڳائيندا محل طرف روانا ٿيا.

ڦوهاري وٽ پهتا تہ وڪتورين بينچ کي ڏسي عائده مرڪي پئي ۽ روزيءَ کي چيائين تہ ڪمري تي هلي پوءِ هوءِ اچي ٿي پر زدراوڪي ڪين چيو:

”توهان ٻئي آيان جي ڪمري تي ويڃو. مان روزيءِ واري ڪمري تي وڃان ٿو“.

عائده، ان بينچ تي ويهندي چيو :

”مان هن بينچ کي پيار ڪيان ٿي، انڪري جو اها ئي اسان جي گهرائپ جو سبب بڻي“.

”ها، پر ان رات تنهنجو رد عمل ايڏو خطرناڪ هو جو مان تہ ڊڄي ويو هيس تہ تون پنهنجو پاڻ کي ڪو نقصان نہ پهچائي وجهين“.

”سچ تہ اهو آهي تہ مون اهو سوچيو بہ هو هڪ بہ دفعو تہ مان بيلي ۾ بہ وئي هيس تہ ان جي پڄاڻيءَ تي جيڪا هيٺ وڏي کاهي آهي ان ۾ ٽپو ڏئي آنند ماڻيان. پر خبر ٿي روڪڻ وارو بہ تون هئين. تون منهنجي آڏو اچي ويندو هئين. خيالي نہ پر حقيقي، اهو مامرو مون کي ڪڏهن سمجھہ ۾ نہ آيو. جڏهن تہ ان پل ڪان پوءِ تون وري اتان هليو ويندو هئين“.

”مون کي تہ خبر ئي ناهي تہ مان ڪڏهن بيلي ۾ آيو هجان ۽ توکي روڪيو هجي“.

”ها، تو کي خبر نہ هوندي، ڇو جو اهو سڀ ڪجهہ مو ن سان ٿيندو هو. شايد منهنجي سوچ يا تخيل ئي ايڏو سگهارو هو يا وري ٻي ڪا طاقت هئي جيڪا ان نموني اهو عمل ڪندي هئي“.

آيان خاموشي سان ڪيس ڏسندو رهي. عائده جهٽ رکي وري چيو:

”پر هاڻي سوچيان ٿي تہ ڪيڏي نہ بيوقوف هيس. مون تہ دنيا ڏٺيءِ محسوس ئي پوءِ ڪئي آهي. يقين ڪندين تہ منهنجي پگهر جي بوءِ يا خوشبو بہ تنهن جي پگهر جي خوشبو جهڙي ٿي وئي آهي. انڪري هاڻي ڪو بہ پرفيوم نہ هڻندي آهيان“.

آيان هن کي ٻڌايو:

”مون ۾ بہ گهڻي تبديلي آئي آهي.هاڻي منهنجي لاءِ بہ تون اها الهڙ ڇوڪري نہ رهي آهين، پر هڪ روشني آهين جيڪا مون سان هر وقت گڏ آهي، مان هاڻي توکي ڪنهن بہ هنڌ تخليق ڪري سگهندو آهيان. ڪنهن ويران جڳهہ تي تو کي پنهنجي آڏو آڻي ويهاريندو آهيان. توسان ڳالهيون ڪندو آهيان، تون ماڻا ڪندي آهين. توکي سمجهائيندو آهيان“.

هُو ٻئي ڄڻا ڪمري ۾ آيا، آيان سائيڊ ليمپ ٻاري، واڪ مين سي ڊي پليئر کي هلائي ايئر فون ڪڍي ان ۾ ننڍا اسپيڪر لڳايا. ڪمرو ستار جي آواز سان ڀُري پيو. ٻنهي گڏجي سنگل بيڊن کي پاڻ ۾ ملايو. هو هڪٻئي جي ٻانهن ۾ وڃائجي ويا، ندي جيان لهر لهر تي اپريا لٿا. سندن جسم هلڪا ٿي روشني بڻجي ويا. تہ وري ڪڏهن خوشبو بڻجي هوا ۾ ٿي گهليا. هو ڪيف ۽ مستيءَ ۾ هيا. جڏهن منزل ماڻڻ جو وقت آيو تہ آيان پري ٿي ويٺو.

عائده حيرانيءَ مان ڪيس ڏٺوءِ چيو:

”مان تہ اهو سمور وقت ان انتظار ۾ ڪاٽيو آهي، پورو عرصو مان پنهنجو پاڻ کي ڏوهي سمجهيو آهي، توکان سواءِ مون کي پنهنجي زندگي هڪ صحرا ٿي پاسجي“.

هوءَ روئڻ لڳي ٿي.

آيان ڪيس ڀاڪر ۾ ڀريو تہ هوءَ وڏيڪ روئڻ لڳي ۽ چيو:

”مون کي لڳي ٿو مان توسان اڳ ۾ زيادتي ڪئي آهي، منهنجا گهڻا چاهڻ وارا آهن پر مان پنهنجو ڪنوار پڻو توکي ارپڻ چاهيان ٿي، تون ئي تہ منهنجو پيار آهين“.

هو سندس هٿ کي چمي ڏيندي چئي ٿو:

”مان سڀ ڪجهہ مڃان ٿو مون توکي اڳ بہ اهو چيو هو تہ تنهنجو ڏوهہ ناهي“.

”اهو تون مون کي خوش ڪرڻ لاءِ ٿو چئين پر مان اهو سڀ ڪجهہ چاهيان ٿي“.

”ها پر تون پاڻ ٻڌايو هو تہ تون شاديءَ تائين ڪنواري رهڻ چاهين ٿي“

”چيو آهي نہ پر چيو هو“.

”پر مان چاهيان ٿو تہ تون ڪنواري رهہ!“.

”ڪهڙو فرق ٿو پئي جڏهن منهنجو سڀ ڪجهہ تون آهين تہ پوءِ منهنجو سڀ ڪجهہ بہ تنهنجو هجڻ کپي“

”مون توکي اڳ بہ ٻڌايو هو تہ اسان پلوٽنڪ عشق ڪندا آهيون ۽ سڄي ڄمار ڪندا آهيون. مان سڄي عمر توسان عشق ڪرڻ ٿو چاهيان ۽ اهو بہ چاهيان ٿو تہ تون پنهنجي مڙس لاءِ ڪنواري رهين“.

عائده روئندي رهي، آيان ڪيس پاڪر ۾ پيري سندس وارن ۾ هٿ ڦيريندو رهيو. عائده آهستي آهستي سانت ٿيندي وئي.

”سچ ٻڌايانءِ، پهريان مان بہ ائين چاهيندي هيس تہ سنجوڳ توسان ڪيان، توسان وحشي طور تي جنسي عمل ڪيا، سيڪس ڪيا، ان جو مزو ماڻيان. هتي اچڻ يا ڪنهن بي هنڌ ملڻ بہ ان لاءِ چوندي هيس“.

”ها مون کي خبر آهي تنهنجين ايميلز، خطن ۽ فون تي ڳالهائڻ مان اهو سڀ ڪجهہ بڪندو هو“.

عائده، آيان کي چمي ڏندي چيو.

”پر ڪجهہ وقت کان وني مان بہ تبديل ٿي رهي آهيان. جنسي ۽ جسماني خواهشون ثانوي لڳن ٿيون. اڳ ۾ وڏن گهرن ۾ راڻين وانگر زندگي گهارڻ خوبصورت ۽ مهانگا ڪپڙا پهرڻ تي دل چاهيندي هئي. پر هاڻي اهي سڀ خواهشون مون کي ٻاراڻيون لڳن ٿيون. مون کي محسوس ٿيو آهي تہ اصل خوشي تہ

اندر جي خوشي آهي، اها انهن شين مان حاصل ٿيٽي ناهي، اهڙي ريت بہ سيڪس منهنجي لاءِ لست جو وڏو ذريعو هوندو هو پر هاڻي ان نتيجي تي پهتي آهيان تہ اهو بہ ثانوي آهي، اصل مزو تہ پيار ۽ عشق ۾ آهي. سيڪس کان هزار ڀيرا وڌيڪ“.

”اها تہ سٺي ڳالهہ آهي، مان بہ اهو ئي ڀيو تو کي چوڻ چاهيان تہ مون وٽ بہ معنائون بدلجي ويون آهن“.

”پر اها بہ حقيقت آهي تہ مان اڃان ايتري پختي نہ ٿي آهيان. انڪري وري هاڻي ان وهڪري ۾ لڙهي وئي هيس. پر تنهنجي مهرباني“.

عائده، آيان کي ڀاڪر ۾ ڀري روئڻ لڳي.

”هڪڙو واعدو ڪر!“ عائده آيان کي چيو.

”ڪهڙو؟“

”مون گذريل دفعي واري ويلنٽائن پارٽيءَ ۾ توکي چيو هو تہ تون منهنجو ويلنٽائن آهين. چوڻ اهو ٿي چاهيان تہ هاڻي بہ تون منهنجو ويلنٽائن آهين.“

عائده هاڻي سڏڪڻ لڳي هئي. آيان کيس ڀاڪر ڀري پر چائيندو رهيو

”هاڻي مونکي ڪنهن ٻي سان دوستي رکڻ ۽ شادي ڪرڻ لاءِ نہ چئجان“.

ائين چئي، عائده روئيندي کيس چنبڙي پئي ۽ هنن ٻنهي جي اکين ۾ ڳوڙها، ستار جي ڌن تي جرڪي نچڻ لڳا.

❊❊❊

# پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور

## پاران ڇپايل ڪِتابَ

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 1 | مُسافر | سفر نامو | قُربان منگي | ختم ٿيل |
| 2 | سائنس جي دُنيا | سائنس | بدر جميل مينڏرو | ختم ٿيل |
| 3 | ريشمي آواز | شاعري | پارس عباسي | ختم ٿيل |
| 4 | سنڌي ـ انگلش گرامر | گرامر | فتح محمد جتوئي | ختم ٿيل |
| 5 | عملي جاميٽري ۽ ٽرگناميٽري | رياضي | فتح محمد جتوئي | ختم ٿيل |
| 6 | ڇُهاءُ | شاعري | اطهر قُريشي | ختم ٿيل |
| 7 | اکين مان ٽميل نظم | شاعري | امر اقبال | ختم ٿيل |
| 8 | لُڙڪ ٿهڪَ ۽ سنسار | شاعري | مير صوبدار سعيد | ختم ٿيل |
| 9 | ٽُرڪيءَ ۾ چار مُسافر | سفرنامو | ڊاڪٽر محبوب شيخ | ختم ٿيل |
| 10 | اسان جي عشق جون ڳالهيون | شاعري | غلام عباس پنهيرو | ختم ٿيل |
| 11 | اداس لمحن جو درد | شاعري | ضمير لاشاري | ختم ٿيل |
| 12 | چرڪ چوليون پرين | شاعري | عمر ابڙو | ختم ٿيل |
| 13 | اڌاٽا احساس | ريڊيو اسڪرپٽ | ڪوثر ٻرڙو | ختم ٿيل |
| 14 | ڇا رکيو آهي امر اقبالَ ۾؟! | شاعري | امر اقبال | ختم ٿيل |
| 15 | ترڪيءَ ۾ چار مسافر (**ٻيون ايڊيشن**) | سفرنامو | ڊاڪٽر محبوب شيخ | ختم ٿيل |
| 16 | آمريڪا ۾ ايڪٽيهہ ڏينهن | سفرنامو | قربان منگي | 300/- |
| 17 | تنهنجي دل ۾ هوندي بہ اڪيلا | ڪهاڻيون | ڊاڪٽر اعجاز سمون | 200/- |
| 18 | استاد منظور علي خان : فن ۽ شخصيت | ترتيبَ | ڪوثر ٻرڙو | ختم ٿيل |
| 19 | اکن تي پارو | شاعري | اُميد خيرپوري | 200/- |
| 20 | روهڙيءَ جا روشن ستارا | تحقيق | ڊاڪٽر هدايت پريم | 200/- |
| 21 | بندر ديسان ديس (**ٽيون ايڊيشن**) | سفرنامو | الطاف شيخ | 300/- |
| 22 | سچل ـ ساڃاهہ شعوري | تحقيق | مخمور بُخاري | 200/- |
| 23 | سچل جو فڪر | تحقيق | حزب الله آءِ سومرو | ختم ٿيل |
| 24 | ميهڙ کان ماسڪو (**ٻيون ايڊيشن**) | سفرنامو | ڊاڪٽر محبوب شيخ | 200/- |
| 25 | خالي بينچَ | ناول | اسحاق انصاري | 250/- |
| 26 | ميلي جي تنهائي | شاعري | اياز گـل | 300/- |
| 27 | آني والي لمحون ڪا دک | شاعري | نويد خيال | 120/- |
| 28 | مونکي موهيو ملائيشيا | سفرنامو | الطاف شيخ | 350/- |
| 29 | اٺويهہ عورتون | ناول | رسول ميمڻ | 120/- |
| 30 | سونو ڏند | ڪهاڻيون | رسول ميمڻ | 120/- |
| 31 | ٻيڙيءَ ۾ چنڊ | ٻارن لاءِ شاعري | ياسر قاضي | 100/- |

## پيار درياهہ : اسحاق انصاري

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 32 | تبديلي: ڪڏهن نہ ٿڪبو | ڪالمَ | علي قاضي | ختم ٿيل |
| 33 | ڪنبيِ مورٽين جا | نثري لکڻيون | امر اقبال | 200/- |
| 34 | تبديلي: ڪڏهن نہ ٿڪبو **(ٻيون ايڊيشن)** | ڪالمَ | علي قاضي | 50/- |
| 35 | سرجڻهار | شاعري (ترتيب) | ڪوثر ٻرڙو | 250/- |
| 36 | ڦالو ٻَلا | ناول | رسول ميمڻ | 150/- |
| 37 | دل جي خانہ بدوشي | شاعري | فياض لطيف | 230/- |
| 38 | نئون آدب نيون ڳالهيون | اپياس | چندر ڪيسواڻي | 250/- |
| 39 | بارش ۾ وسارڻ جون ڳالهيون | نظمَ | آدرش | 250/- |
| 40 | ٿــر **(ٽيون ايڊيشن)** | مضمونَ ۽ مقالا | عبدالقادر منگي | 400/- |
| 41 | نڪري پيس نيپالَ ڏانهن | سفرنامو | اسحاق انصاري | 200/- |
| 42 | پيشڪار | انٽرويوز (ترتيب) | ڪوثر ٻرڙو | 300/- |
| 43 | توبہ ڪجهہ بہ نہ مان | شاعري | شبير هاليپوٽو | 200/- |
| 44 | حليمان | ڪهاڻيون | رسول ميمڻ | 150/- |
| 45 | روشنيءَ جون ريکائون | شاعري (ترتيب) | حبدارسولنگي۽ياسين چانڊيو | 240/- |
| 46 | ريشم جهڙا خوابَ | شاعري | جميل سومرو | 200/- |
| 47 | تنهنجي نانءِ | شاعري | نشاء ڪنول | 130/- |
| 48 | خوابن جو پڙاڏو | شاعري | آغا سجاد زائر | 220/- |
| 49 | پکي پيار امن جا | سفرنامو | بشير منگي | 150/- |
| 50 | هوائيءَ جي هوائن مان | سفرنامو | قربان منگي | 300/- |
| 51 | سونهن سَچو سنسار | شاعري | مهيسر خادم رفيقي | 280/- |
| 52 | نور الوري | نعتيہ شاعري | ڊاڪٽر نجم نور ڦلپوٽو | 150/- |
| 53 | ڪُلياتِ زيب | شاعري (ترتيبَ) | ساجد سومرو | 500/- |
| 54 | دل جي ڳلي | شاعري | ساحر راهو | 150/- |
| 55 | يادگيرين جا البم | ڪالمَ | هدايت بلوچ | 500/- |
| 56 | شَفَقَ رَتي شامَ | شاعري | سيد سراج | 220/- |
| 57 | تبديلي: ڪڏهن نہ ٿڪبو **(ٽيون ايڊيشن)** | ڪالمَ | علي قاضي | 50/- |
| 58 | چِڪَ جا چَندن هارَ | تحقيقَ | آزاد بُخاري | 150/- |
| 59 | گُل گُل ھبڪار | مضمونَ | رئوف نظاماڻي | 150/- |
| 60 | نجومي | ناول | رسول ميمڻ | 220/- |
| 61 | ڳليان پريم نگر ديان | فن۽شخصيتَ(ترتيبَ) | ڪوثر ٻرڙو | 200/- |
| 62 | اداس روح ازلَ کان | فن۽شخصيت(ترتيب) | حبدار سولنگي | 250/- |
| 63 | اُڃَ جو آسمانُ | شاعري | بدر شاهہ | 250/- |
| 64 | سرگوشيون | ڪالمَ | امر اقبال | 120/- |
| 65 | عشقَ وِڌا انبورَ | شاعري | غلام عباس پنيرو | 100/- |
| 66 | مسافر سفر ۾ | شاعري | عبدالستار پنيرو | 200/- |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 67 | سارو ڏيھ ڏکارو | شاعري | هدايت بلوچ | 400/- |
| 68 | منهنجي روحَ اندر پڙاڏو | ناٽڪ | ايوب گاد | 180/- |
| 69 | سنڌي سئنيما: تاريخ جي آئيني ۾ | تحقيق | نازيہ قريشي | 180/- |
| 70 | جلي منهنجي جاڳ | مضمونَ | ڊاڪٽر مخمور بُخاري | 200/- |
| 71 | جيڪڏهن | شاعري | حسين جاگيراڻي | 200/- |
| 72 | حالُ فقيري... (سوانح: حيات مائي بيگم فقيرياڻي) | تحقيق | اختر درگاهي | 250/- |
| 73 | عشقَ جو آسيب | ڪهاڻيون | رسول ميمڻ | 140/- |
| 74 | سائنس ڏنو سوجهرو | ٻاراڻي شاعري | آزاد بُخاري | 100/- |
| 75 | آءُ اسان وٽ ويهُ...... | انٽرويو | امر اقبال | 160/- |
| 76 | صبح جو ستارو | طارق عالم فن ۽ شخصيت | حبدار سولنگي | 350/- |
| 77 | اجان سوچ ۾ آهيان | شاعري | علي حسن سرڪي | 220/- |
| 78 | مچلي شهزادي | ٻارن لاءِ ڪهاڻيون | بينا فصاحت | 150/- |
| 79 | سِجَ ڳني ڳيڙي | شاعري | حيدر شاھ | 280/- |
| 80 | بنارس کان برمودا | سفرنامو | الطاف شيخ | 500/- |
| 81 | لفظ آوارا بادل | ريڊيو اسڪرپٽس | ڪوثر ٻرڙو | 180/- |
| 82 | ساهان اوڏا سپرين | سفرنامو | عنايت بلوچ | 500/- |
| 83 | مهمان جهرڪي | ٻارڙن لاءِ ڪهاڻيون | وحيد محسن | 80/- |
| 84 | خانہ بدوش جو خواب...... گورک | سفرنامو | سهيل ابڙو | 150/- |
| 85 | وجودَ جي ڳولا | ڪهاڻيون | فرزانہ شاهين | 250/- |
| 86 | خوابن جا رستا | ڪهاڻيون | منور سراج | 200/- |
| 87 | رنگين بهارون | يادگيريون | عطا محمد جسڪاڻي | 160/- |
| 88 | زيب النساء | طويل ڪهاڻي | محمود مغل | 400/- |
| 89 | عَني ۽ مَائَو | ٻارڙن لاءِ ڪهاڻيون | انور ابڙو | 100/- |
| 90 | گل ۽ مکڙيون | ٻارڙن لاءِ شاعري | اختر درگاهي | 80/- |
| 91 | عشق ميرانپور | صوفي فقير ڪرم ٽالپر جي شاعري | مرتب: صوفي سيف الله ٽالپر | 250/- |
| 92 | حياتيءَ جي ميڙي چونڊي | نثري لکڻيون ۽ شاعري | لعل بخش منگي | 300/- |
| 93 | ڏرت پيراڻو پنيرو | تحقيق | عبدالستار پنيرو | 150/- |
| 94 | سنڌ جو سياسي ۽ سماجي شعور | مضمونَ | شهبان سهتو | 350/- |
| 95 | ٿــر اُجارو سنڌُ ساري | شاعري | غلام عباس پنيرو | 100/- |
| 96 | هر آسَ اُجاري آ | شاعري | جاويد پنهور | 220/- |
| 97 | زندگي هڪ سفر | آتم ڪٿا | محمد علي شيخ | 500/- |
| 98 | جذبن جي خوشبوءِ | شاعري | خواجہ ذوالفقار | 300/- |
| 99 | پيار درياھ | ناول | اسحاق انصاري | 250/- |

گهرائڻ لاءِ رابطو ڪندا:

**0300-3116231 – 0331-3067097**